سال (18) سومر 20 اپريل 2026ع 02 ذوالقعد 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (208)

ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت حيدرآباد

Regd: NO-2430-B

68 YEAR 1958 - 2026

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) سومر 20 اپريل 2026ع 02 ذوالقعد 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (245)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Monday 20th April 2026

سال (18) سومر 20 اپريل 2026ع 02 ذوالقعد 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (208)

پاڪستان دوست ملڪن جي تعاون سان خطي ۾ امن ۽ استحڪام سنجيده ڪوششون جاري رکندو: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف ايران جي صدر مسعود پزشڪيان سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو خوشگوار ۽ دوستاڻي ڳالهين دوران پنهنجي اڳواڻن خطي جي صورتحال تي تفصيل سان بحث ڪيو

سعودي عرب، قطر ۽ ترڪي سميت مختلف عالمي اڳواڻن سان رابطا خطي ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي عمل جي حق ۾ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ ۾ تمام مددگار ثابت ٿيا آهن

فيلڊ مارشل عاصم منير جو هلندڙ هفتي ۾ تهران جي دوري دوران ايراني قيادت پاران تعميري ڳالهيون ڪرڻ تي ٿورائتا آهيون. اسان مخلصانہ ۽ سنجيده ڪوششون جاري رکنداسين

ايران جي صدر پاڪستان جي وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جو امن جي ڪوشش لاءِ مضبوط عزم تي ٿورو مڃيو. ايندڙ ڏينهن ۾ ايران ۽ پاڪستان وچ ۾ لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا: پزشڪيان

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم شهباز شريف ايراني صدر مسعود پزشڪيان کي ٽيليفون ڪيو ۽ کيس سعودي عرب ۽ ٻين ملڪن جي پنهنجي دوري بابت آگاهه ڪيو ۽ ورجايو ته پاڪستان پنهنجي دوست ملڪن جي تعاون سان خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي فروغ ڏيڻ لاءِ پنهنجون مخلص ۽ سنجيده ڪوششون جاري رکندو. وزيراعظم آفيس موجب، وزيراعظم شهباز شريف. بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد کان روٽ ٽو مڪه جي پهرين حج اڏام 270 پانڌيئڙن کي کڻي رواني

وفاقي وزير سردار محمد يوسف، ڊپٽي هيڊ مشن محمد ال علي ۽ ٻين حج پانڌيئڙن کي روانو ڪيو

پاڪستان ۽ سعودي عرب جي مثالي سهڪار سان حج انتظام مڪمل ٿيا: وفاقي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گادي واري بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ امن ڳالهين لاءِ پرڏيهي وفدن جي آمد شروع، سيڪيورٽي هاءِ الرٽ، حساس هنڌن تي ڪمانڊوز مقرر

ايران-آمريڪا جنگ بندي ڳالهين کي نظر ۾ رکندي ايندڙ اطلاع تائين هر قسم جي خانگي ۽ سرڪاري ٽرانسپورٽ کي معطل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو، متبادل روٽس قائم

بين الاقوامي ميڊيا جا نمائندا پاڪستان ۾ اچڻ شروع ٿي ويا، شهر ۾ سرچ، سوئيپ ۽ انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشن تيز، شڪي ماڻهن جي ويجهڙائي سان نگراني شروع ڪئي وئي

پرڏيهي مهمانن کي خانگي هوٽلن ۾ رهائش ڏني ويندي، سيڪيورٽي لاءِ ڪل 18,000 اهلڪار مقرر ڪيا ويندا، پوليس آفيسرن کي موبائل فون استعمال ڪرڻ جي اجازت نه هوندي

پبلڪ ٽرانسپورٽ هب، گڊز ٽرانسپورٽ، پرائيويٽ رينٽ اي ڪار سروسز سميت وي وي آءِ پي روٽس تي مارڪيٽون، شادي هال ۽ ٻيا ڪاروباري مرڪز پڻ بند رهندا

حساس جڳهين، اهم سرڪاري ۽ خانگي عمارتن ۽ رهائشن جي چوڌاري تربيت يافته سنائپرز ۽ ايليٽ ڪمانڊوز مقرر، سيف سٽي ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرائن ذريعي 24 ڪلاڪ نگراني جاري

آمريڪا-ايران جنگ بندي جي 15 ڏينهن واري مدت ختم ٿيڻ ۾ باقي ٿي ڏينهن رهجي ويا، جيڪڏهن ڳالهين ۾ ڪا اڳڀرائي نه ٿي ته جنگ جو خطرو وڌي سگهي ٿو: سينئر آمريڪي عهديدار

اسلام آباد/ راولپنڊي (م ر د) اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ ايران-آمريڪا جنگ بندي ڳالهين کي نظر ۾ رکندي، ايندڙ اطلاع تائين هر قسم جي خانگي ۽ سرڪاري ٽرانسپورٽ کي معطل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي اسلام آباد ۾ ايران-آمريڪا ڳالهين کي نظر ۾ رکندي، سيڪيورٽي هاءِ الرٽ ڪئي وئي آهي ۽ غير معمولي سيڪيورٽي انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايران آمريڪا ڳالهين جي حوالي سان عالمي رهنمائن جي وفاقي راڄڌاني آمد تي حفاظتي انتظام سخت ڪيا ويا آهن

آمريڪا وٽ اسان کي ائٽمي هٿيارن جي حق کان محروم ڪرڻ جو ڪوبه جواز ناهي: ايراني صدر

ڪنهن ملڪ تي حملو ڪرڻ جو ارادو نٿا رکون، پنهنجي دفاع جو قانوني ۽ جائز حق استعمال ڪريون پيا

دشمن پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو، ٽرمپ ايراني عوام کي سندس حقن کان روڪي نٿو سگهي

ايراني تهذيب تباهه ڪرڻ، ان کي پٿر جي دور ۾ موڪلڻ جا بيان دشمن جي عزمن کي ظاهر ڪن ٿا

تهران (م ر د) ايراني صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته اسان ڪنهن ملڪ تي حملو ڪرڻ جو ارادو نٿا رکون پنهنجي دفاع جو قانوني ۽ جائز حق استعمال ڪري رهيا آهيون هڪ بيان ۾ مسعود پزشڪيان چيو بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران پيٽروليم شعبي جي حمايت جاري رکڻ تي ٿورائتو آهيان: علي پرويز ملڪ

عالمي جنگي صورتحال ۽ معاشي دٻاءَ باوجود پاڪستان جي حالت ڪيترن ئي ملڪن کان بهتر آهي

حڪومت عام ماڻهو کي ترجيح ڏئي ٿي، ٻارڻ جي اگهن کي گهٽائڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن

اسلام آباد (اي پي پي) پيٽروليم جي وفاقي وزير علي پرويز ملڪ چيو آهي ته وزيراعظم جو پيٽروليم جي شعبي جي حمايت جاري رکڻ تي ٿورائتو آهيان هن چيو ته عالمي جنگي صورتحال سبب پيدا بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سينيٽ چيئرمين ۽ خيبرپختونخوا جي گورنر پاران مرحوم سردار ذوالفقار کوسا جي قرآن خواني ۾ شرڪت

اسلام آباد/ ڊيره غازي خان (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ۽ خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

خضدار ۾ ڦورن جي فائرنگ ۾ عورت ڪانسٽيبل سميت ٻه اهلڪار شهيد

ڦر واقعي بعد جوابدار جو پيڇو ڪرڻ تي هٿياربندن پوليس پارٽي مٿان فائرنگ ڪئي

فائرنگ ۾ عورت ڪانسٽيبل سميت ٻه اهلڪار شهيد ۽ ٻه اهلڪار زخمي ٿي پيا

خضدار (م ر د) بلوچستان جي علائقي خضدار ۾ فائرنگ ۾ عورت ڪانسٽيبل سميت ٻه اهلڪار شهيد ٿي ويا پوليس بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ هيوي ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ ايندڙ حڪم تائين معطل

اسلام آباد (اي پي پي) اسلام آباد جي ضلعي انتظاميه وفاقي راڄڌاني ۾ پبلڪ ۽ هيوي ٽرانسپورٽ جي حوالي سان اهم بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير قاسم آباد ۾ صاف پاڻي واري پلانٽ لاءِ ايراضي ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

ضلعي اختيارين طرفان ڳوٺ مصري شيخ ۾ اٽڪل 25 ايڪڙ زمين جي نشاندهي ڪئي وئي

تيزي سان وڌندڙ شهرن ۾ صحتمند ۽ صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي انتهائي اهم آهي: مراد علي شاهه

هي منصوبو عوام جي صحت، بهتر زندگي ۽ پائيدار شهري ترقي لاءِ پڻ اهم ڪردار ادا ڪندو: اجلاس کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وزيراعليٰ هائوس ۾ رٿيل هڪ اهم اجلاس جي صدارت ڪندي 6 ايم جي ڊي ريبڊ گريوٽي واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽ ناهڻ لاءِ ايراضي ڏيڻ جي منظوري بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

حليم عادل شيخ پاران ميهڙ ۾ شاگردياڻي سان هراسگي جي واقعي جي سخت مذمت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ ميهڙ ۾ فرسٽ ايئر جي شاگردياڻي شبانه بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هفتو اڳ گم ٿيل واپاري جو لاش هٿ آيو، قتل جو انڪشاف

ايف بي ايريا مان واپاري ريحان احمد پنهنجي سڻوٽ فيصل ڪريم سان گڏ نڪتو هو

پوليس فيصل ڪريم کي گرفتار ڪري پڇا ڳاڇا ڪئي ته هن ڏوهه جو اعتراف ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ايف بي ايريا مان 8 ڏينهن کان لاپتا ٿيل واپاري ريحان احمد جي لاش هٿ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

باقراڻي لڳ سڱ نه ڏيڻ تان ماءُ ۽ ڌيءُ جو وحشياڻو قتل، لاش درياءَ ۾ لوڙهيا ويا، گهر کي باهه

الاهي بخش سيال ٿاڻي جي حد ۾ شاهده جتوئي ۽ نوجوان نياڻي نغمه کي تشدد بعد گولين هڻي قتل ڪيو ويو

جوابدارن قتل ڪانپوءِ ٻنهي ماءُ ڌيءُ جا لاش درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيا ۽ سندن گهر کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو

پوليس جوابدارن کان مبينا طور لکين روپيا رشوت وٺي گهرو جهيڙي جو ڪيس داخل ڪيو آهي: ذريعا

لاڙڪاڻو (رپورٽ: عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي جي باقراڻي لڳ الاهي بخش سيال ٿاڻي جي حد ۾ انسانيت کي لڄائيندڙ واقعو پيش آيو آهي جتي ماءُ شاهده جتوئي ۽ سندس نوجوان نياڻي نغمه جتوئي کي مبينا طور سڱ نه ڏيڻ تان وحشياڻي تشدد بعد گولين هڻي قتل ڪيو ويو وحشت جي انتها اها هئي ته جوابدارن قتل ڪانپوءِ لاشن کي درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو ۽ مقتولن جي گهر بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: قتل ٿيل ماءُ ڌيءُ جا لاش پيل آهن

ڪراچي ۾ جوابدارن جي فائرنگ ۾ پورهيت نوجوان قتل ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلديا ٽائون جي علائقي گلشن مزدور پي ايس او پمپ واري گهٽي ۾ گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ 22 سالن جو نوجوان مهشان قتل ٿي ويو ۽ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

وومين ايڪشن فورم جو وفد چونڊڪو پهتو، روبينه چانڊيو جي قبر تي پهچي جنازي نماز پڙهي وئي

ڊاڪٽر عرفانه ملاح، حسين مسرت، شهناز شيخ، راڌا ڀيل ڪرشنا ڪولهي ۽ ٻين مقتول ناري جي وارثن سان تعزيت ڪئي

خالده جي قتل جي واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي، ڪاروڪاري جو نظام ختم ڪيو وڃي: اڳواڻ

عورتن تي تشدد بابت موجود قانونن تي سختي سان عملدرآمد ڪرائي عورتن جي تحفظ لاءِ موثر پائيدار حڪمت عملي جوڙي وڃي

حيدرآباد (اسحاق رپورٽر) خيرپور ميرس جي ٿندو مستي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ٻٽو چانڊيو ۾ هجوم گڏ ڪري شادي شده نوجوان نياڻي روبينا خالده چانڊيو جي وحشياڻي قتل ۽ بنا غسل ۽ جنازي نماز جي قبر کوٽي دفن ڪرڻ خلاف وومين ايڪشن فورم حيدرآباد جو وفد ڪلهه ڳوٺ ٻٽو چانڊيو پهچي شهيد روبينا خالده چانڊيو جي آخري آرامگاهه قبرستان ۾ جنازي نماز پڙهي آخري آرامگاهه تي اجرڪون پوتيون ۽ گل رکي احتجاجي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

آمريڪا يورپي يونين جي لاڳاپن کي چيلنجز جي باوجود نيٽو تان هٿ نه ڪڍندو: سيڪريٽري جنرل

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ نيٽو جي ڪجهه ميمبرن کان ناراض آهي ۽ هو ان ناراضگي کي سمجهندا آهن

نيٽو "غير صحت مندانه دارومدار" کان حقيقي شراڪتداري تي ٻڌل اتحاد طرف وڌي رهيو آهي

ميونخ (اي پي پي) نيٽو جي سيڪريٽري جنرل مارڪ روٽي چيو آهي ته هن جو سمجهڻ آهي ته آمريڪا ۽ يورپي يونين جي لاڳاپن کي درپيش چئلنجز جي باوجود آمريڪا نيٽو تان هٿ نه ڪڍندو ۽ ان لاءِ "هڪ مضبوط بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: هڪ موٽرسائيڪل سوار ڪاٺيون کڻي وڃي رهيو آهي ٻي طرف ڪاٺين مٿان ٻارڙا ويٺل نظر اچي رهيا آهن

ڪراچي جي واپارين ڪاروباري وقت ۾ واڌ ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ملڪ ۾ سستي متبادل توانائي جا لڳ ڀڳ 12 هزار ميگاواٽ وسيلا موجود آهن

دڪانن جو وقت رات 10 وڳي تائين وڌائڻ ۽ بلوچستان جي گيس ذخائر استعمال جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) واپاري برادري بجلي ۽ گيس جي بحران تي سخت تحفظات ظاهر ڪندي دڪانن جو وقت رات 10 وڳي تائين وڌائڻ ۽ بلوچستان جي گيس ذخائر استعمال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽرالر ۽ ڊمپر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار ٻه نوجوان حياتيون وڃائي ويٺا

ماڙيپور روڊ تيز رفتار ٽرالر جو ٽڪر لڳڻ سبب موٽرسائيڪل سوار شخص موقعي تي فوت ٿي ويو

سپر هاءِ وي تي ڊمپر موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو، حادثي عبدالله نالي نوجوان فوت ٿيو

حادثي ۾ هڪ ڇڙو زخمي ٿي پيو، پوليس ٽرالر ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو، ڊمپر ڊرائيور فرار ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر ۾ ٻن مختلف ٽريفڪ حادثن ۾ ٽرالر ۽ ڊمپر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار ٻه نوجوان پنهنجيون حياتيون وڃائي ويٺا، پهريون حادثو ماڙيپور روڊ تي پيش آيو جتي هڪ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

يوڪرين ۾ هٿياربند جي فائرنگ سبب 6 ڄڻا مارجي ويا، 14 زخمي

شهر جي ڏکڻ واري علائقي ۾ هٿياربند شخص روڊ تي پنڌ هلندڙ ماڻهن تي فائرنگ ڪئي

سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي دوران 58 سالن جي حملو ڪندڙ شخص کي ماريو ويو آهي

ڪيف (اي پي پي) يوڪرين جي گادي واري شهر ڪيف ۾ فائرنگ جي هڪ واقعي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 6 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته 14 بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اتر ڪوريا ستون پيرو بيلسٽڪ ميزائلن جو تجربو ڪري ڇڏيو، خطي ۾ ڇڪتاڻ جي لهر

اوڀر جي سامونڊي ڪناري ويجهو سمنڊ ڏانهن ڪيترائي بيلسٽڪ ميزائل فائر ڪيا ويا آهن

هلندڙ سال جو ستون ۽ رڳو اپريل مهيني دوران چوٿون ميزائل تجربو ڪيو ويو، خطي ۾ ڇڪتاڻ جاري

پيانگ يانگ (اي پي پي) اتر ڪوريا اوڀر سامونڊي ڪناري ويجهو سمنڊ ڏانهن ڪيترائي بيلسٽڪ ميزائل فائر ڪري ڇڏيا بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪيوبا تي پابنديون ختم ڪيون وڃن، برازيلي صدر جو آمريڪا کان مطالبو

آمريڪا کي ڪيوبا جي عوام جي خودمختيار فيصلي جي حق کي به تسليم ڪرڻ گهرجي

عالمي سطح تي انساني مسئلن کي نظرانداز ڪرڻ بدران فوري قدمن جي ضرورت آهي

برازيليا (اي پي پي) برازيل جي صدر لوئيزاناسيو لولاڊاسلوا آمريڪا تي زور ڀريو آهي ته هو ڪيوبا تي لاڳو پابنديون ختم ڪري. پرڏيهي ميڊيا مطابق بيان ۾ برازيلي صدر ڪيوبا تي ان ظالماڻي پابندي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سينيٽر اسحاق ڊار جو پولينڊ جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سان رابطو، سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

ٽيليفونڪ رابطي دوران ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ پولينڊ وچ ۾ لاڳاپن ۾ هاڪاري اڳڀرائي جي واکاڻ ڪئي

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگ بندي ۾ سهولت ڪاري لاءِ پاڪستان جي ڪوششن جي تعريف

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جو پولينڊ جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير راڊوسلو سڪورسڪي ٽيليفون تي رابطو ٿيو آهي پرڏيهي وزارت مان جاري ٿيل بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سنڌ سرڪار اقليتن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ خاص اپاءَ وٺي رهي آهي: شام سندر آڏواڻي

پيپلز پارٽي جيڪو هن وقت اقليتن لاءِ ڪم ڪيو آهي جو مثال تاريخ ۾ نه ٿو ملي

هن وقت اقليتن جا مندر، ڪميونٽي سينٽر ۽ هال ناهڻ سان اقليتن ۾ احساس محرومي ختم ٿي آهي

ماتلي (ن ع) اقليتن وارن معاملن بابت وڏي وزير جي معاون خاص ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ماتلي شهر ۾ درگا ديوي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ماتلي: صوبائي صلاحڪار ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ڪميونٽي هال جو افتتاح ڪري رهيو آهي

آبناءِ هرمز مان گذرندڙ پاڪستاني جهاز ڪچو تيل کڻي ڪراچي پهچي ويو

شالامار نالي جهاز يو اي اي مان ڪچو تيل کڻي ڪراچي پورٽ پهچي ويو آهي: ذريعا

آمريڪي ناڪابندي ڪانپوءِ ڪجهه ڏينهن سان آبناءِ هرمز مان نڪرندڙ اهو پهريون جهاز آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آبناءِ هرمز مان گذرندڙ پاڪستاني جهاز ڪچو تيل کڻي ڪراچي پورٽ پهچي ويو ذريعن موجب شالامار جهاز ڪچي تيل سان ڪراچي پورٽ پهچي ويو آهي ان جهاز ۾ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

حڪومت جنهن تيزي سان پيٽروليم، ٽيڪسن ۾ واڌ ڪئي، اهڙي طرح اگهه گهٽائي: ڪاشف سعيد

سنڌ ۾ بدامني، ڌاڙيل راڄ ۽ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي عوام جو جيئڻ مشڪل بڻائي ڇڏيو آهي

صرف ڏيڍ مهيني دوران پيٽروليم ليوي جي مد ۾ عوام جي کيسي تي 180 ارب روپين جو ڌاڙو هنيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ مطالبو ڪيو آهي ته حڪومت جنهن تيزي سان پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ ڪئي ساڳي تيزي سان اگهه گهٽائي ان جا اثرات عوام تائين پهچائڻ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ جي دعويٰ عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش آهي: سعديه جاويد

جماعت اسلامي امير منعم ظفر خان جي ميڊيا ٽاڪ مڪمل ڪوڙ ۽ منفي پروپيگنڊا تي ٻڌل آهي

ماضي ۾ ايماندار مئيرن جو ورونگ ڪندڙ پارٽي اڄ ٻاڻ کٽوڙي ۾ بيٺل آهي: صوبائي ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان جي الزامن کي رد ڪري ڇڏيو پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سعديه جاويد پنهنجي بيان ۾ چيو ته منعم بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پ پ عوامي مسئلن تان ڌيان هٽائڻ لاءِ الزامن واري سياست ڪري پئي: ف ليگ

ڪرپشن، مهانگائي ۽ عوام دشمن پاليسين جي ذميواري پيپلز پارٽي تي عائد ٿئي ٿي

حڪومت پنهنجي ناڪامين لڪائڻ لاءِ سياسي مخالفن تي تنقيد جو سهارو وٺي رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي ترجمان پيپلز پارٽي جي ڌاڙي بيان تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته پيپلز پارٽي عوامي مسئلن تان ڌيان هٽائڻ لاءِ صرف بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پيءُ ۽ پٽ جي سربراهي ۾ هلندڙ 8 رڪني ڌوهاري گينگ گرفتار

تيموريه پوليس ڪارروائي ڪندي گينگ جي سربراهه منصور سندس پٽ فهد ۽ ٻين کي سوگهو ڪيو

جوابدارن وٽان 6 پسٽل، 2 نقلي پسٽل ۽ 3 موٽرسائيڪلون 17 موبائل فون، ٻيو سامان هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سينٽرل ڊاڪٽر عمران خان اهم پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته ڊسٽرڪٽ سينٽرل پوليس ٿاڻو تيموريه جي حد ۾ وڏي ۽ ڪامياب ڪارروائي ڪندي 8 رڪني بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پ پ وارن کان اسان جي ڪاميابي هضم نه پئي ٿئي: مسرور احمد جتوئي

ڪوبه ماڻهو اسان جو پروگرام ڪري ته ان جي ملڪيتن تي قبضو ڪيو وڃي ٿو

سنڌ جو ماڻهو هاڻي انهن مان بيزار ٿي چڪو آهي جيڪو ايندڙ اليڪشن ۾ کين ناڪام بڻائيندا

نوشهروفيروز (ن ع) اين پي پي اڳواڻ مسرور احمد جتوئي جي نوان جتوئي ۾ پنهنجي هائوس تي پريس ڪانفرنس اڳوڻي صوبائي وزير ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته پ پ وارا هاڻي سياسي انتقام تي لهي آيا آهن جن کي اسان جي ڪاميابي طرف ويندڙ رک هضم نه پئي ٿئي هاڻي ڪوبه ماڻهو اسان جو پروگرام ڪري ته ان جي ملڪيتن تي قبضو ڪيو وڃي ٿو يا وري بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سورو: اين پي پي اڳواڻ مسرور جتوئي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

آمريڪي عوام ان جنگ جي حق ۾ ناهي اسرائيلي وزيراعظم اسان کي ايران سان جنگ ڏانهن ڌڪيو: ڪملا هيرس

ڊونلڊ ٽرمپ جنگ کي جيفري ايپسٽين بابت دستاويز جاري ٿيڻ تان ڌيان هٽائڻ لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي

اسرائيلي وزيراعظم بن يامين نيتن ياهو آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي ايران سان جنگ ڏانهن ڌڪيو آهي

آئون ٻيهر صدر لاءِ چونڊ وڙهڻ تي سنجيدگي سان غور ڪري رهي آهي: اڳوڻي آمريڪي نائب صدر جون ڳالهيون

واشنگٽن (اي پي پي) اڳوڻي آمريڪي نائب صدر ڪملا هيرس چيو آهي ته اسرائيلي وزيراعظم بن يامين نيتن ياهو ڊونلڊ ٽرمپ کي ايران سان جنگ ڏانهن ڌڪيو پرڏيهي ميڊيا مطابق ڪملا هيرس ان دعويٰ لاءِ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين سيدال خان پاران اهم شخصيتن کي آجياڻو ڏنو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين سيدال خان پاران منسٽر انڪليو بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ميڪسيڪو ۾ هٿياربندن جي حملي ۾ 8 ڄڻا مارجي ويا

ميڪسيڪو سٽي (اي پي پي) ميڪسيڪو جي رياست موريلوس جي علائقي آيالا ۾ هٿياربندن جي حملي ۾ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

اسرائيل وچ اوڀر ۾ جنگ جي بهاني وڌيڪ ايراضي تي قبضي جي ڪوشش ڪري رهيو آهي: ترڪ پرڏيهي وزير

هو پنهنجي تحفظ کي يقيني بڻائڻ جي ڪوشش نه پيو ڪري پر وڌيڪ زمين حاصل ڪرڻ چاهي ٿو

وزيراعظم نيتن ياهو جي حڪومت سيڪيورٽي کي بهانو بڻائي توسيع پسنداڻا قدم کڻي رهي آهي

لبنان ۽ شام جي علائقن تي اهو مسلسل قبضو ۽ توسيع آهي جنهن کي روڪڻ ضروري آهي

انقره (اي پي پي) ترڪيه جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان اسرائيل تي الزام لڳايو آهي ته هو وچ اوڀر ۾ جاري جنگ کي هڪ بهاني بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ايران تي آمريڪا ۽ اسرائيل جي جارحيت پوري امت خلاف اعلان جنگ آهي: مذهبي اڳواڻ

حضرت امام حسينؑ جي عظيم شهادت اهو ثابت ڪيو ته حق کي ڪڏهن به مٽائي نٿو سگهجي

پاڪستان جو خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ مثبت ۽ متوازن ڪردار ساراهه جوڳو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شيعا تنظيمن جي اڳواڻن ۽ مختلف علمائن ايم اي جناح روڊ تي واقع مسجد ۽ امام بارگاهه علي رضا ۾ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

لبنان ۾ فرانسيسي امن اهلڪار مارجي ويو، گڏيل قومن جي سربراهه جي مذمت

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش لبنان ۾ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي ثالثي سبب ٽئين عالمي جنگ جو خطرو ٽري ويو آهي: سيد ناصر حسين شاهه

صدر آصف زرداري، فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ وزيراعظم جي ڪوشش سان دنيا ۾ امن قائم ٿي رهيو آهي

ملڪ جي معيشت ۾ بهتري لاءِ اميدون وڌي رهيون آهن ۽ الله پاڪ پاڪستان تي پنهنجو خاص ڪرم ڪندو

پوليس ڪارروايون دوران ڪيترائي ڌاڙيل مارجي چڪا آهن ۽ هاڻي انهن وٽ هٿيار ڦٽا ڪرڻ کانسواءِ ڪو به رستو ناهي

سکر (بيورو رپورٽ) سيد ناصر حسين شاهه سکر پريس ڪلب ۾ اهم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پاڪستان عالمي ثالثي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي جنهن تي الله پاڪ جا شڪرگذار آهيون. هن چيو بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ملتان: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني سان روانڊا جي هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪري رهي آهي

پاڪستان ۾ دالين جي قومي آمدني واڌار ۾ 24.19 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) دالين جي قومي آمدني واڌار ۾ جاري مالي سال جي شروعاتي 9 مهينن ۾ 24.19 سيڪڙو بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۾ اميگريشن حراست هيٺ هلندڙ سال هن وقت تائين 17 ماڻهو فوت ٿي چڪا

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا ۾ اميگريشن حراست دوران هلندڙ سال هن بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شادي جي تقريب دوران گروپن ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ ٻه ڄڻا مارجي ويا، 4 زخمي

گلشن معمار رينبو ٽاور ويجهو رات جو شادي تقريب جهيڙو ٿيو، صبح جو ڌرين هڪٻئي تي فائرنگ ڪئي

گوليون لڳڻ سبب 40 سالن جو جلال پٽ اشرف ۽ 45 سالن جو مهران گل ولد صمن گل مارجي ويا

فائرنگ ۾ مشرنگ پٽ چنار گل سندس پٽ نعمان، وطن گل ۽ سندس پٽ ارشاد زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سائيٽ سپر هاءِ وي ٿاڻي جي حد گلشن معمار رينبو ٽاور ويجهو فائرنگ جي واقعي ۾ 2 ماڻهو مارجي ويا ۽ چار ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. لاش ۽ زخمين کي چيپا ايمبولينس بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ ايڊز متاثر ماڻهن جو انگ وڌي 3 لک 70 هزار ٿي ويو: رپورٽ

بلڊ بينڪن جي سخت نگراني ۽ رت جي مڪمل اسڪريننگ يقيني بڻائڻ ضروري آهي

فوري ۽ مؤثر قدم نه کنيا ويا ته صورتحال وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿي: ماهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ماهرين صحت موجب پاڪستان ۾ ايچ آءِ وي سان متاثر ماڻهن جو انگ وڌي ڪري لڳ ڀڳ 3 لک 70 بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڀتا خوري ڪندڙ "صمد ڪانڊياوڙي" گروهه جا 3 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) خفيه اطلاع جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي نيو ڪراچي علائقي مان ڀتو خوري بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سکر ۾ شر،سيلرا،سولنگي،پنيا،ڏاڏون،ڪوش،ٽوڙٽ برادرين هلندڙ تڪرار جي نبيري ۾ ڊيڊ لاڪ

سردارن جي ٻن ڏينهن جي ڪوشش جي باوجود ڊيڊ لاڪ سبب فتوي هڪ هفتي تائين ملتوي ڳالهيون بنا نتيجي ختم

ڪوشش آهي ته ڪنهن سان ڪا به ناانصافي نه ٿئي، ان لاءِ سمورن معاملن کي غور سان ڏٺو پيو وڃي: علي گوهر مهر

جرڳي کي اميد آهي ته هڪ هفتي اندر باقي رهيل معاملا اڪلائي حتمي فتويٰ جاري ڪئي ويندي

سکر (رپورٽ خالد ٻانڀڻ) گهوٽڪي ضلعي ۾ سٽن ڌرين ۾ 40سالن کان هلندڙ خوني تڪرار جو نبيرو مختلف برادرين جي سردارن جي ٻن ڏينهن جي ڪوشش جي باوجود ڊيڊ لاڪ سبب فتوي وارو عمل هڪ هفتي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سکر: سکر ۾ شر،سيلرا،سولنگي،پنيا،ڏاڏن،ڪوش،ٽوڙٽ برادرين ۾ هلندڙ تڪرار نبيري لاءِ ڌرين جا ڇڳا سڙس ڳالهيون ڪري رهيا آهن

سورو ۾ هٿياربندن جي گهر تي ڪاهه، گهرڌڻي کي زخمي ڪري ٻه ڇوڪريون اغوا ڪري ويا

نوراني ڪالوني ۾ هٿياربندن گوليون هڻي عزيز الله پٽو کي زخمي ڪري سندس ٻن نياڻين کي اغوا ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي کي اسپتال منتقل ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪري ڏني

ڪجهه ڏينهن اڳ عزيز الله جو پٽ ماڇين جي ڇوڪري کي اغوا ڪيو هو ٿي سگهي انهن پلانڊ ڪيو آهي: پوليس

سورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) سورو شهر جي نوراني ڪالوني ۾ گهر تي هٿياربندن جو حملو گهر ڌڻي عزيز الله پٽو گوليون لڳڻ سبب زخمي هٿياربند ٻه ڇوڪريون به اغوا ڪري ويا زخمي عزيز الله پٽو ٻڌايو ته ماڇي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ايف آءِ اي ٽيم جو ڇاپو، جعلي دوائون تيار ڪندڙ هڪ جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي جاچ اداري (FIA) ڪراچي زون جي پبلڪ ريليشن سيل موجب ايف آءِ اي اينٽي ڪرپشن سرڪل بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ ملڪي معيشت ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا: سردار شاهه

ڊيري، زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ نمائش سان جديد طريقن بابت آگاهي حاصل ڪرڻ جا موقعا ملن ٿا

لائيو اسٽاڪ تي ڌيان ڏئي نه معيشت ۽ فوڊ سيڪيورٽي جي چيلينجن کي منهن ڏئي سگهجي ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ڊيري ايگريڪلچر اينڊ لائيو اسٽاڪ فارمرز ايسوسيئيشن (DALFA) جي اهتمام هيٺ ڊيري، زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ نمائش منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ صوبائي وزير تعليم بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ٽئون ڪوٽ: عوامي تحريڪ جي تقريب ۾ ٻارڙا ٽيبلو پيش ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ وحشي جوابدار پنهنجي اڳوڻي زال ۽ ٻن معصوم ٻارن تي فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو

بلديا ٽائون سعيد آباد ۾ گهريلو تڪرار تي جوابدار شوڪت اڳوڻي زال ۽ ٻارڙن تي فائرنگ ڪئي

فائرنگ ۾ 35 سالن جي سميعه ۽ سندس ٻه پٽ 14 سالن جو شهروز ۽ 12 سالن جو عبدالله قتل ٿي ويا

جوابدار ٻه سال اڳ عورت کي طلاق ڏني هئي، واقعي بعد هو فرار ٿي ويو، پوليس پاران جاچ شروع

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) ڪراچي جي بلديا ٽائون سعيد آباد واري علائقي ۾ گهريلو تڪرار تي فائرنگ جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي جتي هڪ شخص پنهنجي زال ۽ ٻن ٻارن کي گوليون هڻي بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

[redacted]

شهر سال 2026ع جي حج آپريشن جي باقاعده شروعات ٿي وئي آهي. اسلام آباد کان "روٽ ٽو مڪ" منصوبي تحت پهرين حج اڏام ايس وي 5723 ذريعي 270 حج پاڌيئڙن کي کڻي مديني روانِي ٿي وئي. مذهبي معاملن بابت وفاقي وزير سردار محمد يوسف، سعودي ڊپٽي هيڊ مشن محمد ال علي، جوائنٽ سيڪريٽري حج محمد بخش سانگي حج پاڌيئڙن کي رخصت ڪيو. وفاقي وزير سردار محمد يوسف بهترين سهولتن جي فراهمي ۾ سهڪار تي خادم الحرمين شريفين ولي عهد محمد بن سلمان، سعودي عرب جي حج ۽ عمري واري وزير ڊاڪٽر توفيق بن ربيعه ۽ سعودي سفير نواف بن سعيد المالڪي کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو. وفاقي وزير سردار محمد يوسف چيو ته اڄ 2026ع جي پهرين حج اڏام کي پلي پار روانو ڪيو ويو، هر حاجي لاءِ اهو لمحو زندگي جي يادگار ترين لمحن مان هڪ آهي. سعودي ويزن 2030ع ۽ حج بابت وزير ڊاڪٽر توفيق الربيعه جي ڪوشش جو اعتراف ڪندي هن جو چوڻ هو ته پاڪستان ۽ سعودي عرب جي مثالي سهڪار سان حج انتظام مڪمل ٿيا. پاڪستان جي حڪومت جي پهرين ترجيح حج پاڌيئڙن کي سهولت ۽ باوقار سفر جي فراهمي آهي. وفاقي وزير روٽ ٽو مڪ منصوبي کي پاڌيئڙن لاءِ انقلابي قرار ڏيندي چيو ته اسلام آباد ايئرپورٽ تي سعودي اميگريشن ۽ سفري مرحلا مڪمل ڪيا پيا وڃن. ان سهولت سان حج پاڌيئڙا سڌي ريت پنهنجي رهائش گاهه تائين پهچي سگهندا. اسلام آباد مان 36 هزار، ڪراچي مان 29 هزار 800 پاڌيئڙا فائدو حاصل ڪندا. پهريون پيرو لاهور مان به 30 هزار پاڌيئڙا روٽ ٽو مڪ سهولت حاصل ڪندا. مجموعي طور تي 95 هزار 800 پاڪستاني پاڌيئڙا ان جديد سهولت مان فائدو ڪندا. اهڙي طرح ڪل پاڌيئڙن جو 80 سيڪڙو روٽ ٽو مڪ منصوبي مان فائدو حاصل ڪندا. هن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف جي هدايت تي حج انتظام وڌيڪ بهتر بڻايا پيا وڃن. هر 188 پاڌيئڙن سان گڏ تربيت يافتا ناظم مقرر ڪيو ويو آهي. منيٰ، عرفات ۽ مزدلفه ۾ پاڌيئڙن جي مڪمل رهنمائي يقيني بڻائي ويندي. هر حاجي کي سعودي عرب پهچندي ئي مفت سعودي سم فراهم ڪئي ويندي. لاٽگ حج لاءِ 40 جي بي انٽرنيٽ سهولت ڏني ويندي. 24 هزار حاجين کي هاءِ اسپيڊ ٽرين ذريعي سفر جي سهولت فراهم ڪئي ويندي. هن چيو ته هلندڙ سال هڪ لک 19 هزار سرڪاري حاجين لاءِ خاص انتظام ڪيا ويا آهن. سمورن سرڪاري حاجين کي مديني ۾ مرڪزيه ويجهو رهائش ڏني وئي آهي. هن چيو ته حج رڳو عبادت نه پر روحاني تربيت جو ذريعو آهي. هن حج پاڌيئڙن کي صبر، نظم ۽ ضبط سان حج مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته سعودي قانونن جي پابندي ۽ خدام الحجاج جي هدايتن تي عمل ڪرڻ هر حاجي تي لازم قرار آهي. هن چيو ته حاجي پاڪستان جا سفير آهن، هاڪاري ڪردار ادا ڪن.

[redacted]

بين الاقوامي ميڊيا جا نمائندا پاڪستان ۾ اچڻ شروع ٿي ويا آهن. پاڪستان بين الاقوامي ميڊيا کي ويزا جاري ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. پرڏيهي ملڪن ۾ پاڪستاني سفارتخانن ۽ هاءِ ڪميشنن کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. ذريعن موجب، معزز پرڏيهي مهمانن کي خانگي هوٽلن ۾ رهائش ڏني ويندي، جڏهن ته سيڪيورٽي لاءِ ڪل 18,000 اهلڪار مقرر ڪيا ويندا، جن ۾ پنجاب جا 7,000 اهلڪار شامل آهن. ڊيوٽي تي موجود پوليس آفيسرن کي موبائل فون استعمال ڪرڻ جي اجازت نه هوندي ۽ سڀني اهلڪارن کي فساد مخالف ڪٽ استعمال ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. سيڪيورٽي انتظامن ۾ اسلام آباد پوليس سان گڏ پاڪستان رينجرز ۽ فرنٽيئر ڪور پڻ مقرر ڪيا ويندا، جڏهن ته ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏ گڏيل چيڪ پوسٽون پڻ قائم ڪيون وينديون. ايئرپورٽ کان هوٽل تائين رستي تي اهم عمارتن تي رينجرز سنائپرز مقرر ڪيا ويندا، جڏهن ته گرين بيلٽ ۽ سروس روڊ مڪمل طور تي صاف رکيا ويندا. هدايت ڪئي وئي آهي ته سروس ڪارڊ ڪانسواءِ ڪنهن به اهلڪار کي رستي دوران ڊيوٽي ايريا ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نه هوندي، جڏهن ته هوٽل جي چوڌاري سيڪيورٽي فورسز جون ڪيترئي پڪٽون قائم ڪيون ويون آهن. شهرين جي سهولت لاءِ مختلف هنڌن تي ٽريفڪ پوليس کي مقرر ڪيو ويو آهي ۽ متبادل ٽريفڪ پلان پڻ تيار ڪيو ويو آهي. اسپيشل برانچ پاران انٽيليجنس سپورٽ فراهم ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته شهر ۾ روڊن جي مرمت جو ڪم پڻ مڪمل ڪيو ويو آهي، خاص طور تي روٽ وارن علائقن ۾. راولپنڊي ۾ جنگ بندي جي حوالي سان ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ امن ڳالهين کي نظر ۾ رکندي سيڪيورٽي کي هاءِ الرٽ ڪيو ويو آهي، جڏهن ته شهر ۾ غير معمولي سيڪيورٽي اپاءَ لاڳو ڪيا ويا آهن. انتظاميا موجب، پبلڪ ٽرانسپورٽ هب، گڊز ٽرانسپورٽ، پرائيويٽ رينٽ اي ڪار سروسز پڻ ايندڙ اطلاع تائين بند رهنديون. جڏهن ته وي وي آءِ پي روٽس تي مارڪيٽون، گهٽيون، مري روڊ، فيض آباد، ڪمرشل مارڪيٽون ۽ ٻيا ڪاروباري مرڪز پڻ مخصوص وقتن تي بند ڪيا پيا وڃن. روٽ تي شادي هال بند ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون آهن. سيد خالد محمود همداني جي حڪم تي، راولپنڊي پوليس جا 10,000 کان وڌيڪ اهلڪار سيڪيورٽي ڊيوٽي تي مقرر آهن. جڏهن ته 600 کان وڌيڪ خاص پڪٽون قائم ڪيون ويون آهن ۽ شهر جي داخلا ۽ نڪرڻ وارن رستن تي سخت نگراني ڪئي پئي وڃي. ايليٽ فورس، ڊولفن فورس ۽ ٻيا ڪوئڪ ريسپانس يونٽ گشت تي آهن. جڏهن ته حساس هنڌن تي تربيت يافته سنائپرز ۽ ايليٽ ڪمانڊوز کي به مقرر ڪيو ويو آهي. شهر ۾ سرچ، سوئيپ ۽ انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشن تيز ڪيا ويا آهن ۽ شڪي ماڻهن جي ويجهڙائي سان نگراني ڪئي پئي وڃي. حساس تنصيبات، اهم سرڪاري ۽ خانگي جڳهن ۽ رهائشين جي چوڌاري سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي آهي، جڏهن ته سيف سٽي ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرائن ذريعي 24 ڪلاڪ نگراني جاري آهي. ٽريفڪ جي وهڪري کي برقرار رکڻ لاءِ هڪ خاص ٽريفڪ پلان ٺاهيو ويو آهي ۽ شهرين کي متبادل رستا فراهم ڪيا پيا وڃن. سيد خالد محمود همداني جو چوڻ آهي ته فول پروف سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ سڀئي وسيلا استعمال ڪيا پيا وڃن. ياد رهي ته آمريڪي ميڊيا موجب ڪالهه واشنگٽن ۾ وائيٽ هائوس جي صورتحال روم ۾ ايران جي صورتحال تي هڪ اهم اجلاس ٿيو جنهن جي صدارت آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪئي. صدر ٽرمپ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ ايرانين سان فون تي ڳالهايو. رپورٽن موجب، آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس، سيڪريٽري آف اسٽيٽ مارڪو روبيو، سيڪريٽري آف وار پيٽ هيگسيٿ، سيڪريٽري آف ٽريزري اسڪاٽ بيسنٽ ۽ وائيٽ هائوس چيف آف اسٽاف سوزي وائلز اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. ان کان علاوه، آمريڪي صدر جي خاص نمائندي اسٽيو وٽڪوف، سي آءِ اي ڊائريڪٽر جان ريٽڪلف ۽ چيئرمين آف جوائنٽ چيفس آف اسٽاف جنرل ڊين ڪين پڻ اجلاس ۾ موجود هئا. آمريڪي ميڊيا جو چوڻ آهي ته ملاقات دوران صدر ٽرمپ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پاڪستان جي آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ ايراني عملدارن سان فون تي رابطو ڪيو، جنهن ۾ موجوده صورتحال ۽ ممڪن ترقي تي بحث ڪيو ويو. ملاقات ۾ آبنائي هرمز جي تازي صورتحال ۽ ايران سان جاري ڳالهين جي مستقبل تي به بحث ڪيو ويو. ذريعن موجب، نائب صدر جي ڊي وينس، جيڪو اسلام آباد ۾ ٿيل تازين ڳالهين ۾ آمريڪي وفد جي اڳواڻي ڪري رهيو هو، مستقبل جي ممڪن ڳالهين جي اڳواڻي به ڪري سگهي ٿو. اهو ياد رکڻ گهرجي ته آمريڪا-ايران جنگ بندي جي 15 ڏينهن جي مدت ختم ٿيڻ ۾ صرف ٽي ڏينهن باقي آهن. صدر ٽرمپ اڳ ۾ هن هفتي ممڪن معاهدي جي اميد ظاهر ڪئي آهي، پر ڳالهين لاءِ ڪنهن تاريخ جو اعلان اڃا تائين نه ڪيو ويو آهي. هڪ سينئر آمريڪي عهديدار خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن ڳالهين ۾ ڪا به اڳڀرائي نه ٿي ته ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ ٽڪراءَ ۽ ممڪن طور تي جنگ جو خطرو وڌي سگهي ٿو ٻئي طرف، وائيٽ هائوس اڃا تائين صورتحال روم ۾ منعقد ٿيندڙ هن اهم ملاقات بابت ڪو به سرڪاري بيان جاري نه ڪيو آهي.

[redacted]

زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق اهو واقعو شهر جي ڏکڻ واري علائقي هولوسيفسڪي ضلعي ۾ پيش آيو. گهرو وزير ايهور ڪليمينڪو مطابق هٿياربند شخص اڳ ۾ روڊ تي پنڌ هلندڙ ماڻهن تي فائرنگ ڪئي، جنهن بعد هو هڪ ويجهي سپر مارڪيٽ ۾ داخل ٿي ڪجهه ماڻهن کي يرغمال بڻائي ورتو. اختيارين جو چوڻ آهي ته سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي دوران حملو ڪندڙ کي ماريو ويو آهي. رپورٽ مطابق حملو ڪندڙ جي عمر 58 سال هئي. يوڪرين جي سيڪيورٽي سروس (ايس ايس يو) ان واقعي کي دهشتگردي جي ڪارروائي قرار ڏيندي جاچ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي.

[redacted]

جنهن جي تصديق ڏکڻ ڪوريا ۽ جاپان ڪئي آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق هلندڙ سال اتر ڪوريا پاران سنون جڏهن ته رڳو اپريل ۾ چوٿون ميزائل تجربو آهي. ڏکڻ ڪوريا جي فوج مطابق ميزائل مقامي وقت مطابق صبح اٽڪل 6 لڳي 10 منٽن تي اوڀر واري سامونڊي ڪناري واري شهر سنپو ويجهو فائر ڪيا ويا. جاپاني اختيارين جو چوڻ آهي ته ميزائل بيٺ ڪوريا جي اوڀر واري سامونڊي ڪناري ويجهو ڪريا، پر جاپان جي خاص اقتصادي زون ۾ داخل ٿيڻ جي ڪا تصديق ناهي ٿي. واقعي بعد ڏکڻ ڪوريا جي صدارتي آفيس ۾ هنگامي سيڪيورٽي سجلاس طلب ڪيو ويو جڏهن ته ماهرن مطابق اهي تجربا اتر ڪوريا جي عسڪري صلاحيتن ۾ اضافي جي ڪوشش جو حصو آهن.

[redacted]

کي ختم ڪيو وڃي يا ڪيوبن عوام کي پنهنجي زندگي گذارڻ جو حق ڏنو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته آمريڪا کي ڪيوبا جي عوام جي خودمختيار فيصلي جي حق کي به تسليم ڪرڻ گهرجي. لولا داسلوا عالمي برادري کان هيٽي ۾ جاري انساني بحران تي به ڌيان ڏيڻ جي اپيل ڪئي. هن جو چوڻ هو ته هيٽي جا ماڻهو به بک جو شڪار آهن، پر هو احترام جا مستحق آهن. هن زور ڀريو ته عالمي سطح تي انساني مسئلن کي نظرانداز ڪرڻ بدران فوري قدمن جي ضرورت آهي.

[redacted]

بيان موجب ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ پولينڊ وچ ۾ لاڳاپن جي هاڪاري اڳڀرائي جي واکاڻ ڪئي ۽ گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي علائقائي ۽ عالمي معاملن تي پڻ تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. پولينڊ جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير رادو سلوسڪورسڪي ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگ بندي ۾ سهولتڪاري لاءِ پاڪستان جي ڪوشش جي تعريف ڪئي ۽ امن امان ۽ استحڪام کي هٿي وٺائڻ لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي حوالي سان پاڪستان جي عزم جي واکاڻ ڪئي.

[redacted]

مندر ۾ ستسنگ ڪميونٽي هال جي پيڙهه جو پٿر رکڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي چيو آهي ته سنڌ سرڪار اقليتن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ خاص اپاءَ وٺي رهي آهي جنهن سان اقليتن ۾ اعتماد وڌيو آهي هن چيو ته سنڌ سرڪار نه صرف اقليت پر هر مذهب جي ماڻهن جي ڀلي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي جيڪو هن وقت اقليتن لاءِ ڪم ڪيو آهي اهڙو مثال تاريخ ۾ نه ٿو ملي. هن چيو ته هن وقت اقليتن جا مندر، ڪميونٽي سينٽر ۽ ڪميونٽي هال ٺاهڻ سان اقليتن ۾ احساس محرومي ختم ٿي آهي ۽ مذهبي رواداري واري ۾ به نمايان اضافو نظر آيو آهي هن چيو ته ماتلي ۾ درگا ديوي جي ٿالي تعمير ٿيندڙ ڪميونٽي هال جي ٺهي مڪمل ٿيڻ سان ماتلي جا هندو مسلمان گڏجي □ ڪنديا جنهن به مذهبي رواداري کي هٿي ملندي ۽ سچل سرمست جي فلسفي کي تقويت ملندي. انهي کان اڳ صوبائي □ صلاحڪار تنزيلا قمبراڻي ، ڊاڪٽر ڏالو مل ، اشوڪ ڪمار ، ناٿ□ ڪمار ،عدنان □خاني ، راهول ڪمار ، □ پرڪاش ساميائي ، رميش ڪمار ۽ ٻين خطاب ڪيو انهي کان اڳ ڊاڪٽر شام سندر درگاهه مندر ڪميونٽي هال جو افتتاح ڪيو ۽ درگا ديوي مندر ۾ پوڄا □ئي .

[redacted]

ته اسان جو بنيادي موقف خطي ۾ امن، استحڪام ۽ سلامتي جي تحفظ تي ٻڌل آهي، اسان جنگ وڌائڻ نٿا چاهيون . هن چيو ته نه اسان ڪي جنگيون يا تڪرار شروع ڪيا ۽ نه ڪنهن ملڪ تي حملو ڪرڻ جو ارادو رکون ٿا، اسان پنهنجي دفاع جو قانوني ۽ جائز حق استعمال ڪري رهيا آهيون .سندس چوڻ هو ته ٽرمپ کي ڪو حق ناهي ته هو عوام کي ان جي حقن کان روڪي، ٽرمپ کي اهو حق ناهي ته هو چئي ايران پنهنجي جوهري حقن مان فائدو نٿو کڻي سگهي .مسعود پزشڪيان چيو ته دشمن پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو، ايراني تهذيب تباهه ڪرڻ، ان کي پٿر جي دور ۾ موڪلڻ جا بيان دشمن جي عزمن کي ظاهر ڪن ٿا.

[redacted]

ڪندي سميت مشهور سياسي شخصيتن سردار ذوالفقار علي خان ڪوسو مرحوم جي قرآن خواني ۾ شرڪت ڪئي آهي. قرآن خواني جي تقريب مرڪزي عيد گاهه ديره غازي خان ۾ منعقد ٿي. سينيٽ سيڪريٽريٽ مطابق ان موقعي تي سجاده نشين دربار حضرت موسيٰ پاڪ شهيد سيد ابوالحسن گيلاني پاران اجتماعي دعا ڪرائي وئي. هن مرحوم جي درجن جي بلندي ۽ مغفرت جي خاص دعا به ڪئي. تقريب ۾ قومي ۽ صوبائي قيادت ۽ معززن جو وڏو انگ شريڪ هو ان موقعي تي سردار حسام الدين ڪوسو جي دستار بندي ڪئي وئي ۽ کيس قبيلي جو چيف مقرر ڪيو ويو واضح رهي ته مرحوم سردار ذوالفقار ڪوسو مدبر، باوقار ۽ اصول پسند اڳواڻ هو سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ان موقعي تي چيو ته مرحوم ذوالفقار ڪوسو جي خدمتن کي هميشا ياد رکيو ويندو. ڪوسو خاندان جون سياسي ۽ عوامي خدمتون قابل قدر آهن. هن چيو ته اهڙا اڳواڻ قوم جو قيمتي اثاثو هوندا آهن.

[redacted]

اعلان ڪندي چيو آهي ته شهر ۾ هيوي ٽرانسپورٽ ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ کي ايندڙ حڪم تائين معطل ڪئي پئي وڃي. ضلعي انتظاميه اسلام آباد طرفان جاري بيان مطابق ان حوالي سان شهرين کي گذارش آهي ته سيڪيورٽي ادارن سان سهڪار ڪن.

[redacted]

ٿيل معاشي دٻاءَ باوجود پاڪستان جي حالت ڪيترن ئي ملڪن جي ڀيٽ ۾ بهتر آهي. مقامي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي علي پرويز ملڪ چيو ته حڪومت عام ماڻهو کي ترجيح ڏئي رهي آهي ۽ ٻارڻ جي اگهن جي دٻاءَ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن هن چيو ته پيٽروليم سيڪٽر ۾ استحڪام کي يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن جڏهن ته پاليسي سازي ۾ عوامي رليف کي مرڪزي حيثيت ڏني پئي وڃي. هن چيو ته جاري قدمن جو مقصد معاشي چيلينجز ۽ عوامي ضرورتن وچ ۾ توازن برقرار رکڻ آهي. هن ان ڳالهه تي اعتماد جو اظهار ڪيو ته لڳاتار سڌارن ۽ قيادت جي حمايت سان اڳتي ۾ استحڪام برقرار رکي سگهجي ٿو هن وڌيڪ چيو ته ملڪ جي سول ۽ عسڪري قيادت پنهنجي سفارتي ڪوشش ۽ پاڪستان جي عالمي حيثيت کي مضبوط بڻائڻ وارين ڪوششن تي خراج تحسين جا مستحق آهن. هن چيو ته ان قسم جون مربوط ڪوششون پاڪستان جي پوزيشن کي مضبوط بڻائڻ ۽ گڏيل قومي استحڪام ۾ مددگار ثابت ٿي رهيون آهن.هن نشاندهي ڪئي ته ڀارت، بنگلاديش ۽ سريلنڪا جهڙا ملڪ عالمي دٻاءَ سبب سخت معاشي چيلينجز مان گذري چڪا آهن جڏهن ته پاڪستان هن وقت مستحڪم پوزيشن ۾ آهي. هن وڌيڪ چيو ته جاري ڪوشش ۽ ايندڙ پاليسي قدمن ذريعي عوام کي وڌيڪ رليف فراهم ڪيو ويندو ۽ گڏيل معاشي حالتن ۾ بهتري آندي ويندي.

[redacted]

موجب فائرنگ جو واقعو ڪنڌڪوٽ جي علائقي ۾ پيش آيو جوابدارن جي پوليس پارٽي تي فائرنگ ۾ عورت ڪانسٽيبل سميت ٻه اهلڪار شهيد ٿي ويا. جڏهن ته ٻه اهلڪار زخمي ٿي پيا. پوليس ٽيم ڦر جي واقعي ۾ ملوث جوابدارن جو پيڇو ڪري رهي هئي ته فائرنگ ڪئي وئي، فرار جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن.

[redacted]

ڏني. اجلاس ۾ رٿابندي ۽ ترقيءَ ۽ آبپاشي واري وزير جام خان شورو، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه سميت ٻيا اعليٰ عملدار پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي جام خان شورو ٻڌايو ته حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن طرفان ديهه جامشورو تعلقو قاسم آباد ۾ رٿا لاءِ ايراضيءَ جي گهر ڪئي هئي، جيڪا سالياني ترقياتي پروگرام (اي ڊي پي) تحت آهي. ضلعي اختيارين طرفان گوٺ مصري شيخ ۾ اٽڪل 25 ايڪڙ زمين جي نشاندهي ڪئي وئي، جنهن مان 22 ايڪڙ "اي ون" درجي جي آهي ۽ ٽرٽ استعمال لاءِ مناسب آهي. وڏي وزير 22-14 ايڪڙ زمين حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي ميٽر جي ٽالي الاٽ ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي، جتي پاڻي صاف ڪرڻ وارو پلانٽ تعمير ڪيو ويندو. سيد مراد علي شاهه چيو ته شهري علائقن ۾ خاص طور تي تيزي سان وڌندڙ شهرن جهڙوڪ حيدرآباد ۾ صحتمند ۽ صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي انتهائي اهم آهي، وڏي وزير اختيارين کي هدايت ڪئي ته منصوبي تي جلدي ڪم شروع ڪيو وڃي ۽ سڀ قانوني ۽ انتظامي ڪارروايون تيزي سان مڪمل ڪيون وڃن. هن وڌيڪ چيو ته هي رٿا نه رڳو پاڻي جي ڪوٽ کي گهٽائيندي پر عوام جي صحت، بهتر زندگي ۽ پائيدار شهري ترقي لاءِ پڻ اهم ڪردار ادا ڪندو. اجلاس جي پڄاڻيءَ تي وڏي وزير منصوبي جي شفافيت ۽ سخت نگرانيءَ کي يقيني بڻائڻ جي هدايت پڻ ڏني وئي.

[redacted]

چانڊيو سان هراسگي جي افسوسناڪ واقعي جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته هي واقعو انتهائي دل ڏکوئيندڙ افسوسناڪ ۽ ناقابل برداشت آهي. هن چيو ته متاثر شاگرديائي جي والد جي فرياد دل کي ڏڪائيندڙ آهي ۽ ڌيائي کي بار بار اغوا ڪرڻ رياستي ناڪامي جو واضح ثبوت آهي. سندس چوڻ هو ته ميهڙ ۾ پيش آيل هي واقعو سنڌ ۾ وڌندڙ لاقانونيت جو بدترين مثال آهي، جتي قانون نالي ڪا شيءِ نظر نٿي اچي ۽ جهنگ جو قانون رائج ٿي چڪو آهي. حليم عادل شيخ وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ ڪئي ڌيائيون خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن، ڪئي ڪارو ڪاري جي نالي تي قتل ٿي رهيون آهن ۽ ڪئي اغوا جهڙا سنگين ڏوهه ٿي رهيا آهن، جيڪي ڪنهن به مهذب سماج لاءِ ناقابل قبول آهن. هن چيو ته پيپلز پارٽي جي نااهل حڪومت سنڌ کي ظلم، ناانصافي ۽ عدم تحفظ جو مرڪز بڻائي ڇڏيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته جڏهن ڌيائيون انصاف لاءِ نڪرن ٿيون ته انهن تي تشدد ڪيو وڃي ٿو جيڪو کليل آمريت جي عڪاسي ڪري ٿو. هن چيو ته واقعي جو ڪيس داخل ٿيڻ سٺي ڳالهه آهي، پر صرف گرفتارين سان ڪم نه هلندو اصل جوابدار فريد ڪوسو کي نشان عبرت بڻايو وڃي ته جيئن ٻيهر ڪنهن کي اهڙي جرئت نه ٿئي.

[redacted]

اچي وئي، جڏهن ته پوليس جاچ ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته قتل ۾ ڪو ٻيو نه پر مقتول جو پنهنجو سئوٽ ملوث نڪتو پوليس موجب ريحان احمد 11 اپريل تي پنهنجي سئوٽ فيصل ڪريم سان گڏ گهر مان نڪتو هو جنهن بعد هو لاپتا ٿي ويو واقعي جو ڪيس 13 اپريل تي مقتول جي پٽ روحان خان جي مدعيت ۾ جوهرآباد ٿاڻي تي اغوا طور داخل ڪيو ويو جاچ دوران پوليس سي سي ٽي وي فوٽيج چيڪ ڪئي، جنهن ۾ ريحان کي پنهنجي سئوٽ سان گڏ ويندي ڏٺو ويو شڪ جي بنياد تي پوليس فيصل ڪريم کي گرفتار ڪري پڇا ڳاڇا ڪئي، جنهن دوران هن ڏوهه جو اعتراف ڪيو. جوابدار فيصل ڪريم ٻڌايو ته هن اڳواٽ رٿابندي تحت ريحان احمد کي جوابدار ضياءُ الله عرف نجيب/ حيدر حوالي ڪيو جتي وڌيڪ 3 کان 4 ساٿي به موجود هئا. ملزمن ريحان کي تشدد جو نشانو بڻائي فليٽ ۾ قيد رکيو ۽ آخرڪار قتل ڪري ڇڏيو پوليس موجب جوابدار جي نشاندهي تي ابوالحسن اصفهاني روڊ تي واقع بند فليٽ مان مقتول جو لاش هٿ ڪيو ويو، جنهن کي قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته واقعي ۾ ملوث وڌيڪ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته 2 کان 3 ٻين جوابدارن جي ڳولا جاري آهي.

[redacted]

کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو هي واقعو رڳو قتل ناهي پر سماج جي ان ڪاري چهري جي عڪاسي ڪري ٿو جتي ڌيائين جي مرضيءَ سان سڱ ڏيڻ کي به "ڪارنهن" جي ڪوڙي الزام ۾ تبديل ڪري رت جي راند کيڏي وڃي ٿي. حيرت انگيز طور تي، الاهي بخش سيال پوليس واقعي کي مبينا طور دٻائڻ لاءِ جوابدار ڌر کان لکين روپيا رشوت وٺي ڪيس کي "مائيءَ جي ڏير" وارو تڪرار بڻائي هڪ ڪمزور ايف آءِ آر داخل ڪئي آهي. ذريعن موجب، پوليس سپريم ڪورٽ جي ان حڪم کان بچڻ لاءِ، جنهن تحت ڪارنهن جو ڪيس سرڪار طرفان داخل ٿيڻو هوندو آهي، هڪ ويجهي مائٽ عورت کي فريادي بڻائي ڪيس کي گهريلو جهيڙي جو رنگ ڏنو آهي ته جيئن جوابدارن کي قانون جي گرفت مان آزاد ڪرائي سگهجي. ذريعن موجب ته نغمه جتوئيءَ جو سڱ سعودي ويو هو جنهن تي نوجوان لاءِ گهريو ويو هو جنهن تي ڌيائي ۽ سندس ماءُ راضي هيون، پر باٿر جوابدارن ان کي پنهنجي انا جو مسئلو بڻائي ڌيءَ کي "ڪاري" قرار ڏئي قتل ڪري ڇڏيو هن واقعي سنڌ جي شعور کي جهنجهوڙي ڇڏيو آهي، جتي هاڻي پنهنجي ڌيائين لاءِ سڱ گهرڻ به موت کي دعوت ڏيڻ برابر بڻجي ويو آهي. سوشل ميڊيا تي وڊيوز وائرل ٿيڻ بعد عوام پاران آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته پوليس جي هن "شيطاني حرڪت" جو نوٽيس وٺي، ڪيس جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ ملوث سڀني جوابدارن کي عبرتناڪ سزا ڏياري.

[redacted]

عبدالمجيد ولد دلمراد زخمي ٿيو . ايڌي ايمبولينس جي ذريعي مقتول جو لاش ۽ زخمي کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته ابتدائي معلومات موجب ڪيترائي ماڻهو ويٺا هئا ته ان جي دوران ملزمن ٽارگيٽيڊ گوليون لڳايون جنهن جي زد ۾ اچي هڪ ڄڻو قتل ۽ هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو آهي مقتول محنت مزدوري ڪندو هو. پوليس موجب شروعاتي جاچ ۾ واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو لڳي رهيو آهي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. ٻيو ڪراچي ايوب گوٺ امام بارگاهه جي ويجهو فائرنگ جي نتيجي ۾ عاصم علي ولد حاڪم علي زخمي ٿيو ٻئي طرف سپر هاءِ وي ايسٽيڪ ڪٽ جي ويجهو روڊ حادثي ۾ 17 سالن جو عبدالله ولد عرفان فوت ٿي ويو آهي.

[redacted]

۽ مزاحمتي تعزيتي تڏو وڇائي سنڌ جي سڄاڻ خواتين روبينا خالده چانڊيو جي امڙ ابل سان تعزيت ڪئي. ان موقعي تي ويف جي اڳواڻ امر سنڌو ، ڊاڪٽر عرفانه ملاح، حسين مسرت، شهناز شيخ، راڌا ڀيل ڪرشنا ڪولهي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته عورتن کي ڪارنهن جا الزام ڏئي قتل ڪندڙ مردن جي سنڌ نه گهرجي، خالده جي قتل جي واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي، ڪاروڪاري جو نظام ختم ڪيو وڃي.ڪارو ڪاري جي آڙ ۾ ڌيائين جو قتل عام بند ڪيو وڃي. پسند جي شادي خلاف جرڳن کي روڪيو وڃي،سنڌ جي سڄاڻ عورتن مطالبو ڪندي چيو آهي ته خالده چانڊيو جي قاتلن کي سزا ڏني وڃي. ڪارروائي ۾ انتقامن گهر ڊاهڻ، ماڻهن کي هيسائڻ بند ڪيو وڃي، ملزمن کي قانوني طريقي تحت سزا ڏياري وڃي. ڪارروائي ۾ قاتل کي سزا ملڻ گهرجي. ڪنهن به هڪ شخص جي سزا پوري گهر کي نه ڏني وڃي. قاتل جو گهر ڊاهڻ سان گهر جون عورتون ٻار به متاثر ٿين ٿا . ظالمائو انتقام بند ڪري انصاف ڪيو وڃي. ڪنهن به قاتل جي ڀيڻ، ڌي، ماءُ ، زال يا اولاد کي سزا نه ڏني وڃي. سنڌ جي سڄاڻ خواتين هن سماج جي ماڻهن جا ذهن بدلائڻ ٿا چاهيون. روبينا خالده چانڊيو جي قتل ۾ جرڳو ڪرائيندڙن ۽ جرڳي ۾ شامل سڀني ڌرين خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. عورتن تي تشدد بابت موجود قانونن تي سختي سان عملدرآمد ڪرايو وڃي. عورتن جي تحفظ لاءِ موثر پائيدار حڪمت عملي جوڙي وڃي. ان موقعي تي سڄاڻ خواتين چيو ته سنڌ اندر اهڙن واقعن جو بار بار ٿيڻ لاقانونيت ۽ جرڳائي نظام جي موجودگي جو چٽو ثبوت آهي. اختيارين پاران صرف نوٽيس وٺڻ اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ ڪافي ناهي. اهڙا واقعا سماج ۾ عورتن جي حيثيت ، عزت ۽ تحفظ تي سنگين سوال اٿارين ٿا. هنن چيو ته انساني حقن جي ادارن جي به خاموشي رهي آهي. هنن چيو ته ادارن جي غفلت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مجرمانه لاپرواهي جي ڪري ڪارو ڪاري جا واقعا ٿي رهيا آهن. هن چيو ته سنڌي سماج جي مردانگي ۽ پدرشاهي سڄي سماج تي ڪارو داغ آهي.

[redacted]

نيٽو اندر هڪ مضبوط يورپ" جي ضرورت آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق مارڪ روٽي هڪ انٽرويو دوران چيو ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ نيٽو جي ڪجهه ميمبرن کان واضح طور تي ناراض آهي ۽ هو ٽرمپ جي ناراضگي کي سمجهندا آهن هن چيو ته يورپ نيٽو ۾ وڌ کان وڌ ڪردار ادا ڪرڻ چاهي ٿو جنهن جو مطلب آهي ته نيٽو "غير صحت مندانئي دارومدار" کان حقيقي شراڪتداري تي ٻڌل ٽرانس ائٽلانٽڪ اتحاد طرف منتقل ٿي رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته آمريڪا جيڪو سائي چٽي يورپي سلامتي جي حتمي ضمانت آهي ۽ هن کي يقين آهي ته اهو برقرار رهندو . ياد رهي ته ڊونلڊ ٽرمپ ويجهڙ ۾ ڪيترن موقعن تي شڪايت ڪئي آهي نيٽو جا يورپي ميمبر ملڪ ايران خلاف آمريڪي فوجي ڪارروائي جي حمايت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن ٽرمپ، نيٽو کي "ڪاغذي شينهن" قرار ڏيندي اشارو ڏنو ته هو نيٽو تان هٽ ڪڻ تي غور ڪري رهيو آهي.

[redacted]

فيڊريشن هائوس ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس دوران واپاري برادري چيو ته ملڪ ۾ سستي متبادل توانائي جا لڳ ڀڳ 12 هزار ميگاواٽ وسيلا موجود آهن، پر انهن مان صرف 3 هزار ميگاواٽ ئي استعمال ٿي رهيا آهن. جنهن سبب معيشت سخت دٻاءُ هيٺ آهي تاجرن موجب صنعتون هن وقت ايل اين جي بحران جو شڪار آهن، جڏهن ته 22 هزار ميگاواٽ سينڪشنڊ لوڊ جي مقابلي ۾ صرف 3 هزار ميگاواٽ بجلي استعمال ٿي رهي آهي. صنعتڪار ايس ايم تنوير چيو ته گذريل 20 سالن ۾ بجلي جا اگهه 20 ڀيرا وڌي ويا آهن. جنهن سبب مقامي صنعت عالمي مقابلي کان پوئتي رهجي وئي آهي. واپاري برادري جو چوڻ آهي ته ملڪ ۾ 41 هزار ميگاواٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت باوجود لوڊشيڊنگ جاري آهي، ۽ صنعتون صرف 13 سيڪڙو بجلي استعمال ڪري رهيون آهن. فيڊريشن جي نائب صدر امان پراچا چيو ته گيس ۽ بجلي جا ٽيرف ايترا وڌي ويا آهن جو خطي ۾ مقابلو ڪرڻ مشڪل ٿي ويو آهي. ايف پي سي سي آءِ امڪاني طور تي برآمدات ۾ 7 ارب ڊالر تائين گهٽتائي جو خدشو ظاهر ڪيو آهي، جڏهن ته 30 اپريل تي شيڊو بجيٽ ۽ 5 سالا معاشي منصوبو پيش ڪرڻ جو اعلان به ڪيو ويو آهي.

[redacted]

تيز رفتار ٽرالر موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو حادثي جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار هڪ شخص موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻيو سخت زخمي ٿي پيو پوليس ڪارروائي ڪندي ٽرالر کي تحويل ۾ وٺي ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو ٻيو حادثو سپر هاءِ وي تي پيش آيو جتي ڊمپر موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو نتيجي ۾ عبدالله نالي هڪ نوجوان فوت ٿي ويو. حادثي ڪان پوءِ ڊرائيور ڊمپر سميت موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. جنهن جي ڳولا ڪئي پئي وڃي. ٻنهي لاشن کي ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ريسڪيو ذريعن موجب هن سال ٽريفڪ حادثن ۾ 312 ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن هن سال مختلف حادثن ۾ زخمي ٿيندڙن جو انگ 3275 تائين پهچي ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته هن سال ڪراچي ۾ ٽريلرن سان ٽڪراءُ ۾ 48 پاڻي جي ٽينڪرن سان ٽڪراءُ ۾ 31، بسن سان ٽڪراءُ ۾ 12 ۽ ڊمپرن سان ٽڪراءُ ۾ 5 ماڻهو فوت ٿيا. ذريعن جو چوڻ آهي ته هن سال گڏي گاڏين سان ٽڪراءُ ۾ ڪل 107 ماڻهو فوت ٿيا.

[redacted]

انهيءَ جي پراپرٽي کي قبضو ڇڏائي مسمار ڪيو ٿو وڃي اها کهڙي طريقي جي سياست آهي جو مخالفن کي برداشت نه پيو ڪيو وڃي هن چيو ته غلام حيدر مري اسان جو پراڻو ساٿي آهي جنهن جي وڏن سان اسان جي وڏن جو تعلق رهيو ۽ هو نيشنل پيپلزپارٽي جو اڳواڻ شهيد بينظير آباد جو ڊويزنل صدر آهي ان جو ڏوهه اهو آهي ته ان نيشنل پيپلزپارٽي جي سربراهه جو پروگرام ڪيو ته ان خلاف سياسي انتقامي ڪارروائي ڪئي وئي جيڪو غلط عمل آهي هن وڌيڪ چيو ته پيپلزپارٽي وارن انتقامي ڪاروايون وارو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي اهي ان ڏينهن کان ڏڄن جنهن ڏينهن هنن جي حڪومت ويندي جي غريب ماڻهن سان ايترو ظلم ڪن سياڻي جيترو صحيح سگهن هي جيترو به ماڻهن کي اسان کان روڪيندا عوام اوترو اسان کي چاهيندو ضياءُ لنجار 2013 کان 2018 تائين هي سيٽ نه کٽي سگهيو 2024 ۾ ايڊواٽس ۾ 50 هزار ووٽ ڏهن ۾ وجهرائي ڊائڊلي ڪراچي سيٽ حاصل ڪئي سنڌس ڪو به بيڪ گرائونڊ ناهي سنڌ جو ماڻهو هاڻي انهن مان بيزار ٿي چڪو آهي جيڪو ايندڙ اليڪشن ۾ کين ناڪام بڻائيندو.

[redacted]

انتهائي گهربل گينگ کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جيڪو پيءُ ۽ پٽ جي سربراهي ۾ هلندو هو هن چيو ته گينگ جو سربراهه منصور آهي جڏهن ته گينگ انچارج سنڌس پٽ فهد منصور آهي، جيڪو عملي طور گينگ جي اڳواڻي ڪندو هو ٻين جوابدارن ۾ محمد عبيد، مزمل، عرفان، نعمان، عمران ۽ زبير شامل آهن. ڊاڪٽر عمران خان موجب جوابدارن کان 6 پستل، 2 نقلي پستل ۽ 3 موٽرسائيڪلون برآمد ڪيون ويون، جڏهن ته 17 موبائل فون، 13 سڃاڻپ ڪارڊ، 8 گهڙيون ۽ 4 بيگز پڻ هٿ ڪيا ويا آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته جوابدار تيموريه جي حد ۾ هڪ ڪرائي جي گهر ۾ رهائش پذير هئا ۽ هر هڪ کان ٻن مهينن ۾ پنهنجو ٺڪاڻو تبديل ڪندا هئا ته جيئن قانون جي گرفت کان بچي سگهن. ايس ايس پي سينٽرل چيو ته گينگ گذريل ڪجهه مهينن دوران شهر جي مختلف علائقن ۾ اسٽريٽ ڪرائم جون 100 کان وڌيڪ وارداتون ڪري چڪو آهي، خاص طور رات 1 کان 3 وڳي جي وچ ۾ ڪارروائيون ڪندا هئا ۽ خاص ڪري نوجوان شهرين کي نشانو بڻائيندا هئا. هن ٻڌايو ته جوابدارن موبائل ڦر ڪرڻ وقت شهرين کان گن پوائنٽ تي پاسورڊ به کولرائيندا هئا. ڪجهه جوابدار سڌي طرح وارداتن ۾ شامل هوندا هئا جڏهن ته سربراهه منصور منصوبا بندي،سهولتڪاري ۽ رقم جي ورهاست ڪندو هو. ڊاڪٽر عمران خان موجب گرفتار جوابدارن مان عمران، زبير ۽ نعمان ڦريل موبائل فونن جي خريد و فروخت ۾ ملوث هئا، جڏهن ته ملزم عمران ٻين ڏوهارين کان موبائل وٺي انهن جا آءِ ايم اي آءِ تبديل ڪرائي مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪندو هو. هن چيو ته برآمد ٿيل موبائل فونن ۽ سڃاڻپ ڪاردن جي تفصيل حاصل ڪئي پئي وڃي، ڪجهه متاثر شهرين جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي جڏهن ته ٻين سان رابطا جاري آهن. ايس ايس پي سينٽرل موجب گرفتار جوابدارن خلاف ٿاڻو تيموريه ۾ لاڳاپيل دفعات تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ جاري آهي.

[redacted]

الزام تراشي جي سياست ڪري رهي آهي. هن چيو ته حقيقت اها آهي ته ڪرپشن، مهانگائي ۽ عوام دشمن پاليسين جي مڪمل ذميواري پيپلز پارٽي تي عائد ٿئي ٿي، جڏهن ته سنڌ جو عوام هن وقت سخت مهانگائي، بيروزگاري ۽ معاشي دٻاءُ کي منهن ڏئي رهيو آهي. ترجمان چيو ته جيڪڏهن حڪومت واقعي سنجيده هجي ها ته دوائن جي قيمتن ۾ واڌ، نوجوانن لاءِ ميرٽ تي روزگار جي ڪوٽ، سنڌ پر ۾ خستہ حال انفراسٽرڪچر صحت ۽ تعليم جي تباهه حال نظام ۽ امن امان جي خراب صورتحال جهڙا سنگين مسئلا پيدا نه ٿين ها. هن وڌيڪ چيو ته اٽو، کنڊ، گيهه ۽ تيل جهڙين بنيادي ضرورتن وارين شين مسلسل مهانگيون ٿيڻ سبب عوام جون مشڪلاتون وڌي رهيون آهن. جڏهن ته حڪومت پنهنجي ناڪامين لڪائڻ لاءِ سياسي مخالفن تي تنقيد جو سهارو وٺي رهي آهي. ترجمان موجب سنڌ جي پاڻي واري معاملي تي پيپلز پارٽي جو ڪردار انتهائي افسوسناڪ رهيو آهي، جنهن سان سندن سنڌ دشمن پاليسيون بي نقاب ٿي چڪيون آهن ۽ کين عوامي ڪاوڙ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هن چيو ته فنڪشنل ليگ جي وڌندڙ عوامي مقبوليت سبب پيپلز پارٽي پريشاني جو شڪار آهي ۽ انهيءَ ڪري بي بنياد الزام هنيا پيا وڃن.وڌيڪ اهو به چيو ويو ته حڪومت سياسي مفادن خاطر ڪيترائي اسپيشل اسسٽنٽ مقرر ڪري رکيا آهن، جيڪي رڳو پنهنجون نوڪريون بچائڻ لاءِ مخالفن تي تنقيد ڪري رهيا آهن. آخر ۾ ترجمان چيو ته سنڌ جو عوام هاڻي باشعور ٿي چڪو آهي ۽ حقيقتن کي چڱيءَ ريت سمجهي ٿو. هن مطالبو ڪيو ته حڪومت الزام تراشي ڇڏي مهانگائي تي ضابطو آڻڻ، روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ، امن امان بهتر ڪرڻ ۽ عوام کي حقيقي رليف ڏيڻ لاءِ فوري قدم کڻي.

[redacted]

ظفر جي ميڊيا ٽاڪ مڪمل ڪوڙ ۽ منفي پروپيگنڊا تي ٻڌل آهي. ڪراچي ۾ ڪو به ترقياتي ڪم نه ٿيڻ جي دعويٰ عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش آهي. جماعت اسلامي کي نو شهرن ۾ پنهنجي ڪارڪردگي تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. سعديه جاويد چيو ته توهان جي شهرن ۾ ڪرپشن ٿي رهي آهي، جنهن جو جواب جماعت اسلامي کي ڏيڻو پوندو. منعم ظفر جي دور ۾ جماعت اسلامي تي ڪرپشن جا الزام لڳا. ڪراچي جي ميئر جماعت اسلامي جي ٽائون چيئرمينن جي نااهلي کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ حڪومت جي ترجمان وڌيڪ چيو ته ماضي ۾ ايمانداري هجڻ جو ڍونگ ڪندڙ پارٽي هاڻي پاڻ ڪٽهڙي ۾ آهي. جماعت اسلامي سنڌ حڪومت ۽ ميونسپل ڪارپوريشن جي ڪاروائين جي ڪري انتشار جو شڪار آهي. لياري سميت ڪراچي جي سڀني علائقن ۾ پيپلز پارٽي جي ڪارڪردگي واضح آهي. سعديه جاويد چيو ته ڪوڙا الزام لڳائي سياسي قد وڌائڻ جي ڪوشش هاڻي ڪامياب نه ٿيندي، منعم ظفر پنهنجي نااهلي لڪائڻ لاءِ پيپلز پارٽي تي الزام هڻي رهيا آهن، جيڪڏهن جماعت اسلامي کي عوام جي پرواهه آهي ته ان کي گمراهه ڪندڙ بيان ڏيڻ بند ڪرڻ گهرجي، جيالا ميئر ڪراچي جي خدمت ڪندو رهندو ۽ نام نهاد ايمانداري تباهه ٿي ويندي.

[redacted]

کي يقيني بڻايو وڃي، سنڌ ۾ بدامني، ڌاڙيل راڄ ۽ ڳچي ٽوڙ مهانگائي عوام جو جيئڻ مشڪل جڏهن ته باقي رهيل ڪسر بجلي ۽ گيس جي بدترين لوڊشيڊنگ پوري ڪري ڇڏي آهي. توانائي بحران سبب بجلي ۽ گيس مهانگي، صنعتن جي بندش سبب واپاري طبقو پريشان ۽ معيشت تباهه ٿي رهي آهي. شهباز شريف حڪومت پاران ايران-آمريڪا جنگ کي جواز بڻائي صرف ڏيڍ مهيني دوران پيٽروليم ليوي جي مد ۾ عوام جي کيسي تي 180 ارب رپين جو ڌاڙو ۽ گذريل ڏهن مهينن دوران 1234 ارب جا ظالمانا ٽيڪس وصول ڪرڻ جو انڪشاف عوام دشمني جو چٽو ثبوت آهي. ڪنهن به ملڪ جي دفاعي عمارت معيشت جي بنياد تي بيٺل هوندي آهي، پاڪستان جي معيشت ٻاهرين وياج واري قرضن جي بنياد تي بيٺل آهي، جنهن ڏينهن قرض ملڻ بند ٿيو ته هي بنياد ضرور به لڏهي ويندو. جماعت اسلامي الله جي ڌرتيءَ مٿان الله جو نظام قائم ڪرڻ جي تحريڪ آهي جيڪا نظام ۽ حڪومت ۽ معاشري جي سڌاري سان گڏ فرد جي دنيا ۽ آخرت ۾ به ڪاميابي چاهي ٿي. اهڙن خيالن جو اظهار هن جماعت اسلامي سنڌ پاران لاڙڪاڻي ۾ رٿيل ٻه روزه "ليڊرشپ ورڪشاپ" جي اختتامي خطاب دوران ڪيو جنهن ۾ لاڙڪاڻي ڊويزن جي مختلف ضلعن، تعلقن ۽ مقامي امراءِ شرڪت ڪئي. ڪاشف سعيد شيخ وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ گذريل 18 سالن کان اقتدار ۾ رهندڙ پيپلز پارٽي سولر انرجي کان وٺي ڪڻڪ جي گدامن ۾ ڦرلٽ تائين تباهي ۽ ڪرپشن جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. ڪراچي کان پوءِ نوابشاهه، لاڙڪاڻو ۽ ٽنڊو آدم ۾ به معصوم ٻار کليل گٽرن ۾ ڪري فوت ٿيڻ ۽ تعليمي ادارن ۾ شاگردياڻين کي هراسان ڪرڻ جا واقعا سنڌ حڪومت جي نااهلي جو کليل ثبوت آهن. هاڻي ملڪ ۾ حقيقي تبديلي ۽ حڪمرانن جي احتساب لاءِ عوام کي جاڳڻو پوندو. ظلم ۽ ناانصافين خلاف ۽ عوامي حقن لاءِ جماعت اسلامي جدوجهد جاري رکندي.

[redacted]

اي اي مان ڪچو تيل آندو آهي. هڪ ڏينهن اڳ آمريڪي رسالي بلومبرگ دعويٰ ڪئي هئي ته آمريڪي ناڪابندي ڪاٽيو ڪچي مال سان ڀريل هرمز مان ٽپندڙ اهو پهريون جهاز آهي.

[redacted]

اسلامي جمهوريه ايران جي صدر مسعود پزشڪيان کي ٽيليفون ڪيو ۽ تقريباً 45 منٽن تائين هلندڙ هن خوشگوار ۽ دوستاڻي گفتگو دوران، ٻنهي اڳواڻن خطي جي صورتحال تي تفصيل سان بحث ڪيو. وزيراعظم صدر پزشڪيان ۽ ايراني قيادت جو 11 ۽ 12 اپريل 2026 تي اسپيڪر محمد باقر قاليباف ۽ پرڏيهي وزير عباس عراقچي جي اڳواڻي ۾ اسلام آباد ۾ ڳالهين لاءِ اعليٰ سطحي وفد موڪلڻ تي شڪريو ادا ڪيو. وزيراعظم شهباز شريف ايراني صدر کي سعودي عرب، قطر ۽ ترڪي سميت مختلف عالمي اڳواڻن سان پنهنجي تازين ملاقاتن بابت پڻ آگاهه ڪيو ۽ چيو ته اهي رابطا خطي ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي عمل جي حق ۾ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ ۾ تمام مددگار ثابت ٿيا آهن. هن موقعي تي وزيراعظم فيلڊ مارشل عاصم منير جو هن هفتي تهران جي دوري دوران ايراني قيادت سان تعميري ڳالهين تي شڪريو ادا ڪيو ۽ پنهنجي عزم کي ورجايو ته پاڪستان، پنهنجي دوست ملڪن جي تعاون سان، خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي فروغ ڏيڻ لاءِ پنهنجون مخلصانه ۽ سنجيده ڪوششون جاري رکندو هن ايراني سپريم ليڊر آيت الله مجتبيٰ خامنه اي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار پڻ ڪيو. ان موقعي تي ايران جي صدر پزشڪيان وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جو امن جي ڪوشش لاءِ پاڪستان جي مضبوط عزم تي شڪريو ادا ڪيو ۽ اعتماد جو اظهار ڪيو ته ايندڙ ڏينهن ۾ ايران ۽ پاڪستان جي وچ ۾ لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا.

[redacted]

ثبوت فراهم ناهن ڪيا پر ان ڳالهه تي زور ڀريو ته آمريڪي عوام ان جنگ جي حق ۾ ناهي. ڪملا هيرس اهو به چيو ته ڊونلڊ ٽرمپ جنگ کي جيفري ايپسٽين بابت دستاويز جاري ٿيڻ تان ڌيان هٽائڻ لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي. مشي گن ۾ ڊيموڪريٽڪ وومينز پارٽي جي هڪ پروگرام کي خطاب ڪندي هن وڌيڪ چيو ته هو ٻيهر صدر لاءِ چونڊ وڙهڻ تي سنجيدگي سان غور ڪري رهي آهي. واضح رهي ته ڪملا هيرس گذريل چونڊن ۾ ڊونلڊ ٽرمپ کان هارائي وئي هئي.

[redacted]

اسلام آباد ۾ آجيائو ڊنر ڏنو ويو جنهن ۾ سياسي، پارليماني ۽ سماجي شخصيتن ۽ سينئر صحافين شرڪت ڪئي. سينيٽ سيڪريٽريٽ موجب اڳوڻو نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ سميت ٻين اهم شخصيتن پڻ آجيائي ۾ شرڪت ڪئي. آجيائو سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين ذاتي حيثيت ۾ ڏنو هو ان موقعي تي ملڪي صورتحال، معيشت ۽ عوامي بهتري جي حوالي سان تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. آجيائي ۾ شريڪ شخصيتن قومي يڪجهتي ۽ اترائتي حڪمراني تي زور ڀريو ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ سندس ٽيم جي تعريف ڪئي، ان موقعي تي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ سندس ٽيم جي قيادت کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو جڏهن ته ايران-آمريڪا ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ ۾ پاڪستان جي ڪردار جي پڻ تعريف ڪئي وئي. شرڪت ڪندڙ پاڪستان جي فعال سفارتڪاري کي خطي ۾ امن لاءِ اهم قرار ڏنو ۽ آجيائي کي گڏيل رابطن ۽ تعميري ڳالهين کي هٿي وٺائڻ لاءِ اهم قرار ڏنو سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين مهمانن جو شڪريو ادا ڪندي پارليامينٽ جي اترائتي ڪردار جي عزم جو ورجاءُ ڪيو.

[redacted]

گهٽ ۾ گهٽ 8 ڄڻا مارجي ويا آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق رياستي پراسيڪيوٽر جي آفيس مان جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته فائرنگ ان هنڌ ٿي جيڪو غير قانوني طور هلايو پيو وڃي. واقعي واري هنڌ تان 8 لاش هٿ ڪيا ويا آهن. اختيارين مطابق رياستي ڪرمنل انويسٽي گيشن ايجنسي جا اهلڪار شاهدين سان گڏ ڪري رهيا آهن ۽ اکين ڏٺن شاهدن جا بيان رڪارڊ ڪيا پيا وڃن ته جيئن واقعي جو سبب معلوم ڪري سگهجي.

[redacted]

طور استعمال ڪندي وڌيڪ علائقن تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق هن ڏکڻ ترڪيه جي شهر انطاليا ۾ هڪ سفارتي فورم کي خطاب ڪندي چيو ته اسرائيل پنهنجي تحفظ کي يقيني بڻائڻ جي ڪوشش ناهي ڪري رهيو پر وڌيڪ زمين حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ نيتن ياهو حڪومت سيڪيورٽي کي بهانو بڻائي توسيع پسنداڻا قدم کڻي رهي آهي. هاڪان فيدان مطابق اسرائيل نه رڳو فلسطيني علائقن (غزه، اولهندي ڪناري ۽ اوڀر يروشلم) تي قابض آهي پر هاڻي لبنان ۽ شام جي علائقن تي به پنهنجو ڪنٽرول وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن چيو ته اهو مسلسل قبضو ۽ توسيع آهي جنهن کي روڪڻ ضروري آهي. هن اهو به چيو ته اسرائيل دنيا کي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ان جو مقصد رڳو پنهنجي سلامتي کي يقيني بڻائڻ آهي، جيڪو هڪ گمراهه ڪندڙ تصور آهي.

[redacted]

پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته مسلمانن ۾ تفرقو پيدا ڪندڙ عنصر دشمن جا اوزار آهن. جڏهن ته اڄ جي دور ۾ عالم اسلام کي اتحاد جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي. هنن چيو ته جمهوري اسلامي ايران تي آمريڪا ۽ اسرائيل جي جارحيت رڳو هڪ ملڪ خلاف نه پر پوري امت خلاف اعلان جنگ آهي. علمائن وڌيڪ چيو ته حضرت امام حسينؑ جي عظيم شهادت اهو ثابت ڪيو ته حق کي ڪڏهن به مٽائي نٿو سگهجي. ڪربلا صرف هڪ تاريخي واقعو نه پر قرباني، صبر استقامت، غيرت ۽ آزادي جو دائمي پيغام آهي. هنن چيو ته انهيءَ پيغام تي عمل ڪندي محور مزاحمت آمريڪا ۽ اسرائيل کي شڪست ڏئي رهيو آهي، جڏهن ته آمريڪي غرور آبنائي هرمز ۾ غرق ٿي چڪو آهي. پريس ڪانفرنس ۾ چيو ويو ته پيغام ڪربلا مان اهو سبق ملي ٿو ته حاڪميت اعليٰ صرف الله تعاليٰ جي آهي. پاڪستاني قوم، بشمول ملت تشيع، فلسطين، ايران، لبنان ۽ ڪشمير سميت دنيا جي مظلومن جي غير مشروط حمايت جاري رکندي. علمائن پاڪستان جي خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ مثبت ۽ متوازن ڪردار کي به ساراهيو ۽ چيو ته اهڙا قدم نه رڳو علائقائي استحڪام لاءِ اهم آهن پر مسلم دنيا ۾ هم آهنگي ۽ تڪرارن جي پرامن حل لاءِ به ضروري آهن. شيعا تنظيمن جي اڳواڻن اعلان ڪيو ته رهبر معظم آيت الله سيد علي خامنه اي، شهداءِ مزاحمت ۽ پهرين مارچ تي آمريڪي ميرينز جي فائرنگ ۾ شهيد ٿيل نوجوانن جي چهلم کي شان سان ملهايو ويندو. ان سلسلي ۾ نشتر پارڪ ۾ وڏي جلسي جو اهتمام ڪيو ويندو جنهن ۾ مختلف مکاتب فڪر مذهبي جا اڳواڻ، سياسي ۽ سماجي شخصيتون خطاب ڪنديون. پريس ڪانفرنس ۾ مجلس وحدت المسلمين جي مرڪزي شوريٰ عاليٰ جي رڪن مولانا شيخ حسن صلاح الدين، هيئت آئمه مساجد و علما اماميه جي اڳواڻ مولانا اصغر حسين شهيدي، جعفريه الائنس پاڪستان جي نائب صدر علامه باقر عباس زيدي، آءِ او جي اڳواڻ علامه عقيل موسيٰ، تحريڪ بيداري امت مصطفيٰ جي آغا زين، آءِ ايس او ڪراچي ريجن جي حسن رضا سميت ٻين علمائن ۽ سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي.

[redacted] ست

حملي جي نتيجي ۾ هڪ فرانسيسي امن اهلڪار جي مارجڻ ۽ ٽن ماڻهن جي زخمي ٿيڻ جي شديد مذمت ڪئي آهي. گڏيل قومن جي ترجمان اسٽيفن دوجارڪ پاران جاري بيان ۾ چيو ويو ته امن مشن جي اهلڪارن تي حملا فوري طور بند ٿيڻ گهرجن ڇو جو اهي عالمي انساني قانون ۽ سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُ 1701 جي سنگين ڀڃڪڙي آهن ۽ امڪاني طور جنگي ڏوهه آهن. بيان مطابق سيڪريٽري جنرل سمورن ڌرين تي زور ڀريو آهي ته هو عالمي قانون جي پاسداري ڪن. گڏيل قومن جي عملي جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ ۽ ان جي اثاثن ۽ چرپر جي احترام کي برقرار رکن. گڏيل قومن جي شروعاتي جائزي مطابق امن اهلڪارن تي ان وقت فائرنگ ڪئي وئي جڏهن هو هڪ اهڙي هنڌ جي جاچ ڪري رهيا هئا جتي روڊ تي ديسي ساخت جو ڌماڪي دار مادو نصب ٿيڻ جو اطلاع هو حملي ۾ غير رياستي عنصرن جي ملوث هجڻ جو شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته تازن هفتن ۾ اهو ٽيون واقعو آهي جنهن ۾ امن اهلڪار مارجي ويا. گڏيل قومن سمورن ڌرين کي جنگ بندي جي اپيل به ڪئي آهي. سيڪريٽري جنرل مارجي ويل اهلڪار جي خاندان، دوستن ۽ فرانس جي حڪومت سان تعزيت جو اظهار ڪيو.

[redacted] . ناصر

ته صدر آصف علي زرداري، فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي گڏيل ڪوششن سان دنيا ۾ امن قائم ٿي رهيو آهي ۽ پاڪستان جي ثالثي سبب ٽئين عالمي جنگ جو خطرو به ٽري ويو آهي. صوبائي وزير چيو ته ملڪ جي معيشت ۾ بهتري لاءِ اميدون وڌي رهيون آهن ۽ الله پاڪ پاڪستان تي پنهنجو خاص ڪرم ڪندو. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تحت ترقياتي ڪم تيزي سان جاري آهن ۽ صوبي ۾ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن بهتر ٿي رهي آهي. سيد ناصر حسين شاهه سيڪيورٽي بابت ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان جون فورسز ڪيترن سالن کان دشمن جي پراڪسيز کي منهن ڏئي رهيون آهن ۽ ڪيترن ئي جوانن شهادت ماڻي آهي. هن چيو ته ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ مسلسل ڪوششون جاري آهن ۽ دشمن قوتن کي ناڪامي ٿي رهي آهي. هن بجلي ۽ توانائي جي مسئلن تي ڳالهائيندي چيو ته نيشنل ٽرانسميشن اينڊ ڊسپاچ ڪمپني (NTDC)ملڪ ۾ بجلي جي بحران تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي، جڏهن ته ايل اين جي سپلاءِ جو مسئلو جنگي حالتن سبب پيدا ٿيو آهي، جنهن جي حل لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. ايران-پاڪستان گيس پائيپ لائين منصوبي بابت هن چيو ته عالمي دٻاءَ سبب اهو منصوبو رڪجي ويو آهي، پر عالمي امن سان ان جي مڪمل ٿيڻ جي اميد آهي. صوبائي وزير چيو ته سنڌ ۾ اڳ ڪجهه علائقن کي نو-گو ايرياز بڻايو ويو هو پر سنڌ حڪومت جي پاليسين سبب هاڻي امن امان ۾ نمايان بهتري آئي آهي. هن چيو ته پوليس ڪارروايون دوران ڪيترائي ڌاڙيل مارجي چڪا آهن ۽ هاڻي انهن وٽ هٿيار ڦٽا ڪرڻ ڪانسواءِ ڪو به رستو ناهي. آخر ۾ هن چيو ته امن جي قيام لاءِ جرڳن جو به اهم ڪردار آهي ۽ سردارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو پنهنجي علائقن ۾ امن امان لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪن.

[redacted]

گهٽتائي ٿي آهي. وفاقي شمارياتي اداري (پي بي ايس) جي انگن اکرن مطابق هلندڙ مالي سال ۾ جولاءِ 2025ع کان مارچ 2026ع دوران دالين جي آمدني واپار جو گهاٽو 624.38 ملين ڊالر تائين گهٽجي ويو جڏهن ته مالي سال جي ساڳي عرصي دوران دالين جي قومي آمدني واپار جو گهاٽو 823.63 ملين ڊالر رهيو هو اهڙي طرح گذريل مالي سال جي شروعاتي 9 مهينن دوران دالين جي آمدني واپار ۾ 24.19 سيڪڙو يعني 199.25 ملين ڊالر جي نمايان گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي.

[redacted]

وقت تائين 17 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق اهو انڪشاف آمريڪي اميگريشن انفورسمينٽ (آءِ سي اي) پاران جاري ڪيل ڊيٽين جي موت بابت رپورٽس ۾ ڪيو ويو آهي. رپورٽ مطابق تازو واقعو خميس تي سامهون آيو جڏهن هڪ 27 سالن جو ڪيوبن شهري 12 اپريل تي ميامي جي هڪ وفاقي حراستي مرڪز ۾ پنهنجي سيل ۾ بي هوش حالت ۾ مليو طبي امداد جي ڪوشش باوجود کيس مئل قرار ڏنو ويو جڏهن ته موت جو سبب هن وقت معلوم ناهي ٿي سگهيو پرڏيهي ميڊيا مطابق آءِ سي اي 2025ع ۾ مجموعي طور 33 حراست هيٺ ماڻهن جي فوتگي جو اطلاع ڏنو جڏهن ته 2024ع ۾ اهو انگ 11 رهيو هو رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته اپريل جي شروع تائين آءِ سي اي جي حراست ۾ 60 هزار کان وڌيڪ پرڏيهي موجود هئا. جيتوڻيڪ تازن مهينن ۾ ان انگ ۾ ڪجهه گهٽتائي آئي آهي پر اها سطح هن وقت به ان وقت کان نمايان طور تي وڌيڪ آهي جڏهن آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ٻيهر اقتدار ۾ آيو هو.

[redacted]

۾ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. مقتولن جي سڃاڻپ 40 سالن جي جلال پٽ اشرف ۽ 45 سالن جي مهران گل ولد صمن گل جي نالي سان ڪئي وئي آهي. زخمين جي سڃاڻپ 30 سالن جي نعمان پٽ مشرنگ ، 60 سالن جي مشرنگ پٽ چنار گل ، 55 سالن جي وطن گل پٽ صمن گل ۽ 40 سالن جي ارشاد پٽ وطن گل جي نالي سان ڪئي وئي آهي. ايس ايس پي اوير جي ترجمان موجب شروعاتي معلومات موجب ٻن گروپن ۾ جهيڙو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ فائرنگ ٿي. گذريل رات هڪ شادي جي تقريب ۾ ٻنهي گروپن ۾ جهيڙو ٿيو جيڪو اڄ تيز ٿي ويو.فائرنگ ۾ هڪ شخص مارجي ويو ۽ ڪجهه ماڻهو زخمي ٿيا.اطلاع ملندي ئي سائيٽ سپر هاءِ وي پوليس موقعي تي پهچي فائرنگ ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدارن کان فائرنگ ۾ استعمال ٿيندڙ ٻه پستول ۽ گولا بارود هٿ ڪيو ويو. لاش ۽ زخمين کي فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيو ويو ۽ باضابطه ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. وڌيڪ تفصيل حاصل ڪيا پيا وڃن جڏهن ته جاچ جاري آهي.

[redacted]

هزار ٿي ويو آهي، جڏهن ته ملڪ جي 79 سيڪڙو ماڻهن کي ايچ آءِ وي بابت ڄاڻ ئي ناهي. ماهرن خبردار ڪيو آهي ته بلڊ بينڪن جي سخت نگراني ۽ رت جي مڪمل اسڪريننگ کي يقيني بڻائڻ تمام ضروري آهي. ان سان گڏ غير محفوظ انجڪشنز جي استعمال جو خاتمو ۽ انفيڪشن ڪنٽرول جي نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ جي سخت ضرورت آهي. ماهرن صحت جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن فوري ۽ مؤثر قدم نه کنيا ويا ته صورتحال وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿي.

[redacted]

۾ ملوث "صمد ڪائياوازڙي گروهه" سان تعلق رکندڙ ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ترجمان سنڌ رينجرز موجب گرفتار ٿيل جوابدارن ۾ حماد پٽني ولد رفيق، شهزاد پٽني ولد غلام حسين ۽ سعد ولد رمضاني شامل آهن، جيڪي ڀتو وصول ڪرڻ سان گڏ پتي لاءِ اڪائونٽ نمبر پڻ فراهم ڪندا هئا ۽ وصول ڪيل رقم ڪڍي گروهه جي ڪارندن تائين پهچائيندا هئا. ابتدائي جاچ دوران معلوم ٿيو آهي ته گرفتار جوابدار بدنام زمانه ڀتو خور صمد ڪائياوازڙي ۽ اسامه بن جميل جي هدايتن تي ڪم ڪندا هئا، جيڪي وصيع الله لاکو گينگ سان منسلڪ آهن. ترجمان موجب گرفتار جوابدارن جي ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن. جڏهن ته گرفتار جوابدارن کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ ايس آءِ يو حوالي ڪيو ويو آهي.

[redacted] 4: علي گوهر خان مهر

تائين ملتوي ڳالهيون بنا نتيجي ختم. شر،سيلرا،سولنگي،پيٽا،ڏاڏڻ،ڪوش،ڏ ڙت برادرين جي وچ ۾ هلندڙ جهيڙن جون ڳالهيون سکر سرڪٽ هائوس ۾ ٿيون،سمورين ڌرين کان هڪٻئي مٿان هنيل الزامن جي آڏي پڇا ڳاڇا ڪئي وئي، فتوي ڏيڻ لاءِ جو سبب ڪجهه قتل جيڪي پوليس مقابلن ۾ ٿيا هئا جن تي شرن ۽ سيلرن ۾ ڏيڻ لاءِ ٻڌايو ويو آهي. شر برادري تقريبن سمورين ڌرين سان تڪرار ٻڌايو پيو وڃي. سمورين ڌرين جا هن وقت تائين 120ماڻهو قتل ٿي چڪا آهن فيصلي سريڪنجي ڪندڙ سردار علي گوهر خان مهر چيو آهي ته سمورين ڌرين جون ڳالهيون تفصيل سان ٻڌيون ويون آهن ۽ آڏي پڇا ڳاڇا پڻ ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ڪجهه معاملا اهڙا آهن جن جي وڌيڪ جاچ ۽ ڇنڊڇاڻ ضروري آهي.هن چيو ته لڳ ڀڳ چاليهه سالن کان هلندڙ انهن قبيلائي تڪرارن ۾ ڪيترائي اصل حقدار فوت ٿي چڪا آهن ۽ هاڻي سندن اولاد موجود آهي، جنهن سبب ڪجهه معاملا وڌيڪ پيچيده بڻجي ويا آهن. سندس چوڻ هو ته اهڙن حالتن ۾ حق ۽ انصاف تي ٻڌل فيصلا ڪرڻ انتهائي ضروري آهن. سردار علي گوهر خان مهر وڌيڪ چيو ته جرڳي جي ڪوشش آهي ته ڪنهن به متاثر ڌر سان ڪا به ناانصافي نه ٿئي، ان لاءِ سمورن معاملن کي غور سان ڏٺو پيو وڃي ۽ اميد آهي ته هڪ هفتي اندر باقي رهيل معاملا اڪلائي حتمي فتويٰ جاري ڪئي ويندي.هن اهو به انڪشاف ڪيو ته ڪجهه قتل جا واقعا اهڙا آهن جيڪي پوليس جي هٿان پيش آيا آهن، جن جي ذميواري حڪومت تي اچي ٿي، تنهن ڪري انهن معاملن ۾ سرڪار جي وضاحت ضروري آهي ۽ ان لاءِ وڌيڪ وقت درڪار آهي.سردار مهر چيو ته جيڪڏهن سڀائي مهرجتوئي تڪرار جو ٽيبرو شيڊول نه هجي ها ته اڳ ۾ ئي رڪارڊ ڪيل بيانن جي بنياد تي فتوي کي حتمي شڪل ڏئي سگهجي پئي، پر اهم فيصلي جي ضرورت سبب فتوي کي عارضي طور ملتوي ڪيو ويو آهي.هن اميد ظاهر ڪئي ته جلد ئي سمورن معاملا حل ڪري انصاف تي ٻڌل فيصلو سامهون آندو ويندو جنهن سان ڏکهي عرصي کان جاري تڪرار جو خاتمو ممڪن بڻجي سگهندو.ضلعي گهوٽڪي 108 حياتيون ڳوڪائيندڙ خوني تڪرار جي ٽيبرو جو ڌرين جون ڳالهيون قلمبند ڪيون ويون .سمورين ڌرين جون ڳالهيون ٻڌي ويون آهن فيصلو محفوظ ڪري ويو آهي ، هڪ هفتي بعد فتوا جاري ڪئي ويندي ، سردار علي گوهر خان مهر سمورين ڌرين جا معاملا اڪلائي خان ڳوهر ۾ فتوا ٻڌائي ويندي ،

[redacted]

برادري جي هٿياربندن راشد ماڇي، خادم ماڇي، وقار ماڇي، خالد ماڇي ۽ ٻين گهر تي اوچتو حملو ڪري موٽڪي گوليون هني زخمي ڪري منهنجو ٻه ڌيئرون بينظير ۽ اقرا کي اغوا ڪري ويا آهن ٻئي پاسي اطلاع ملڻ تي مورو پوليس واقعي واري هنڌ روانِي ٿي وئي ايس ايچ او مورو امتياز کهاوڙ اسپتال پهچي زخمي کان واقعي جا تفصيل وٺي حملو ڪندڙن جي گرفتاري لاءِ روانو ٿي ويو گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿيل عزيز □ پٽو جو پٽ ڪجهه ڏينهن اڳ نوراني ڪالوني مان ماڇي برادري جي ڇوڪري کي اغوا ڪري ڪڍي ويو هيو جيڪو هن وقت تائين ظاهر ناهي ٿيو ۽ ناهي ڇوڪري واپس ٿي آهي معلوم ٿيو آهي ته پلاڊ طورماڇي برادري گهرن ڇوڪرن کي ڪڍي ويا آهن اطلاع ملڻ تي پوليس جوابدارن جي گهرن،پهچي وئي آهي پر جوابدارن گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا آهن ڪاٻ گرفتاري عمل ڪانه آئي هن واقعي بعد علائقي ۾ سخت خوف هراس ڇانئيل آهي ڪنهن وقت ڪو به واقعو پيش اچي سگهي ٿو جڏهن ته پوليس کي الرٽ ڪيو ويو آهي

[redacted]

ڪراچي ڪارروائي ڪندي جعلي دوائن جي سپلائي چين کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي. ترجمان ايف آءِ اي موجب ڪارروائي دوران هڪ ملزم اسدالله کي جعلي دوائن جي فراهمي وقت گرفتار ڪيو ويو. ترجمان ٻڌايو ته ملزم جي نشاندهي تي ميٺادر ڪراچي ۾ موجود هڪ گودام تي ڇاپو هنيو ويو جتان لکين رپين ماليت جون جعلي دوائون هٿ ڪيون ويون. هٿ آيل دوائن بابت سيزر ميمو فيڊرل ڊرگ انسپيڪٽر طرفان تيار ڪيو پيو وڃي. ايف آءِ اي موجب ملزمن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي ڪارروائي جاري آهي جڏهن ته وڌيڪ جاچ پڻ جاري آهي.

[redacted]

سيد سردار علي شاهه شرڪت ڪئي. ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ ٿيل هن نمائش ۾ مختلف شعبن جي نمائندگي ڪئي وئي، جتي سيد سردار علي شاهه مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ جديد زرعي ۽ ڊيري ٽيڪنالاجي جو جائزو ورتو. ان موقعي تي سيد سردار علي شاهه چيو ته زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ ملڪ جي معيشت ۾ ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا. هن نمائش جي قدمن کي ساراهيندي چيو ته اهڙن ايونٽس سان فارمرز کي سکڻ، تجربا ونڊڻ ۽ جديد طريقن بابت آگاهي حاصل ڪرڻ جا بهتر موقعا ملن ٿا. هن چيو ته هو پاڻ به ڊيري فارمنگ ۽ مال پالڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو ۽ گذريل ڪيترن ئي سالن کان باقاعدي هن نمائش ۾ شرڪت ڪندو پيو اچي ته جيئن جديد رجحانن کان واقف ٿي سگهي. نمائش ۾ ملڪ جي مختلف علائقن مان هارين، فارمرز ۽ لاڳاپيل ماهرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن ته صوبائي وزير فارمرز جي سهائتا ۽ جديد طريقن جي فروغ تي زور ڏنو. سيد سردار علي شاهه وڌيڪ چيو ته موسمياتي تبديلي سبب زراعت جو شعبو متاثر ٿيو آهي، پر لائيو اسٽاڪ تي ڌيان ڏئي نه صرف معيشت کي سهارو ڏئي سگهجي ٿو پر فوڊ سيڪيورٽي جي چيلينجن کي به منهن ڏئي سگهجي ٿو.

[redacted]

قتل ڪري ڇڏيو پوليس اختيارين موجب متاثرين جي سڃاڻپ 35 سالن جي سميعه ۽ سندس ٻن پٽن 14 سالن جي شهروز ۽ 12 سالن جي عبدالله جي طور تي ڪئي وئي آهي شروعاتي جاچ مان ظاهر ٿيو آهي ته هي خوني واقعو گهريلو تڪرار جو نتيجو آهي، جنهن کان پوءِ جوابدار موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس جي وڏي نفري موقعي تي پهچي وئي ۽ واقعي واري هنڌ تان ضروري ثبوت گڏ ڪيا ويا آهن پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ جلد ئي کيس انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو. جڏهن ته متاثرين جي لاشن کي قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. شروعاتي پوليس جاچ مان ظاهر ٿيو آهي ته جوابدار شوڪت مقتوله جو اڳوڻو مڙس آهي، جنهن ٻه سال اڳ کيس طلاق ڏني هئي، پر گهريلو تڪرار جي ڪري هن انتهائي قدم کنيو آهي. اطلاع ملندي ئي پوليس موقعي تي پهتي، واقعي جي جاءِ کي محفوظ ڪيو ويو ۽ ثبوت گڏ ڪرڻ لاءِ ڪرائم سين يونٽ کي طلب ڪيو ويو. ايس ايس پي ڪياماڙي لاڳاپيل ڊي ايس پي ۽ ايس ايچ او جي سربراهي ۾ هڪ ٽيم ٺاهي آهي ۽ جلد کان جلد جوابدارن جي گرفتاري جا حڪم جاري ڪيا آهن قانون کي پنهنجي هٿن ۾ کڻڻ ۽ جانين جي نقصان ۾ ملوث جوابدارن کي هر قيمت تي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو.

Monday 20 April 2026
سومر 20 اپريل 2026ع
روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
ايران - امريڪا ڳالهين جو ڏنڌلو ٿيندڙ منظر
صفحو 4

محمود شام
هاڻي دنيا ايران کان سبق سکندي
صفحو 4

خالده چانڊيو واقعو گهڻ رُخي جاچ گهري ٿو!
ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ
صفحو 4

ذوالفقار خاڪي
استاد نياز حسين جي ياد ۾!
صفحو 4

فنڪارن جي تنظيم اسٽيپ پاران ڪارو ڪاري جي عنوان هيٺ اسٽريٽ ٿيٽر پيش

حيدرآباد ۾ ڪارو ڪاري ۽ تعليمي ادارن ۾ شاگردياڻين کي هيسائڻ خلاف احتجاجي ريلي

جرنلسٽس،رائيٽرس،سول سوسائٽي فار ٽرٿ پيس اينڊ جسٽس جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي

سياسي سماجي اڳواڻن، انساني حقن جي تنظيمن ۽ جي ڊبليو سي جي ڪارڪنن،صحافين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٽنڊو مستي ۾ خالده چانڊيو ۽ هالا ۾ شمائلا چانڊيو کي ڪاري ڪري بيدردي سان قتل ڪيو ويو:اڳواڻ

ميرپورخاص ۾ ميڊيڪل جي شاگردياڻي فهميده لغاري کي ايترو ته هيسايو ويو جو هو خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ٿي وئي

تعليمي ادارن ۾ حڪومت پاران حراسمينٽ ڪميٽيون قائم ڪرڻ جو حڪم آهي پر ڪنهن به اداري ۾ حراسمينٽ ڪميٽيون ايڪٽو ناهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ سنڌ جي مظلوم ماڻهن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندڙ سماجي تنظيم جرنلسٽس، رائيٽرس، سول سوسائٽي فار ٽرٿ پيس اينڊ جسٽس (جي ڊبليو سي) جي مرڪزي سڏ تي ڪارو ڪاري جي ڪئي عمل ۽ سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ شاگردياڻين کي هيسائڻ خلاف احتجاج، احتجاجي ريلي ۾ جي ڊبليو سي اڳواڻن پاران خالده چانڊيو، شمائلا چانڊيو ۽ فهميده لغاري جي قاتلن کي سخت کان سخت سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ويو. ريڊيو پاڪستان کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي وئي، جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻن، انساني حقن جي تنظيمن جي ڪارڪنن، جي ڊبليو سي جي ڪارڪنن، صحافين ۽ عام شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ريلي جي اڳواڻي مرڪزي اڳواڻن ظفر ڦڪڙو، شاهده راڄپر، فهيم ٻيهن ضلعي صدر نياز وگهيس نائب صدر الطاف گُرڪي، استاد سيلرو، جنرل سيڪريٽري غلام سرور هنگورو، اورنگ زيب پتو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا جڏهن ته ريلي ۾ شريڪ مختلف مڪتب فڪر جي اڳواڻن عوامي تحريڪ جي نور احمد ڪاتيار، سنڌ صوفي فورم اڳواڻ ڊاڪٽر بدر چنا، مسلم ليگ فنڪشنل اڳواڻ رفيق مگسي ۽ ٻين خطاب ڪيو جڏهن ته فنڪارن جي تنظيم اسٽيپ پاران ياسين چن جي ڊائريڪشن ۾ ڪارو ڪاري جي عنوان هيٺ اداڪارن عقيل قريشي نيحا سحر ۽ عامر ڀهڙو اسٽريٽ ٿيٽر پيش ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جهڙي ٻين الزامن هيٺ عورتن کي قتل ڪرڻ وارا واقعا جاري آهن. ڏاڙو ٽي ٽنڊو مستي ۾ خالده چانڊيو ۽ هالا ۾ شمائلا چانڊيو کي ڪاري ڪري بيدردي سان قتل ڪيو ويو ٻئي پاسي ميرپورخاص ۾ ميڊيڪل جي شاگردياڻي فهميده لغاري کي ايترو ته هيسايو ويو جو هو خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ٿي وئي. هنن چيو ته ملڪ جي اعليٰ عدالتن طرفان جرڳن تي پابندي لڳل آهي، سنڌ حڪومت طرفان عورتن جي حقن ۽ تحفظ لاءِ ڪيترائي قانون پاس ٿيل آهن پر افسوس جي ڳالهه آهي ته انهن تي بلڪل به عمل نه ٿو ڪيو وڃي. اڳواڻن جو چوڻ هو ته اهڙي قسم جي واقعن کي روڪڻ لاءِ تعليمي ادارن ۾ حڪومت پاران حراسمينٽ ڪميٽيون قائم ڪرڻ جو حڪم نامو جاري ٿيل آهي پر ڪنهن به يونيورسٽي يا تعليمي اداري ۾ حراسمينٽ ڪميٽيون ايڪٽو ناهن جنهن ڪري اهڙي قسم جا واقعا پيش اچڻ معمول بڻيل آهي اڳواڻن چيو ته اهڙا آهي ڪهڙا هٿ ۽ ڪارڻ آهن جو وڏيرڪي سماج ۾ پابنديون باوجود اڄ به کلي عام جرڳا ڪري معصوم نينگرين جي موت جو پروانو جاري ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته معصوم حياتين کي هجوم سامهون گوليون ۽ ڪهاڙين هڻي بيدردي سان قتل ڪري فخر محسوس ڪيو وڃي ٿو پر اتي موجود ماڻهن مان ڪو روڪ ٽوڪ ڪري نه ٿو ڪيو جيڪا سماج جي بي حسي جو کليل ثبوت آهي. اڳواڻن مطالبو ڪيو ته سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جي ڪئي رسم جو خاتمو ڪري، سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ حراسمينٽ ذريعي نياڻين کي تنگ ڪري انهن کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ کان بچايو وڃي اهڙن ماڻهن خلاف قدر ڪئي عورتن، نياڻين کي تحفظ ڏنو وڃي جڏهن ته خالده چانڊيو شمائلا چانڊيو ۽ فهميده لغاري جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني سرڪار جي جوڙيل قانونن تي عمل ڪرايو وڃي ان دوران حيدرآباد پريس ڪلب جي سيڪريٽري اشرف شرما، امجاز لغاري،ساجد علي خان انورچانڊيو عقيل برڙو، فيروز ٻين الهه بخش ڪنير ۽ ٻين شرڪت ڪئي

حيدرآباد فنڪارن جي تنظيم اسٽيپ پاران ڪارو ڪاري جي عنوان هيٺ اسٽريٽ ٿيٽر پيش ڪيو پيو وڃي

صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر،گنشام داس سان والده جي وفات تي تعزيت ڪئي

خانپورمهر(ن ع)صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر ۽ ضلعي چيئرمين گهوٽڪي مير بنگل خان مهر ديوان محلي پهچي گنشام داس ۽ رميش لعل ساز سنڌن والده جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ۽ ساڻن تعزيت ڪئي. جڏهن ته سوڳوار خاندان سان همدردي جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي سيد محسن علي شاهه پڻ ساڻن گڏ موجود هو جڏهن ته انهي موقعي تي خانپورمهر جي ديوان برادري جا فرد پڻ وڏي انگ ۾ موجود هئا

باڊهه تعلقه مومينٽ جي احتجاج کي ڪنوينر علي محمد بروهي ۽ ٻيا خطاب ڪندي

باڊهه کي تعلقي جو درجو نه مليو،352 هين هفتي به احتجاج

ميڊيا هائوس کان ٽائون هال تائين ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

حڪمرانو پنهنجا واعدا پورا ڪيو، باڊهه کي تعلقو ڪيو جا نعرا

باڊهه شهر کي نظرانداز ڪري تباهي ڪناري پهچايو ويو آهي:عبدالرزاق مسڻ

باڊهه (ن ع)سنڌ حڪومت لاڙڪاڻي ضلعي جي قديمي ۽ تاريخي شهر باڊهه کي تعلقي جو درجو نه ڏني، باڊهه تعلقه مومينٽ جي پليٽ فارم تان 352 هين هفتي به احتجاج، فوري طور باڊهه تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جو مطالبو آبادي ۽ ايراضي جي لحاظ کان تعلقي جو حق رکندڙ لاڙڪاڻي جي ٻئي نمبر وڏي شهر باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ ستن سالن کان هلندڙ احتجاجي تحريڪ کي جاري رکندي باڊهه تعلقه مومينٽ جي ڪنوينر ڪامريڊ علي محمد بروهي ۽ باڊهه جائي ڪينيڊا جي رهاڪشي سينيئر صحافي عبدالرزاق مسڻ جي اڳواڻيءَ ۾ باڊهه ميڊيا هائوس کان ٽائون هال تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا جن تي "حڪمرانو پنهنجا واعدا پورا ڪيو، باڊهه کي تعلقو ڪيو" جا نعرا لکيل هئا احتجاجي مظاهري ۾ باڊهه جي مختلف مڪتب فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن علي انور عسڪري، ڪامريڊ اصغر نوناري، شمس الدين پنهور، مولا بخش ڦلپوٽو علي رضا جاتوئي، خليل احمد ڏيرو فدا حسين تنيو غلام شبير ڪوڪر عبدالله بروهي غفاري، اصغر بروهي، احمد خان زهري، نوروز بروهي، غلام حسين سومرو، خان نوناري، جاويد گوڏائي، جاويد جوڻيجو، محمد آمين سيال، علي بخش سولنگي، طاهر نور هيسباڻي مور سنڌي، افضل سانيل، نذير احمد چنه عبدالقادر زهري، محمد عذير زهري، علي زهري، سرائي سوڍو سولنگي، وقار سنڌي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شهري شاهد شيخ ريلي معان گلن جي ورڪا ڪئي ان موقعي تي ڪامريڊ علي محمد بروهي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته باڊهه جي پسگردائي ۾ موجود ننڍن شهرن کي تعلقي جو درجو ڏئي شهرن کي ترقي ڏياري وئي آهي اتان جي رهواسين کي صحت، تعليم ۽ بنيادي سهولتون وقت سر ملي رهيون آهن جڏهن ته باڊهه شهر کي نظرانداز ڪري تباهي ڪناري پهچايو ويو آهي جنهن ۾ سنڌ حڪومت سميت مقامي چونڊيل نمائندا پڻ پاڳي پائيوار بڻيل آهن جيڪي پارٽي قيادت اڳيان گونگا بڻيل آهن اليڪشن ۾ باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ جا اعلا ڪندڙ اميدوارن اقتدار حاصل ڪري ڪڏهن ايوانن ۾ باڊهه تعلقي جي حق ۾ آواز نه اٿاريو آهي نه ئي شهرين کي گهربل بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ ڪا دلچسپي ڏيکاري آهي البت باڊهه ۾ منشيات فروشي جوا ۽ بدامني کي هٿي ڏئي شريف شهرين جو جيئڻ جنجال ڪيو ويو آهي جنهن ڪري شهرين ۾ شديد غصي جي لهر ڦهليل آهي ڪينيڊا کان کهي آيل باڊهه جائي سينيئر صحافي عبدالرزاق مسڻ چيو ته گهڻو وقت گذري ويو هاڻي جيڪڏهن باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ ۾ دير ڪئي وئي ته هي آواز يو اين او تائين پهچايو ويندو اڳواڻن پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه پ پ ايم اين اي نظير احمد بگهيو ۽ ايم پي اي عادل الطاف انڙ کان مطالبو ڪندي چيو ته بنادير باڊهه کي تعلقي جو درجو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي

مٽياري ۾ عورتن تي تشدد،ڪارو ڪاري جي رسم ۽ حراسمينٽ خلاف احتجاجي ريلي

بابر سرفراز ترڪ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي،جيڪا پريس ڪلب آڏو پهچي ڌرڻي ۾ تبديل ٿي وئي

پلي ڪارڊ کڻي عورتن خلاف ٿيندڙ ظلم، غيرت جي نالي تي قتل ۽ حراسمينٽ خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

سنڌ ۾ عورتن خلاف تشدد جا واقعا روزانو وڌي رهيا آهن. جيڪا انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي:اڳواڻ

ڪارو ڪاري جي نالي تي ٿيندڙ قتل عام کي فوري طور روڪيو وڃي ۽ اهڙن واقعن ۾ ملوث جوابدارن کي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي

مٽياري (ڊ ر)مٽياري ۾ عورتن خلاف وڌندڙ تشدد، ڪارو ڪاري جي رسم ۽ حراسمينٽ جي واقعن خلاف جي ڊبليو سي جي سڏ تي بابر سرفراز ترڪ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا مٽياري پريس ڪلب آڏو پهچي ڌرڻي ۾ تبديل ٿي وئي ريلي ۾ صحافين، عورتن ۽ سول سوسائٽي سان واسطو رکندڙ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي عورتن خلاف ٿيندڙ ظلم، غيرت جي نالي تي قتل ۽ حراسمينٽ خلاف سخت نعريبازي ڪئي مظاهرين پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ ۾ عورتن خلاف تشدد جا واقعا روزانو وڌي رهيا آهن.جيڪا انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي انهن مطالبو ڪيو ته ڪارو ڪاري جي نالي تي ٿيندڙ قتل عام کي فوري طور روڪيو وڃي ۽ اهڙن واقعن ۾ ملوث جوابدارن کي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي هنن وڌيڪ چيو ته نياڻين کي اسڪولن ڪاليجن ۽ سماجي هنڌن تي حراسمينٽ جو نشانو بڻائڻ به هڪ وڏو سماجي الميو بڻجي چڪو آهي جيڪو فوري طور ختم ٿيڻ گهرجي مظاهرين خاص طور تي تازن واقعن جو حوالو ڏيندي چيو ته ٽنڊو مستي ۽ هالا ۾ نياڻين کي غيرت جي نالي تي بي رحمي سان قتل ڪيو ويو جڏهن ته ميرپورخاص ۾ هڪ شاگردياڻي کي مسلسل حراسمينٽ جو نشانو بڻايو ويو جنهن بعد هن مبينا طور خودڪشي ڪئي هنن چيو ته اهڙن دردناڪ واقعن سبب سنڌ جون عورتون خوف ۽ عدم تحفظ جو شڪار آهن جنهن ڪري نياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي ۽ ڪيترائي والدين پنهنجين ڌيئرن کي تعليم لاءِ موڪلڻ کان به هٻڪ محسوس ڪري رهيا آهن مظاهرين حڪومت، پوليس ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته عورتن جي تحفظ لاءِ فوري ۽ سخت قدم کنيا وڃن ته جيئن سماج ۾ امن انصاف ۽ تحفظ جو احساس بحال ٿي سگهي

مٽياري عورتن تي تشدد،ڪارو ڪاري جي رسم ۽ حراسمينٽ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

پيارولنڊ پوليس هٿان ڦورو گروهه جو مک جوبدار گرفتار،موٽر سائيڪل ۽ هٿيار هٿ

عثمان شاهه هوڙيات (پيارولنڊ) ٿاڻي جي ايس ايڇ او ميرل خان ڪوسو پوليس عملي سان جهنڊومري ويجهو زرداري لنڪ دان ڪارروائي ڪندي شڪارپور واسي دين محمد ملاح کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان زاهد عمراڻي کان ڦر ٿيل موٽر سائيڪل ۽ پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪري ورتو ۽ ملس ڦر ۽ غيرقانوني هٿيار رکڻ جي ڏوهه جا ڪيس درج ڪيا ويا آهن

عثمان شاهه هوڙي پوليس ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

خانپورمهر ۾ ڏهين ڪلاس جي شاگردن جي اعزاز ۾ فيئر ويل تقريب

پائلٽ پبلڪ هاءِ اسڪول تقريب ۾ استادن، شاگردن ۽ والدين شرڪت ڪئي

شاگردن قومي گيت، ٽيبلوز ۽ ثقافتي پروگرامن وسيلي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر جي مقامي اسڪول پائلٽ پبلڪ هاءِ اسڪول ۾ ڏهين ڪلاس جي شاگردن جي اعزاز ۾ فيئر ويل تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ استادن، شاگردن ۽ والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ مختلف شاگردن جن ۾ اسد علي ڪپيل ڪمان حسنين وحڻ ڪمان ايڪتا ڪماري، مانسي ٻترل سوهانا مهر لڇمي ۽ صنم مهر ۽ ٻين تقريرون قومي گيت، ٽيبلوز ۽ ثقافتي پروگرامن وسيلي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو تقريب دوران ماحول خوشگوار رهيو جڏهن ته شاگردن ۾ جذباتي لمحا به ڏٺا ويا. پائلٽ پبلڪ هاءِ اسڪول جي پرنسپال سر ممتاز علي ڳاڏائي ۽ ٻين استادن جن ۾ سر جيوو لال استاد بسنت ڪمان استاد ظهور احمد، استاد امان الله استاد داڻود گبول ۽ ٻين استادن پنهنجي خطابن ۾ ڏهين ڪلاس جي شاگردن کي محنت، نظم ۽ ضبط سان اڳتي وڌڻ جي تلقين ڪئي ۽ سندن روشن مستقبل لاءِ نيڪ تمنائون ظاهر ڪيون مهمانن پڻ شاگردن جي ڪارڪردگي کي ساراهيو جڏهن ته گروپ فوٽو پڻ ڪيرايا ويا تقريب خوشگوار ماحول ۾ پڄاڻي تي پهتي

خيرپور ناٿن شاهه ۽ آسپاس منشيات وڪري خلاف احتجاجي ريلي

منشيات وڪري سبب ڪيترن ئي خاندانن جو سڪون تباهه ٿي ويو آهي،سومر چانڊيو

صحافي، وڪيل، استاد ۽ سماجي اڳواڻ هن ناسور خلاف ٻڌي جو مظاهرو ڪن

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع)خيرپور ناٿن شاهه ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ منشيات جو وڌندڙ واهپي ۽ پوليس جي سرپرستي ۾ وڪري ٿيندڙ وڪري خلاف شهر جي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪندي شهر ۾ ريلي ڪڍي جيڪا شهر جي مختلف هنڌن تان ٿيندي پريس ڪلب اڳيان پهتي جتي قومي عوامي تحريڪ ضلع دادو جي آرگنائيزر محمد سومر چانڊيو ايس ٽي پي اڳواڻ علي حسن جانوري جي يو آءِ اڳواڻ حافظ محمد انور ڪوهار ايس ٽي پي تعلقه خيرپور ناٿن شاهه جي صدر سڪندر ڪوڪر ،عزيز جمالي ۽ ٻين تقريرون ڪندي چيو ته پوليس جي سرپرستي ۾ ٿيندڙ منشيات جي وڪري سبب ڪيترن ئي خاندانن جو ڏهني سڪون تباهه ۽ برباد ٿي ويو آهي منشيات جو زهر اسان جي نوجوانن کي تباهه ڪري رهيو آهي ۽ ڪيترائي گهر اجڙي رهيا آهن اڳواڻن چيو ته صحافي، وڪيل استاد ۽ سماجي اڳواڻ هن ناسور خلاف ٻڌي جو مظاهرو ڪن ته جيئن هن انسان دشمن ڪاروبار جو خاتمو ڪري سگهجي ۽ ان ڪاروباري ۾ ملوث ڊيلرن کي ڪيفري ڪردار تائين پهچائي سگهجي جيڪڏهن اڄ به اسان خاموش رهياسين ته اسان جا ايندڙ نسل اسان کي ڪڏهن به معاف نه ڪندا هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدر آباد ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته منشيات فروشن ڊيلرن خلاف آپريشن ڪري ماڻهن جون زندگيون بچائڻ سان گڏ ماڻهن جا گهر تباهه ۽ برباد ٿيڻ کان بچايا وڃن ٻئي صورت ۾ پوليس خلاف احتجاج جو سلسلو شروع ڪيو ويندو

خيرپور ناٿن شاهه منشيات جي وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ٻنون ۾ راهوٽ روڊ جي تعمير نه ٿيڻ، قبرستان تي ٿيل قبضن خلاف شٽر بند هڙتال،مظاهرو،ڌرڻو

مختلف سياسي سماجي،مذهبي، واپاري ۽ شهري تنظيمن جي شرڪت،ٻنون بچايو،ڪرپشن مٽايو جا نعرا هنيا ويا

شٽر بند هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو،ٻنون جي شاهي بازار بند اسڪول سميت ٻيا سمورا ڪاروباري مرڪز بند رهيا

راهوٽ روڊ وڏي عرصي کان ٽٽل ڦٽل آهي،قبرستان تي قبضا آهن چوديواري نه هئڻ سبب جانور بي حرمتي ڪن ٿا:عبدالغفور ميمڻ

دڙو (رپورٽ:اعجاز اختر ميمڻ)ٻنون ۾ جمعيت علماء اسلام جي سڏ تي مختلف سياسي سماجي تنظيمن طرفان راهوٽ روڊ جي تعمير نه ٿيڻ ڪرپشن، اقرباپروري ۽ تاريخي قبرستان تي ٿيل قبضن خلاف شهر ۾ شٽر بند هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جڏهن ته ٻنون جي شاهي بازار بند اسڪول سميت ٻيا سمورا ڪاروباري مرڪز بند رهيا، احتجاجي مظاهري ۾ جي يو آءِ، ايس ٽي پي، جسقم، گسڪا، واپاري ايسوسيئيشن سميت ٻين تنظيمن جي اڳواڻن حافظ عبدالغفور ميمڻ عبدالڪريم پليجي ڏاڏا آدم پليجي عبدالرحيم قاضي سرفراز سومرو مولانا عبدالقادر سومرو سميت ٻين اڳواڻن ڪارڪنن، واپارين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ٻنون راهوٽ روڊ وڏي عرصي کان وٺي زبون بڻيل آهي. شهر جي قديم قبرستان تي قبضا آهن چوديواري نه هئڻ سبب جانور قبرستان جي بي حرمتي ڪن ٿا، ڪافي هاءِ گهوڙا باوجود ڪير ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. هنن چيو ٿن ٻنون شهر کي هر دور ۾ هميشه نظر انداز ڪيو ويو آهي جلد کان جلد ٻنون راهوٽ روڊ جي تعمير ڪرائي شهر جي قبرستان تان قبضا ختم ڪرايا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

دڙو ٻنون ۾ سياسي سماجي اڳواڻ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شٽر بند هڙتال بعد مظاهرو ڪري رهيا آهن

ڪلوئي ۾ ڳوٺ مالو ميگهواڙ تي وري حملو،ڌمڪيون،پوليس ڪان هجڻ جا الزام

مٺي (ڊ ر)ٿرپارڪر ضلعي جي تعلقي ڪلوئي جي ٿاڻي حد ڪيٽي جي ڳوٺ مالو ميگهواڙ تي هٿيارٻند لنڊ برادري پاران ڪالهه بيهر حملو ڪيو ويو ۽ گارگنڊ ڪري ڌمڪيون ڏنيون ويون ڳوٺاڻن سومار ميگهواڙ ميندرو ميگهواڙ ۽ ٻين الزام هنيو ته لنڊ برادري جي بابو لنڊ، يعقوب لنڊ، خالق لنڊ ۽ عمراڻي برادري جا ماڻهو گهرائي بيهر گهرن کي پناهه طور ڇڏيل ديوين کي روڙ جو ڪوشش ڪئي وئي

نوابشاهه ۾ خالده چانڊيو،شمائلا چانڊيو ۽ فهميده لغاري جي قتل خلاف احتجاجي ريلي

قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪيفي شيراز چونڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

خالده چانڊيو،شمائلا چانڊيو ۽ ميڊيڪل جي شاگردياڻي فهميده لغاري جا قاتل گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچايا وڃن:ذوالفقار خاصخيلي

سنڌ جي هر مظلوم نياڻي اسان جي نياڻي آهي جنهن جا اسان وارث آهيون، جن جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ اسان جدوجهد جاري رکنداسين

خالده چانڊيو،شمائلا چانڊيو ۽ فهميده لغاري جي خون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ جوابدارن کي سخت سزا ڏني وڃي

نوابشاهه (ڊ ر)نوابشاهه ۾ جي ڊبليو سي مرڪزي جي سڏ تي ٽنڊو مستي ۾ بيدردي سان گوليون هڻي قتل ٿيل خالده چانڊيو هالا ۾ قتل ٿيل شمائلا چانڊيو ۽ ڊاڪٽر فهميده لغاري جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪيفي شيراز چونڪ کان نوابشاهه پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو .ريلي ۾ مردن عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي جي اڳواڻي جي ڊبليو سي جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ذوالفقار علي خاصخيلي ڪئي. ريلي ۾ سياسي سماجي سول سوسائٽي ۽ هر مڪتبه فڪر جي ماڻهن شهرين شرڪت ڪئي آهي. ان موقعي تي اڳواڻن ذوالفقار علي خاصخيلي شاهنواز ڪيريو علي رضا خاصخيلي اڪرم خاصخيلي لال چند ذوالفقار رستماڻي صحافي شاهه محمد شاهه ولي محمد جوکيو مختيار خاصخيلي ستار سندر شمائلا ڪيريو ۽ ٻين اڳواڻن ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته بيدردي سان قتل ڪيل ٽنڊومستي ۾ خالده چانڊيو هالا ۾ قتل ٿيل شمائلا چانڊيو ۽ ميرپورخاص ۾ ميڊيڪل جي شاگردياڻي فهميده لغاري جا قاتل گرفتار ڪري ڪيفري ڪردار تائين پهچايو وڃي. سنڌ جي هر مظلوم نياڻي اسان جي نياڻي آهي جنهن جا اسان وارث آهيون جن جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ اسان جدوجهد جاري رکنداسين مظاهرين جو وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جي نالي تي نياڻين کي قتل ڪرڻ ۽ نياڻين کي حراسان ڪرڻ جا واقعا وڌي رهيا آهن سنڌ جي نياڻين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ اهڙن واقعن ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.هنن چيو ته نياڻين جو قتل انتهائي افسوسناڪ ۽ انسانيت سوز عمل آهي جنهن جي جيتري به مذمت ڪجي اها گهٽ آهي.مظاهرين مطالبو ڪيو ته خالده چانڊيو، شمائلا چانڊيو ۽ فهميده لغاري جي خون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ جوابدارن کي سخت سزا ڏني وڃي

نوابشاهه خالده چانڊيو،شمائلا چانڊيو ۽ فهميده لغاري جي قتل خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڏگهڙي پرسان تيز رفتار گاڏي جي ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان حياتي وڃائي ويٺو

ڏگهڙي(ن ع)ڏگهڙي پرسان ڪوٽ غلام محمد روڊ تي بشير آباد لڳ هڪ تيز رفتار ويگو ڊالا ڪائيون ڪٽي روڊ پار ڪندڙ نوجوان کي ٽڪر هڻي جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان سخت زخمي ٿي پيو، زخمي نوجوان جي سڃاڻپ نيڪو ڪولهي جي نالي سان ٿي آهي جيڪو ويجهي علائقي جو رهواسي ٻڌايو وڃي ٿو،زخمي نوجوان کي فوري طور تعلقي اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو ويو جتي ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد ڳڻتي جوڳي حالت سبب ڪيس حيدرآباد ريفر ڪيو ويو پر نوجوان زخمن جا سور نه سهندي رستي ۾ ئي دم ڏئي ڇڏيو،واقعي ڪانپوءِ فوتي جي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ علائقي ۾ سوڳ واري فضا ڇانئجي وئي. مقامي ماڻهن انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪوٽ غلام محمد روڊ تي تيز رفتاري کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سخت قدم کنيا وڃن ته جيئن ايندڙ وقت ۾ اهڙن افسوسناڪ واقعن کان بچي سگهجي.آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو جڏهن ته ويگو ڊالا مقامي ڊاڪٽر جو ٻڌايو وڃي ٿو

ڏگهڙي حادثي جو شڪار ڪان ٻئي طرف حياتي وڃائيندڙ نوجوان

گهوٽڪي ۾ سيپڪو اختيارين پاران بجلي چورن ۽ ڊيفالٽرز خلاف آپريشن

بقاياڻ جي ادائيگي نه ٿيڻ تي ڪيترائي غيرقانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا

ايڪسئن سيپڪو پاران تارون ضبط،صارفين کي بل ادا ڪرڻ جون هدايتون

گهوٽڪي(ن ع)ايڪسئن سيپڪو گهوٽڪي فهير احمد بلوچ جي نگراني ۾ لائن سپريڊنٽ خادم حسين ملڪ ۽ سيپڪو عملي شاهه بازار فيڊر جي مختلف علائقن ۾ بجلي چورن ۽ ڊيفالٽرز خلاف آپريشن ڪيو آپريشن دوران ڪيترائي غيرقانوني ڪنڊا ڪنيڪشن ڪٽيا ويا جڏهن ته ڊفالٽرز جا ڪنيڪشن ڪٽي ڪري انهن کي فوري طور تي پنهنجا بقايا ادا ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون ان کان علاوه ڪنڊا ڪنيڪشن ۾ استعمال ٿيندڙ تارون به ضبط ڪيون ويون ان موقعي تي ايڪسئن سيپڪو گهوٽڪي فهير احمد بلوچ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سيپڪو چيف سکر اعجاز احمد چنا جي هدايتن تي بجلي چوري جي خاتمي ۽ ريڪوري بهتر بڻائڻ لاءِ روزاني بنياد تي ڪارروائيون جاري آهن ۽ اڄ جي ڏينهن به بجلي چوري روڪڻ لاءِ گرينڊ آپريشن ڪيو پيو وڃي هن چيو ته بجلي چوري هڪ قومي ڏوهه آهي جنهن سان نه صرف اداري کي به ايمانداري سان بل ادا ڪندڙ صارفين کي به تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن عوام کي اپيل ڪئي ته هو بجلي چوري جهڙي غيرقانوني عمل کان پاسو ڪن ۽ پنهنجا بقاياجات بروقت ادا ڪن ته جيئن بجلي جي فراهمي جو نظام بهتر بڻائي سگهجي. هن واضح ڪيو ته اهڙا گرينڊ آپريشن مستقبل ۾ به جاري رهندا ۽ بجلي چوري ۾ ملوث عنصرن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

زال رخسار مستوئي بليڪ ميلنگ تي لهي آئي آهي: احمد قريشي

مون سائبرڪرائم تحت درخواست داخل ڪرائي جنهن تي هو جيل وئي

آزاد ٿي ته بيهر منهنجي خلاف لکڻ شروع ڪري ڌمڪين تي لهي آئي آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي علائقي راحت سنيما جي رهواسي ايڊووڪيٽ احمد قريشي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي سندس زال رخسار مستوئي ناحق بليڪ ميلنگ تي لهي آئي آهي. هن چيو ته رخسار مستوئي خلاف مون ايف آئي اي ۾ سائبرڪرائم تحت درخواست داخل ڪرائي جنهن تي هو جيل هلي وئي ۽ بعدم معافي وٺي آزاد ٿي ته بيهر منهنجي خلاف لکڻ ۽ ڳالهائڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ ڌمڪين تي لهي آئي آهي. هن چيو ته رخسانا ۽ ان جي ڀاءُ رضا مستوئي ۽ سليم جمالي کان جاني ۽ مالي خطرو آهي. اعليٰ اختيارين کي اپيل آهي ته ڄاڻايل ڀاءُ ڀيڻ ۽ سليم جمالي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري تحفظ ڏنو وڃي

حيدرآباد ايڊووڪيٽ احمد حسين پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ سردار ستار ڪيريو جي مان ۾ آجياڻو

گوٺ جعفر جمالي جي نيڪ مردن شاندار آجياڻي جو اهتمام ڪيو

جمالي برادري انڊس پبلڪ سوشل فورم ۾ شموليت جو اعلان ڪيو

سڪرنڊ (س ر)سڪرنڊ جي گوٺ جعفر جمالي جي نيڪ مردن عبدالجبار جمالي ، زاهد حسين جمالي ۽ محمد حسين جمالي پاران پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ انڊس پبلڪ سوشل فورم جي سرپرست اعليٰ سردار عبدالستار ڪيريو جي مان ۾ شاندار آجياڻي جو اهتمام ڪيو جتي ڪيس جمالي برادريءَ پاران ڀرپور ڀليڪار ڪيو ويو جڏهن ٻين آيل مهمانن کي لنگين جا تحفا پيش ڪيا ويا جنهن بعد پروگرام جي ميزبان عبدالجبار جمالي آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪرڻ بعد اعلان ڪيو ته اسين گوٺ جعفر جمالي جي جمالي برادري سردار عبدالستار ڪيريو جي قيادت تي اعتماد ڪندي سندس سماجي ۽ فلاحي تنظيم انڊس پبلڪ سوشل فورم ۾ شموليت جو اعلان ڪيون ٿا اڄ کانپوءِ اسان جي برادري سردار عبدالستار ڪيريو سان گڏ هونديءَ ان موقعي تي سردار عبدالستار ڪيريو ڳالهائيندي چيو ته ان مان شڪر گذار آهيان جمالي برادريءَ جو جن اسان تي اعتماد ڪري انڊس پبلڪ سوشل فورم ۾ شموليت جو اعلان ڪيو آهي اسين نه صرف ڪين ڀليڪار ڪيون ٿا بلڪ سنڌن هر ڏک سک ۾ گڏ هونداسين هن وڌيڪ چيو ته سياسي حوالي سان اسان جو تعلق پيپلز پارٽي سان آهي ان شاءَ الله اها به ڪوشش هوندي ته هن گوٺ کي سياسي حوالي سان پڻ ترقياتي ڪمن ۾ به رليف ڏياري سگهون ان ڪان اڳ رياض حسين جمالي ۽ عطا محمد جمالي آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو پروگرام ۾ غلام حيدر ڪيريو ، ڊاڪٽر اي ڊي ڪيريو ، مشتاق ڪيريو ، سانول ڪيريو ، نثار ڪيريو ، مجيد عباسي ، شاهنواز ماڇالو ، عثمان ڪيريو ، سينيئر صحافي ولي محمد پٽي ، محمد بچل ڪيريو ، محمد انور ڪيريو ، نويد سومرو ، حاجي حسين بخش ڪيريو، نورالدين ڪيريو ، جاني جمالي ، نظام الدين ڪيريو .سيد صالح شاهه ، شوڪت حسين ڪيريو سميت ٻين شخصيتن شريڪ هيون

ميهڙ ۾ 6 سالہ اجالا پروين سولنگي جي بازيابي لاءِ پيادل مارچ

سول سوسائٽي ۽ شهري اتحاد پاران ريلي ڪڍي پيادل مارچ ڪيو ويو

ڊي آءِ جي پاران نوٽيس وٺڻ باوجود به ڪا اڳڀرائي نه ٿي سگهي آهي:نياز ٻرڙو

راڌڻ (ن ع)ميهڙ ۾ 6 ڏينهن کان پراسرار طور گم ٿيل گلن گلن جهڙي 6 سالہ نينگري اجالا پروين سولنگي جو اڃا تائين ڪو پتو نه پئجي سگهيو آهي ۽ ايس ايس پي دادو جي سخت هدايتن باوجود مقامي پوليس پڻ خاموش تماشائي بڻيل آهي اجالا سولنگي جي اغوا خلاف ۽ بازيابي لاءِ سول سوسائٽي پاران ميهڙ تعلقي جي مزاحمتي جدوجهد جي علامت ۽ شهري اتحاد جي چيئرمين نياز علي برڙي جي قيادت ۾ اياز ڪالوني کان نيشنل پريس ڪلب ميهڙ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي پيادل مارچ ڪيو ويو جنهن ۾ سوين شهرين شرڪت ڪئي ۽ اجالا جي بازياب ڪرايو جا زوردار نعرا هنيا ويا ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته اياز ڪالوني مان 6 ڏينهن اڳ گم ٿيل بارڙي اجالا پروين سولنگي جي ڳولا لاءِ پوليس طرفان انعام جو اعلان ۽ ڊي آءِ جي پاران نوٽيس وٺڻ باوجود به ڪا اڳڀرائي نه ٿي سگهي آهي،ان موقعي تي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جديد ٽيڪنالاجي هجڻ باوجود بارڙي جو پتو نه لڳڻ ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي جڏهن ته سنڌ ۾ ٻارن جي اغوا ۾ ملوث گروهه سرگرم آهي پر قانون لاڳو ڪندڙ ادارا خاص طور تي پوليس جا پڻ ڪيترا ادارا آهن جيڪي سنڌن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي رهيا آهن مظاهرين چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فني ۽ جاچ ٽيمون جوڙي اجالا پروين سولنگي کي فوري طور بازياب ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو جنهن جي ذميوار مقامي پوليس ۽ انتظاميه هوندي

راڌڻ ميهڙ ۾ 6 سالہ اجالا پروين سولنگي جي بازيابي لاءِ پيادل مارچ ڪيو پيو وڃي

مٽياري لڳ ڳوٺ شير محمد لوڙها ۾ قانوني آگاهي جي عنوان هيٺ سيمينار منعقد ڪيو ويو

مٽياري(ڊ ر)مٽياري لڳ ڳوٺ شير محمد لوڙها ۾ نوجوان ايڊووڪيٽ دير محمد تالپر پاران قانوني آگاهي جي عنوان هيٺ سيمينار منعقد ڪيو ويو، وڪلا برادريءَ جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ ڪي بي لغاري جي خصوصي شرڪت سينئر وڪيلن ايڊووڪيٽ انور لاشاري ايڊووڪيٽ ذيشان بشير چانڊيو ۽ سينئر وڪيلن سميت جونيئر وڪيلن ،يونين ڪائونسل شير محمد لوڙها جي چيئرمين وفا سرفراز خاصخيلي مير ياسر علي تالپر ايس يو پي اڳواڻ شڪور ناز خاصخيلي سميت علائقي جي نوجوانن ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي وڪيل اڳواڻ ايڊووڪيٽ ڪي بي لغاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ دشمن منصوبن سميت هر مسئلي تي وڪيل برادري هميشه ثابت قدم رهي آهي هن نوجوان وڪيلن پاران اهڙا قانوني آگاهي وارا پروگرام ڪرائڻ سندن جذبو ظاهر ڪري ٿو ڪي بي لغاري چيو ته سنڌ ۾ ڪارو ڪاري ۽ قبائلي قتل عام جي ذميوار سنڌ حڪومت آهي جنهن کي پنهنجو قانوني ڪردار ايمانداري سان نڀائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته موجوده آمريڪا ۽ ايران جنگبندي ۾ پاڪستان جو ڪردار قابل تحسين آهي جيڪا اسان جي ملڪ لاءِ پوري دنيا اندر وڏو اعزاز آهي. ڪي بي لغاري وڌيڪ چيو ته وڪيلن هميشه سنڌ جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ اسان نوجوان وڪيلن مان به اها اميد رکون ٿا ته سنڌ جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ تان پاڇ ملهائيندا

شهيد ڀٽو اڳواڻ منير بروهي تي ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاجي ريلي

مظاهرين ايس ايس پي ڪراچي ۽ مزمل سومرو خلاف سخت نعرا هنيا

چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جي تقدس کي پامال ڪيو ويو آهي:علي نواز خان

اوباوڙو (ن ع) اوباوڙو ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو جي ساٿي ۽ پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو جي مرڪزي اڳواڻ ڪمانڊر منير احمد بروهي خلاف ڪراچي پوليس پاران مبينا طور ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ ۽ سندس گهرن تي چڙهائين خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ڪارڪنن ۽ شهرين شرڪت ڪئي،ريلي سپيا هائوس ريلي روڊ کان شروع ٿي ۽ شهر جي مختلف رستن مان گذرندي پريس ڪلب پهتي، احتجاج جي اڳواڻي علي نواز خان سپيي نذير احمد ڪلهوڙو معشوق علي چڇڙ علي نواز ڪرين پيو خان سپيي ڏاڦران علي الهڏنو ٻروڙان راضي خان رند صوبا خان چهواڻ ڪريم بخش چڇڙ ۽ ٻين ڪئي. ڪارڪنن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪئي.مظاهرين خالد ڪورائي ايس ايس پي ڪراچي ۽ مزمل سومرو خلاف سخت نعرا هنيا ۽ مطالبو ڪيو ته منير احمد بروهي خلاف داخل ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن.نيشنل پريس ڪلب اڳيان اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ڪراچي پوليس سياسي انتقام تحت ڪوڙا ڪيس داخل ڪري رهي آهي ۽ منير بروهي جي گهرن تي چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جي تقدس کي پامال ڪيو ويو آهي. جيڪو ناقابل برداشت عمل آهي. هنن چيو ته اهڙن حربن سان هو پنهنجو آواز دٻائڻ نه ڏيندا

اوباوڙو شهيد ڀٽو اڳواڻ منير بروهي تي ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڏاڏو ڊانڊل گرين پارڪ اسٽيڊيم ۾ ٻن ڏينهن جو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ

مٺي(ڊ ر)اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ آف سنڌ جي اهتمام هيٺ ننگرپارڪر لڳ ڏاڏو ڊانڊل جي گرين پارڪ اسٽيڊيم ۾ ٻن ڏينهن تي مشتمل 12 ٽيمن وچ ۾ شاندار ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي پهرين ڏينهن تي مجموعي طور 6 ٽيمن حصو ورتو هر ميچ 6 اوورن تي ڪيڏي وئي، پهرين راند جو مظاهرو ڪندي العباس ۽ لکي اسٽار ٽيم سيمي فائنل ۾ پهچي ويون. رانديگرن پنهنجي بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندي ناظرين کي دلچسپ مقابلا ڏنا جنهن سبب اسٽيڊيم ۾ موجود ماڻهن کي تفريح سان گڏو گڏ اعليٰ معيار جي ڪرڪيٽ ڏسڻ جو موقعو پڻ مليو ايونٽ جي ٻئي ڏينهن فائنل مقابلا کيڏيا ويندا، جن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ ٽيم کي ٽرافي سان گڏ روڪ انعام پڻ ڏنو ويندو انتظاميه موجب فائنل ميچ ڏسڻ لاءِ وڏي انگ ۾ شائقين جي اچڻ جي اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي مقامي ماڻهن ۽ ڪرڪيٽ جي شوقينن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندي ايونٽ کي ساراهيو ۽ چيو ته اهڙيون سرگرميون علائقي لاءِ انتهائي اهم آهن ڇو ته اهي نه صرف نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪن ٿيون پر سندن صلاحيتن کي پڻ اجاگر ڪن ٿيون. علائقي واسين اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ آف سنڌ جي ڪوشش کي واکاڻيندي چيو ته ڏاڏو ڊانڊل جهڙي علائقي ۾ اهڙو شاندار اسپورٽس ايونٽ ڪرائڻ قابل تحسين قدم آهي. سندن چوڻ هو ته اهڙن پروگرامز جي تسلسل سان نوجوانن کي صحتمند ۽ مثبت ماحول ملي سگهي ٿو جيڪو سماج جي بهتري لاءِ انتهائي ضروري آهي

عربي سمنڊ تي مافيائن جو قبضو ٿي ويو،ماهيگيرن کان رڇ راشن ۽ تيل ڦر

ڪراچي کان بدين تائين پوري عربي سمنڊ تي مقامي ۽ غيرمقامي بااثر سياسي اڳواڻن پوترن ۽ جاگيردارن قبضو ڪري ورتو

پوترن بي رحم قزاڪن ۽ مافيا جو روپ ڌاري رياستي قانون کي ٽڏي پنهنجا هٿ ٺوڪيا قانون جوڙي ورتا

غنڊه رات ڏينهن سمنڊ تي موت وارا لامارا ڏيندا رهن ٿا،جوڙيل قانون جي خلاف ورزي ڪري مڇي رڇ راشن ڊيل ڪسيا پيا وڃن،ماهيگير

سامونڊي مافيا عربي سمنڊ جي سوين ڊورن جي منهن تي مڇي جي نسل ڪشي ڪندڙ جار لڳائي ڇڏيا آهن

ڳاڙهو (رپورٽ:فيض سنڌي) ڪراچي کان بدين تائين پوري عربي سمنڊ تي مقامي ۽ غيرمقامي بااثر سياسي اڳواڻن پوترن ۽ جاگيردارن قبضو ڪري ورتو آهي جيڪي هن وقت بي رحم قزاڪن ۽ مافيا جو روپ ڌاري چڪا آهن رياستي قانون کي ٽڏي پنهنجا هٿ ٺوڪيا قانون جوڙي ورتا آهن جنهن تحت هاڻي سندن مرضي ۽ غنڊه ٽيڪس ادا ڪرڻ کانسواءِ ڪو به ماهيگير مڇي جو شڪار ڪري نٿو سگهي مافيائن جا غنڊه رات ڏينهن سمنڊ تي موت وارا لامارا ڏيندا رهن ٿا سندن جوڙيل قانون جي خلاف ورزي ڪندڙن کان مڇي رڇ راشن تيل ڪسيا پيا وڃن ۽ ماهيگيرن کي يرغمال بنائي رکيو وڃي ٿو جنهن سبب عام ماهيگيرن سندن خوف ۽ غنڊه گردي کان مڇي جو شڪار بند ڪري ڇڏيو آهي سندن ٻچا فاقه ڪشي جو شڪار آهن ٻئي طرف سامونڊي مافيا عربي سمنڊ جي سوين ڊورن جي منهن تي مڇي جي نسل ڪشي ڪندڙ جار لڳائي ڇڏيا آهن جنهن سان سالن کان مڇي جي نسل ڪشي جاري آهي خاص ڪري پلو ڊانگري جهينگو اڃ نايات ٿي ويا آهن گويا مافيا جي قبضن ڪانپوءِ هن وقت عربي سمنڊ ماهيگيرن لاءِ نوگوايريا بڻيل آهي هن ڏس ۾ سنڌ حڪومت کي فوري قانون جوڙي ڪراچي کان بدين تائين سمنڊ تان قبضه ختم ڪرائي مڇي جي نسل ڪشي ڪندڙ جارن خلاف ٺوس قدم کڻڻ گهرجن

سڪرنڊ ۾ عوامي پريس ڪلب پاران هڪ روزه مفت ميڊيڪل ڪيمپ قائم ڪئي وئي

سڪرنڊ (س ر)سرمد ميڊيڪل چيمبر سڪرنڊ ۾ عوامي پريس ڪلب پاران هڪ روزه مفت ميڊيڪل ڪيمپ قائم ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن شرڪت ڪري مريضن جي تپاس ڪئي جن ۾ ڊاڪٽر آفتاب احمد ميمڻ ، ڊاڪٽر راشد ڪوسو ، ڊاڪٽر اياز سولنگي ۽ ليڊي ڊاڪٽر ميڊم اسرا اسلم ڪيريو شامل هئا ڪيمپ جو افتتاح سنڌ جي ڏاهي حفيظ سنڌي ۽ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي جن ڪيو ان موقعي تي ڊاڪٽر اياز سولنگي ٻڌايو ته ڪيمپ ۾ مختلف بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر شريڪ آهن.

اوڏيرولال مخدوم جميل ميڊيا سان ڳالهائيندي

سنڌ جا خوشحال ماڻهو وسيلا هجڻ باوجود دربدر آهن:نياز ڪالاڻي

شاهپورجهانيان(ن ع)سنڌ جا خوشحال ماڻهو وسيلا هجڻ باوجود دربدر آهن سنڌ جي چار هزار ايڪڙ زمين پاڻي نه هجڻ ڪري غير آباد آهي اسان سنڌو درياءَ جا وارث آهيون حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي، دنيا جي 100 ملڪن کان وڌيڪ سنڌ وسيلن سان مالا مال وطن آهي اسان جي وارياسي علائقي مان ڪوئلو نڪري ٿو 3500 ميگا واٽ بجلي هر روز پيدا ٿئي ٿي جيڪا سنڌ کي نه ٿي ملي،اها پنجاب ڏاڍ جي زور تي کڻي وڃي ٿو اهڙن خيالن جو اظهار جسقم (شهيد بشير خان قريشي) جي مرڪزي چيف آرگنائيزر ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي شاهپورجهانيان پرسان ڳوٺ گل محمد ڏاهري ۾ جسقم اڳواڻ گل ڏاهري سان سندس امڙ جي وفات تي تعزيت ڪرڻ بعد صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته سنڌ جي 34 هزار چورس ميلن ۾ آبادي زرعي زمين آهي، پر پاڻي نه هجڻ ڪري زمينون غير آباد ٿينديون پيون وڃن اڳ پنجاب ۾ صرف ست لک ايڪڙ زمين آباد ٿيندي هئي جنهن جي هن وقت 5 ڪروڙ ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي،پنجاب بندوق جي زور تي سنڌو درياءَ مان پاڻي چوري ڪري ٿو،ان موقعي تي جسقم (شهيد بشير خان قريشي) جو مرڪزي آرگنائيزر پنهل ساريو سيد ناصر شاهه، ڊاڪٽر الهه رکيو ڪلهوڙو نذير احمد ڏاهري، مختيار انڙ ۽ ٻيا پڻ ساڻس گڏ هئا

پاڪستان ايران ۽ آمريڪا ۾ ٺاهه ڪرائي هڪ عالمي سطح تي مقام ٺاهيو:مخدوم جميل

فنڪشنل ليگ ۾ پهرين ڪيترائي ماڻهو شامل ٿيڻ ۽ اتحاد ٺاهيڻ ۾ ناڪام ويندا

پيپلزپارٽي ڪاميابي ماڻيندي جنهن سدائين عوام جي ترجماني ڪئي آهي

اوڏيرولال (ن ع)سروري جماعت جو روحاني پيشوا پيپلزپارٽي جو ايم اين اي مخدوم جميل الزمان اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ حاجي جمع خان بلوچ پهتو جتي ان ڳوٺ جي معزز حاجي جان محمد بلوچ جي لاڏاڻي تي وارثن پٽ عبدالرئوف، سندس پيءُ شاهه محمد بلوچ سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ان چيو ته پاڪستان ايران ۽ آمريڪا ۾ ٺاهه ڪرائي پنهنجو هڪ عالمي سطح تي پنهنجو مقام ٺاهيو آهي جنگيون تباهي جا ڪارڻ آهن جيڪي نه ٿيڻ گهرجن فنڪشنل ليگ ۾ پهرين ڪيترائي ماڻهو شامل ٿيڻ ۽ اتحاد ٺاهيڻ ۾ ناڪام ويندا پاڪستان پيپلزپارٽي ڪاميابي ماڻيندي جنهن سدائين عوام جي ترجماني ڪئي آهي ان وڌيڪ چيو ته عمران خان هڪ ضدي ماڻهو جنهن کي پنهنجي ضد ماريو آهي مٽياري ضلعي ۾ هڪ ڪان چار گريڊ جي نوڪرين جي حوالي سان ان ٻڌايو ته هن. هڪ ڪنفرم ناهي ته اسان ڪيترين نوڪرين ملن ٿيون ۽ جيڪي نوڪريون ملن ٿيون ته پارٽي جي عهديدارن ۽ اميد وارن کي ملن ٿيون آئون پارٽي وارن کان پڇهندس ته آهي پارٽي جي ماڻهن کي جو ٺڳا ڏين هن حوالي ضلع صدر امير علي شاهه سان رابطي ڪندس جيڪو ايڪٽو ماڻهو سيني سان ملاقاتون ڪندوان چيو ته ضلعي مٽياري ۽ پنڪ موٽرسائيڪل جي حوالي سان مون کي درخواستون ڏنيون وڃن جيئن آئون اهي درخواستون معي ڏئي سگهان . ٻئي طرف سروري جماعت جو روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان ڳوٺ حاجي سردار نبي پهچي سندس گهر وارن جي وفات تعزيت پڻ ان موقعي تي سيد ممتاز علي شاهه محمد اڪرم بلوچ خدابخش بلوچ گل پنهور رزاق ڏنو همو پوتو ۽ ٻيا ساڻس گڏ هئا

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
سومر 20 اپريل 2026ع

ايران - امريڪا ڳالهين جو ڌنڌلو ٿيندڙ منظر

عالمي سياست هڪ ڀيرو ٻيهر هڪ اهڙي موڙ تي اچي بيٺي آهي جتي ننڍڙي چڻنگ به وڏي باهه بڻجي سگهي ٿي. آمريڪا ۽ ايران طرفان هڪ ٻئي کي ڏنل سخت ڌمڪيون ۽ خاص طور تي آبنائي هرمز جي بندش، نه صرف علائقي پر سڄي دنيا لاءِ ڳڻتي جو سبب بڻجي چڪي آهي. ڊونلڊ ٽرمپ جي تازي بيانن ۾ جتي سختي ۽ دٻاءَ جو عنصر نظر اچي ٿو اتي ايران به پنهنجي موقف تان پوئتي هٽڻ لاءِ تيار ناهي. آمريڪي صدر صاف لفظن ۾ چئي ڇڏيو آهي ته هو بليڪ ميل نه ٿيندا. جڏهن ته ايران طرفان واضح ڪيو ويو آهي ته هو ڪنهن به دٻاءَ کي قبول نه ڪندا. اهڙي سخت بولي سفارتڪاريءَ جي روايتي اصولن جي ابتڙ آهي. جتي لچڪ ۽ برداشت کي بنيادي اهميت حاصل هوندي آهي. آبنائي هرمز جيڪو دنيا جي اهم ترين سامونڊي واپاري رستن مان هڪ آهي. ان جي بندش عالمي معيشت تي وڏو ڌڪ آهي. دنيا جي وڏي حصي ۾ تيل ۽ گئس جي فراهمي هن رستي ذريعي ٿيندي آهي. ايران پاران هن رستي تي ڪنٽرول سخت ڪرڻ ۽ جهازن کي واپس موٽڻ تي مجبور ڪرڻ هڪ اهڙو قدم آهي جنهن جا اثر صرف علائقي تائين محدود نه رهندا. جيڪڏهن هيءَ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي ته تيل جون قيمتون وڌي سگهن ٿيون. جنهن جو سڌو اثر عام ماڻهن جي زندگيءَ تي پوندو. پاسداران انقلاب جو اهو بيان ته آبنائي هرمز جو ڪنٽرول اڳئين حالت ۾ واپس اچي ويو آهي. دراصل هڪ واضح پيغام آهي ته ايران پنهنجي سامونڊي سرحدن تي ڪنهن به مداخلت کي برداشت نه ڪندو. ٻئي طرف آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ طرفان 23 جهازن کي واپس وڃڻ جون هدايتون ڏيڻ پڻ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته صورتحال انتهائي سنجيده ٿي چڪي آهي.

سفارتڪاريءَ جي ميدان ۾ به ڪا خاص اڳڀرائي نظر نٿي اچي. ايران صاف لفظن ۾ چئي ڇڏيو آهي ته هو سڌين ڳالهين لاءِ تيار ناهن جيستائين ڪو بنيادي فريم ورڪ معاهدو طئي نه ٿئي. اهو رويو ڏيکاري ٿو ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ اعتماد جي کوٽ آهي. جڏهن ته آمريڪا مسلسل وڌيڪ مطالبن تي زور ڏئي رهيو آهي، جنهن کي ايران "ناجائز دٻاءُ" قرار ڏئي ٿو. مجتبيٰ خامنه پاران فوجي طاقت جو مظاهرو ڪرڻ ۽ دشمنن کي خبردار ڪرڻ به صورتحال کي وڌيڪ ڳنڀير بڻائي ٿو. اهڙن بيانن سان نه صرف ڇڪتاڻ وڌي ٿي، پر جنگ جا امڪان به وڌي وڃن ٿا. تاريخ شاهد آهي ته اهڙيون حالتون گهڻو ڪري ڪنٽرول کان ٻاهر نڪري وينديون آهن. هن تڪرار جو هڪ اهم پاسو اهو به آهي ته ٻين ملڪن، خاص طور تي ڀارت به ان کان متاثر ٿي رهيو آهي. ڀارتي جهازن تي فائرنگ ۽ انهن کي رستو تبديل ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ، ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هيءَ تڪرار آهستي آهستي عالمي رخ اختيار ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن اهڙي قسم جا واقعا وڌندا رهيا ته عالمي واپار ۽ سفارتي لاڳاپا سخت متاثر ٿي سگهن ٿا. هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا هيءَ صورتحال جنگ ڏانهن ويندي يا سفارتڪاريءَ ذريعي حل ٿي سگهندي؟ تاريخي طور تي ڏٺو وڃي ته آمريڪا ۽ ايران جا لاڳاپا هميشه تڪرار جو شڪار رهيا آهن. خاص طور تي 1979 جي ايراني انقلاب کان پوءِ پر ان جي باوجود ڪيترن ئي موقعن تي ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ جون ڪوششون به ڪيون ويون آهن. موجوده حالتن ۾ سڀ کان اهم ضرورت اها آهي ته ٻنهي ڌرين ۾ سنجيدگي سان ڳالهين جو عمل جاري رهي. عالمي برادري، خاص طور تي پاڪستان جهڙن ترڪي ۽ ٻيا غير جانبدار ملڪ هن معاملي ۾ ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. جنگ ڪنهن به مسئلي جو حل نه آهي. بلڪ اها وڌيڪ تباهي ۽ نقصان جو سبب بڻجي ٿي. بهرحال اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته دنيا هن وقت هڪ نازڪ مرحلي مان گذري رهي آهي. آمريڪا ۽ ايران کي گهرجي ته هو پنهنجي موقف ۾ لچڪ پيدا ڪن ۽ جنگ بجاءِ امن کي ترجيح ڏين. جيڪڏهن هن موقعي تي عقل ۽ تدبر جو مظاهرو نه ڪيو ويو ته ان جا نتيجا نه صرف هن خطي پر سڄي دنيا لاءِ انتهائي خطرناڪ ٿي سگهن ٿا.

هاڻي دنيا ايران کان سبق سکندي

محمود شام

ڇا هاڻي واشنگٽن عالمي گاديءَ جو هنڌ نه رهندو؟ ڇا طاقت جو مرڪز هاڻي سمنڊ جي هن پار نه هوندو. ۽ وري ان علائقي ڏانهن منتقل ٿيندو جتي ڏهه هزار سال اڳ هو؟ اڳ ۾ هتان کان سفر ڪري مرڪزيت ڏهه هزار ميل پري هلي وئي هئي هن نئين دنيا ڪوشش ڪئي ته جنگيون هاڻي ان جي آس پاس نه، پر سمنڊ پار يورپ ۾ ٿين. ايشيا جي ڀرپور آباد شهرن ۾ يا آفريڪا جي ريگستانن ۾.

اسان اوڀر وارن ۽ ايشيا جي رهواسين کي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ سندس متعصب وزير دفاع جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي. چاڪاڻ ته سندن زبان درازين سبب عالمي بالادستي وائيٽ هائوس مان رخصت ٿي رهي آهي. سڀ کان وڌيڪ اسان اسرائيل جي وزيراعظم نيتن ياهوءَ جا ممنون آهيون. چاڪاڻ ته جيڪڏهن هو آمريڪي صدر کي يرغمال نه بڻائين ها ته طاقت جو مرڪز ايتري تيزيءَ سان ست سمنڊ پار ڪري يورپ مان گذري ڏکڻ ايشيا تائين نه پهچي ها.

پوري دنيا ۾ هڪ عجيب قسم جي سجاڳي ۽ بيداري آهي. خوف ۽ اميد جو ماحول آهي. هڪ اٿلپٿل ڊپ به آهي ۽ هڪ ڌنڌلي اميد به. اڳ محسوس ٿيندو هو ته دنيا نظرئي کان خالي آهي ۽ قيادت کان به محروم. پر ايران جي 50 ڏينهن واري مزاحمت ثابت ڪري ڇڏيو ته اڃا به ڪي رياستون اهڙيون آهن. جيڪي نظرياتي ۽ معاشي طور مضبوط آهن ۽ جديد هٿيارن جي ٽيڪنالاجيءَ سان به ليس آهن. 47 سالن جي پابندين ان کي ڪمزور ڪرڻ بدران وڌيڪ متحرڪ ۽ فعال بڻايو آهي.

سڄي دنيا ۾ ايران جي هن استقامت ۽ مزاحمت تي تحقيق جو رجحان وڌي رهيو آهي. الجزيره جي نشريات ذريعي مون کي هڪ ڪتاب "How Sanctions Work" (پابنديون ڪيئن ڪم ڪن ٿيون) بابت خبر پئي، جنهن ۾ ايران ۽ اقتصادي جنگ تي بحث ٿيل آهي. مون پنهنجي پٽ قاسم محمود کان اوٽاوا مان ان جو پي ڊي ايف گهرائي پڙهيو. نرگس باجغلي، ولي نصر جاويد صالح اصفهاني ۽ علي واعظ پاران ترتيب ڏنل هي ڪتاب پڙهندڙ کي ٻڌائي ٿو ته جڏهن ڪنهن معاشري تي پابنديون لاڳو ڪيون وڃن. هڪ رياست کي زنجيرن ۾ جڪڙيو وڃي ۽ هڪ معيشت کي نظر بند ڪيو وڃي ته ان جا نتيجا ڇا ٿين ٿا.

ان سان آمريڪا کي ڪهڙي قيمت ادا ڪرڻي پئي؟ ايران لاءِ زندگي ڪيئن ڏکي بڻجي وئي؟ ۽ دنيا کي ڪهڙو تاوان ڀرڻو پيو؟ اهو هڪ مستقل گهيرو آهي. ڪتاب جو آخري باب، "مستقل محاصرو". انگن اکرن ۽ حقيقتن سان ٻڌائي ٿو ته اهڙين ڏکين پابندين جا نتيجا ڇا ساڳيا ٿيندا، جيئن آمريڪا توقع ڪري ٿو؟ يا وري ان جي ابتڙ؟

هڪ صدي اڳ ولسن چيو هو ته اهڙيون پابنديون ڪنهن قوم کي تابع بڻائڻ ۽ ان جو گلو گهٽڻ برابر آهي. پر اهو گلو گهٽڻ جيترو به تڪليف ڏيندڙ هجي، قوم اندر مزاحمت جو جذبو پيدا ڪري ٿو نتيجا اهي نه نڪرندا، جيڪي آمريڪا چاهيندو هو. پر اهي نڪرندا، جيڪي وقت سان دنيا ڏسي چڪي آهي.

2024ع ۾ لکيل هن ڪتاب جا آخري جملا اڄ اپريل 2026ع ۾ لفظ بلفظ سچ ثابت ٿي رهيا آهن. 40 سالن کان وڌيڪ پابندين باوجود 9 ڪروڙ ايراني ماڻهن جيئڻ سکيو. غربت هئڻ ۾ تعليم جو معيار گهٽجڻ نه ڏنو ويو. واپار ۽ سفر تي پابنديون پنهنجي جاءِ تي رهيون ۾ علمي ترقي جاري رهي.

اسان احمدي نژاد جي دور ۾ تهران ۾ ڪتاب ميلي دوران ڏٺو ته يونيورسٽين ۾ سيمينار ٿي رهيا هئا. پرڏيهي محقق جي ميزباني ٿي رهي هئي ۽ تحقيق جو سفر جاري هو. 2008ع ۾ هڪ ريسرچ انسٽيٽيوٽ ۾ اسان کي ڏيکاريو ويو ته ايران اسٽيم سيل ۽ ڪلوننگ ذريعي پنهنجون رڍون پيدا ڪيون آهن جن کي مذهبي عالمن به اجازت ڏني آهي. اخلاقياتي ڪميٽي ڪجهه شرط به لاڳو ڪيا آهن. اها پهرين رڍ "رويانه" وڏي ٿي چڪي آهي ۽ صحتمند زندگي گذاري رهي آهي.

هاڻي اپريل 2026ع ۾ جنگبندي دوران ايران آبنائي هرمز کوليندي دنيا کي ساهه کڻڻ جو موقعو ڏنو آهي. تنهنڪري دنيا، خاص ڪري مسلم ملڪن کي گهرجي ته ايران کان پاسو ڪرڻ بدران ان جي 45 سالن جي تجربي تي تحقيق ڪن. اقبال جا لفظ ياد اچن ٿا:

ميرا طريق اميري نهين فقيري هي،
خودي نه بيچ غريبي مين نام پيدا کر

اڳ ايران جو ذڪر قالينن لاءِ ٿيندو هو. هاڻي بيلسٽڪ ميزائل ۽ ڊرونن لاءِ ٿئي ٿو. اسان جيڪي هميشه ڊپ ۾ رهون ٿا ۽ قرض وٺندا رهون ٿا، اسان لاءِ هاڻي سبق آهي. جڏهن اسان عالمي سطح تي آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين لاءِ ميزباني ڪري رهيا آهيون ته اسان کي آمريڪا نه پر ايران جو مطالعو ڪرڻ گهرجي ته پابندين ۾ به عزت سان ڪيئن جيئجي ٿو.

پاڪستان تي هن وقت 138 ارب ڊالر قرض آهي. ڇا اسان هن سفارتي ڪاميابيءَ کانپوءِ ڪجهه سکنداسين؟ ڇا اسان به ايران وانگر خودداريءَ سان زندگي گذارڻ سکنداسين؟

اسان جا مٽا سٽا واري ناڻي جا ذخيرا صرف 20 ارب ڊالر آهن. جن مان ڪجهه دوست ملڪن جا جمع ڪرايل به شامل آهن. 50 لک نوجوان بيروزگار آهن. 25 ڪروڙ آباديءَ مان 45 سيڪڙو غربت جي لڪير کان هيٺ آهي. قوم دعا ڪري رهي آهي ته ملڪ جي قيادت جي ڪوشش سان اسان کي قرض، غربت، بيروزگاري ۽ مهانگائيءَ مان نجات ملي.

اسان جون سياسي جماعتون به اندروني پابندين جو شڪار آهن. عالمي پابنديون نه هجن ته به ملڪي پابنديون ضرور آهن. پاڪستان کي الله تعاليٰ هر قسم جي وسيلن سان نوازيو آهي. دعا آهي ته ماڻهن ۾ سچائي اچي ۽ حڪمرانن ۾ خدمت جو جذبو پيدا ٿئي. جيڪڏهن اسان پنهنجن گهرن ۽ پاڙن کي مضبوط ڪنداسين ته رياست پاڻ مضبوط ٿي ويندي.

ايشيا ۽ آفريڪا جاڳي رهيا آهن. غزه ۾ به، جتي هزارين قبرن جي پرسان خيمن ۾ رهندڙ نوجوان فلسطيني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ته دنيا کي پنهنجن ڏکن کان ڪيئن آگاهه ڪجي.

خالده چانڊيو واقعو گهڻ رُخي جاچ گهري ٿو!


ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ

گذريل شماري ۾ مون اهو عرض ڪيو هيو ته اسان جي هن ظلم سماج ۾ نياڻين سان ٿيندڙ زيادتين ظلمن جي داستان جون وڏيون لسٽون موجود آهن تاريخ جي ڪتابن ۾ وجهو ته شايد انهن ظلم جي ساٿارين ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ به اٿين ڪونه ٿيو هوندو جيئن اڄڪلهه ٿي رهيو آهي تاريخ ٻڌائي ٿي ته طويل ماضيءَ جا جابر جڏهن عورتن ۽ نياڻين جا رستا روڪ ڪري پاڻ مجرانڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪندا هئا ته انهن وقت جي سنڌ جاين فهميده لغاري جيان پنهنجي زندگين تان هٿ ڌوتا پر ظلم اڳيان ڪنڌ ڪونه جهڪايائون سنڌ جي لاڏ ٻٽئي بابت هڪ ڪتاب ۾ لکيل ٿو ته هن کي جڏهن عربن پنهنجو غلام بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته ان نياڻيءَ وقت جي رهزنن جابرن جي غلاميءَ بجاءِ پنهنجي هڪ اوچي قلعي تان ٽپو ڪري هيٺ ڪيرائي موت قبوليو هيو پر غلامي نه قبوليائين هن وقت سنڌ ۾ حلتون يقيناً طويل ماضيءَ جون يادون اهڙا وحشتناڪ واقعا، جنهن بابت روزانو عورتن سان ٿيندڙ زيادتيون جنهن تي رپورٽ ٿيل ڪيس ته وائکا ڪيون ٿا پر اهڙا واقعا جتي انهن نياڻين کي ڪاروڪاريءَ جي الزام هيٺ قتل ڪري لاشن کي گيا گيا ڪرڻ کانپوءِ ڪنهن ويران جڳهن تي اٿين دفنايو ويندو آهي جيئن تازو خيرپور ضلعي جي ٽنبو مستي ٿاڻي جي حد ۾ هڪ نوجوان نياڻي خالده چانڊيو کي جهڙي نموني قتل ڪري ماضيءَ جي ياد تازي ڪري ڇڏي آهي اهڙو واقعو ٻڌي ۽ پڙهي نه رڳو ڪنڌ شرم مان جهڪي پيو آهي پر هتي هڪ بيوفڪر ڪن لمحو به سامهون اچي ٿو ته ڇا اسان اڃان انهيءَ پٿر واري دور مان گذري رهيا آهيون جنهن ۾ جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجو پسند جو فيصلو ڪرڻ لاءِ گهران ٻاهر نڪتي آهي ته انهيءَ کي طويل ماضيءَ جي ڪٽني رسمن جي سزا ڏيڻ لاءِ هڪ ناپاڪ جرڳو ڪوٺائي ۽ بعد ۾ اٿين سوين ماڻهن جي سامهون جانورن جيان ڪٺو وڃي ٿو اسان ته هن صوفين بزرگن عالمن جي سنڌ ڌرتيءَ تي رهندڙ انهن حوا جاين جي تحفظ ۽ سلامتيءَ لاءِ وڏيون دعوائون ڪندا رهيا آهيون پر خيرپور ۾ پيش ايندڙ انهيءَ واقعي يقيناً جسم جا ته لڱ ئي ڪانڊاري ڇڏيا آهن ٽنبو مستيءَ جي ڳوٺ ٻٽو چانڊيو جي رهواسڻ نوجوان نياڻي خالده چانڊيو بابت ميڊيا ۾ آيل خبرن موجب ته هن صدام تلي هڪ نوجوان سان پسند جو پرڻو ڪرڻ لاءِ گهران نڪتي ته اها خبر نه رڳو نياڻيءَ جي وارثن پر ڳوٺ جي چڱي مڙس تائين به پهتي ۽ واقعي جي هڪ ڏينهن گذرڻ کانپوءِ پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙي مان صدام کي ڪنهن هنڌ لڪايو ويو ۽ نياڻي (خالده) کي ڳوٺ جي چڱي مڙس ۽ پيرسن ڏاڏي جي سامهون آڻي رات جي وقت ڳوٺ ۾ مقامي ماڻهن جو جرڳو ڪوٺائي فتويٰ جاري ڪئي وئي ته خالده ڪاري آهي ۽ هن کي موت جي منهن چاڙهيو ويو.

ميڊيا تي آيل خبرن موجب ته انهيءَ جرڳي دوران صدام تلي شخص کي ڪنهن بااثر وڏيري وٽ ترسايو ويو ۽ جرڳي دوران به ظاهر ڪونه ڪيائون نياڻي خالده چانڊيو جو پيءُ جيتوڻيڪ غربت سبب ڪراچيءَ ۾ مزدوري ڪرڻ لاءِ ترسيل هو ۽ ته ئي ڪيس کا ڄاڻ به ڏني وئي هئي رات جو 3 وڳي ڪوٺايل جرڳي کانپوءِ ڪاري قرار ڏنل ناريءَ کي سرعام مارڻ جو فيصلو ڪري ڪيس پنهنجي 80 سالا ڏاڏي سڌيون گوليون هڻي بيدرديءَ سان قتل ڪيو. واقعي جي ٽن ڏينهن کانپوءِ اهڙو وحشي راز کليو ۽ نياڻيءَ جا والدين قرآن پاڪ کڻي مقامي ٿاڻي تي پهتا ۽ ضلعي پوليس جي اعليٰ آفيسرن تائين شڪايت پهتي ان بعد سڀ اهڙا شرمناڪ عمل سامهون آيا ته ڳوٺ جي چڱن مڙسن هڪ نياڻي کي پسند جو پرڻو ڪرڻ کان ڪاري قرار ڏئي طويل ماضيءَ واري اهڙي شرمناڪ يلا سامهون آڻندي آهي هتي هڪڙي ٻي اهم ڳالهه واضح ڪيان ته سنڌ اندر جتي به اهڙا ڪاروڪاريءَ جا ڪوڙا الزام هڻي جڏهن ڪنهن به نياڻيءَ کي اهڙي نموني قتل ڪيو ويندو آهي ته انهن واقعن کانپوءِ مقامي سطح جي بااثر ماڻهن پاران مختلف فتوائون ڏنيون وينديون آهن دنيا اڄ جتي هيڏي وڏي جديد ترقيءَ کان پوءِ اڳتي وڌي چڪي آهي پر هن امن جي سنڌ ڌرتيءَ تي رهندڙ ماڻهو انهي جهالت واري لڪير مان اڃان ٻاهر نه نڪري سگهيا آهن ڪڏهن پاڻ ڪليجن يونيورسٽين جي ظلم جون ستايل نياڻيون لاشن جي حالت ۾ ڪٽون ٿا ته وري ساڳئي وقت اهڙي جهالت واري سوچ سان ڳلوڳڏ نه رڳو ڪاروڪاري پر حيرت ته ان وقت ٿيندي آهي جڏهن ڪنهن پنجن ڪان ان سالن جي نياڻين کي اغوا ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي قيد ۾ رکيو وڃي ٿو سکر جي سنگرار واري علائقي مان هيترو وقت گذري وڃڻ کانپوءِ اڄ سوڙو انهيءَ فضيلا سرڪي واقعي جيان معصوم پريا ڪماريءَ جو به پتو نه پئجي سگهيو آهي ٽنبو مستي واقعي بابت اهي به خبرون هلي رهيون آهن ته اڌ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي ٿاڻو قائم هجڻ کانپوءِ نياڻيءَ جو لاش ٽن ڏينهن بعد هٿ ڪيو ويو، ضلعي پوليس آفيسر جو چوڻ آهي ته واقعي کي بروقت نه ڳوٺائن لڪايو پر پوليس واقعي واري رات لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائي وارثن حوالي ڪيو هو. پوليس جي اهڙي مؤقف کي نه رڳو نياڻيءَ جا والدين پر مقامي سوشل تنظيمن سان تعلق رکندڙ ماڻهو ٺوڙي ميڊيا پاران سندن مڪمل رد ڪندي چيو پيو وڃي ته واقعي جي ٽن ڏينهن کانپوءِ پوليس پنهنجون ڦرٽيون تڏهن ڏيکاريون. جڏهن نياڻيءَ جو لاش جنهن کڏ ۾ پوريل هيو ته ڳوٺ جي جانورن انهي هنڌ بدبوءِ تي وڃڻ کانپوءِ کڏ کوٽڻ شروع ڪئي ته سنڌن عورت جو لاش ڏسڻ ۾ آيو ۽ اهڙي واويلا شروع ٿيڻ کانپوءِ نه رڳو خالده جي ماءُ کي خبر ڏني وئي پر پوليس کي به اطلاع ڏنو ويو ۽ انهيءَ کڏ ۾ پوريل نياڻيءَ جو لاش ٻاهر ڪڍي پوسٽ مارٽم بعد دفنايو ويو آهي سياڻن جي قول موجب خون ڪڏهن به لڪي ناهي سگهندو خيرپور ضلعي جي ٽنبو مستي واقعي سڄي سنڌ اندر تمام ڳڻتي واري لهر کي جنم ڏنو آهي جيتوڻيڪ مقامي سطح تي احتجاج ڪندي گهر به ڪٽي پئي وڃي ته هن وحشتناڪ واقعي جا اصل چهرا بي نقاب ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندا وڃن

انهيءَ کان علاوه هڪ ٻيو واقعو به سامهون آيو آهي ته ميهڙ شهر مان ڪا 5 سالا نياڻي تلي اجالا ٿيءِ شمس الدين سولنگيءَ جي گم ٿيڻ جون خبرون هلي رهيون آهن جيڪا نياڻي گذريل پنجن ڏينهن کان لاپتا آهي هن جي وارثن ۾ ڪهرام متل آهي يقيناً اهي مذڪوره واقعا ته ڳلوڳڏ تازو عبرتناڪ ڪتو عمل جيڪو ٽنبو مستيءَ ۾ پيش آيو آهي سي وقت جي حڪومتن کان سوال ڪري رهيا آهن ته ڇا اسان اڃان به پٿر واري دور مان گذري رهيا آهيون؟ پر جيڪڏهن اٿين نه آهي ته پوءِ ٽنبو مستي واقعي جي گهڻ رخي جاچ ڪري اصل بدڪردار چهرا سامهون آڻي اٿين سزا ڏني وڃي جيئن نياڻي خالده کي سوين ماڻهن سامهون شرمناڪ عمل ڪري اڄ معاشري جو ڪنڌ به جهڪايو ويو آهي سنڌ جو شعور وقت جي حاڪمن کان حوا جاين سان پيش ايندڙ واقعن بابت انصاف جي گهر ڪري ٿو.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

پَلِيان پَلِيو نہ رَهي، نِرتُون نِينهَن نِبَارَ،
گِهـرَانِ گِهوريو جِندڙو، اَتَلَ مُون اُوپَارَ،
جَنِي مَن مِيهَارَ، هَلَڻُ تَنِي حَقُ ٿِئو.

پليان = روڪيان، جهليان، منع ڪيان. / پليو = جهليو، مڙيئي نٿو. / نرتون = ڏيان سان، چڱي طرح سان، تاڪيد سان. / نبار = خالص، تج، سچو. گهورئم = مون قربان ڪيم، مون صدقو ڪئي مون گهوريو. / اتل = لاڙو رجحان، / مون = منهنجي، / اوپار = اوپارو وهندڙ پاڻي، / هلڻ = درياءَ جي ٻي ڪنڌيءَ (سر-سهڻي، مرتب ٻانهون خان شيخ)

سهڻي ٻڌائي ٿي ته "پنهنجي من کي، اندر کي، ڏاڍو روڪيان ٿي ته ايڏانهن نه هلڻ جي سوچيو به نه؟، پر هيءَ منهنجي دل روڪجڻ جو نالو ئي پئي نٿي وٺي، چو ته هن جو لاڙو پنهنجي پيار ڏانهن آهي، ان ڪري جو منهنجو نينهن نج پچ سچو ۽ خالص آهي، ٻئي ڪنهن ڏانهن تڪيان به نٿا منهنجي اندر ۾ پيار جي اٿل ايئن آهي جيئن درياهه ۾ چاڙهه وقت ان جي زوراور پاڻي زور سبب ابتو يا اوپارو وهندو آهي، تيئن محب ميهار سان منهنجو نينهن به اهڙو ئي زوراور آهي جو مون کي به ڪا رڪاوٽ يا جهل نظر ئي نٿي اچي، نه ئي ان جي پرواهه اٿم. بس درياهه ۾ لهڻ ٿي هي منهنجو سر منهنجي جند جان پنهنجي پيار تان گهوري، چو ته من اندر صرف ميهار سمايل آهي، ان ڪري مون تي واجب آهي، لازم آهي ته اوڏاهين وڃان، ان کان منهن نه موڙيان.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

استاد نياز حسين جي ياد ۾!

ذوالفقار خاڪي

حيدرآباد سنڌ جو اهو خوبصورت شهر آهي جيڪو فن ادب، موسيقي وغيره جي حوالي سان نه رڳو سنڌ پر سڄي پاڪستان ۽ ڏکڻ ايشيا جي نمائنده ثقافتي ورثي جي آبياري ڪندڙ سرزمين جو اعزاز رکي ٿو.

حيدرآباد ۾ ريڊيو پاڪستان جو ادارو پنهنجي يادگار ڪارڪردگي سبب ملڪان ملڪ مشهوري ۽ مڃتا حاصل ڪري چڪو آهي. ريڊيو پاڪستان جي موسيقي واري شعبي سنڌ ۾ تڏهن ناماچار حاصل ڪيو، جڏهن سرحد پار نوشاد صاحب جي گيتن تي هڪ جهان مست نظر ايندو هو ته هيڏانهن ريڊيو پاڪستان جا يادگار گيت، غزل ۽ لوڪ گيت پڻ سرحد پار پهچي مڃتا ماڻيندا هئا. ان جو سهرو اسان جي ماهر موسيقارن غلام نبي عبداللطيف ۽ استاد نياز حسين خان (گواليار گهراڻي) کي وڃي ٿو جن جون ڌنون سڄي پاڪستان ۾ وڏي پسند سان ٻڌيون وينديون هيون.

اڄ هن مضمون ۾ اسين استاد نياز حسين صاحب بابت ويچار پيش ڪري ڪيس پيتا پيش ڪنداسين. جنهن سنڌي موسيقي جي وڏي خدمت ڪئي ۽ پٺيان پنهنجا فرزند استاد نذر حسين خان، ڊاڪٽر ذوالفقار علي خان ۽ مظهر علي خان ڇڏيا، جيڪي سنڌي موسيقي، خاص ڪري شاهه جي وائي کي عام ڪرڻ لاءِ سرگرم آهن.

اسان سان ڳالهائيندي ناميارا راڳي ۽ اڳوڻو ٽي وي پروڊيوسر سائين بيدل مسرور چيو ته:

"استاد نياز حسين انهن ماڻهن مان هو جيڪي پنهنجي ڪم سان تاريخ ناهيندا آهن. هو هڪ منفرد طرز جو موسيقار هو. جنهن موسيقي جي دنيا ۾ پنهنجو الڳ مقام قائم ڪيو."

سائين بيدل مسرور وڌيڪ ٻڌايو ته هن پنهنجي پروڊيوسر واري دور ۾ ڪيترن وڏن موسيقارن جهڙوڪ استاد غلام علي، ماسٽر فيروز گل، فيروز الدين، استاد ظفر علي خان ۽ ڪريم شهاب الدين سان گڏ ڪم ڪيو، هن چيو ته هڪ ڀيري هن استاد نياز حسين کي هڪ گيت کي ٽن مختلف صوتي ڪيفيتن ۾ ڪمپوز ڪرڻ لاءِ چيو، جيڪو ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو لکيل هو:

ڳايان توکي مان گيتن ۾
تون ئي منهنجن نيڻن ۾
نيڻن جي پلڪن ۾

استاد نياز حسين هن گيت کي کرج، وچولي ۽ تيز سپتڪ ۾ اهڙي خوبصورتي سان ترتيب ڏني، جو ٻڌندڙ حيران رهجي ويا. اهو گيت سندس ٽنهي فرزندن کان ڳارائي رڪارڊ ڪيو ويو، جيڪو هڪ ڏکيو ۽ منفرد ڪم هو. استاد نياز حسين جي همعصر صدارتي ايوارڊ يافته ستار نواز استاد نفيس خان چيو ته:

"استاد نياز حسين هڪ املهه موتي هو جيڪو موسيقي جي مالها ۾ جڙيل هو. هو انتهائي شفيق، خوش اخلاق ۽ حوصلا افزائي ڪندڙ شخصيت جو مالڪ هو." هن وڌيڪ ٻڌايو ته جڏهن هو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي رڪارڊنگ لاءِ آيو ته استاد نياز حسين هڪ بهترين ميزبان طور سندس آدر ڀاءُ ڪيو. سندس ڪمپوزيشنز ٻين ريڊيو اسٽيشنن تي پڻ موڪليون وينديون هيون. جتان سندس فني مهارت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

موسيقار استاد فيروز گل جي فرزند، استاد سلامت فيروز چيو ته:

"استاد نياز حسين هڪ عاليشان موسيقار هو. جنهن جون ترتيب ڏنل طرزون سدائين ياد رکيون وينديون."

ناميارا فنڪار تعمير حسين ٻڌايو ته استاد نياز حسين کيس پنهنجي پٽيئي وانگر سمجهندو هو ۽ ڪيترن ئي پروگرامن ۾ ساڻس گڏ هارمونيم وڄائيندو هو. جيڪا سندس لاءِ وڏي اعزاز جي ڳالهه هئي.

ناميارا غزل ڳائڪ استاد شفيع وارثي چيو ته:

"منهنجي خوشقسمتي هئي، جو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي منهنجو پهريون گيت استاد نياز حسين ڪمپوز ڪيو."

ان کان علاوه، اداڪار انور شيخ ٻڌايو ته مرزا قليچ بيگ جي ڊرامي "ليليٰ مجنون" ۾ استاد نياز حسين هڪ گيت ڳايو جنهن پنهنجي آواز سان سامعين تي سحر طاري ڪري ڇڏيو.

وقت جي تقاضا آهي ته اهڙين شخصيتن کي ياد رکيو وڃي. ڪلچر ڊپارٽمينٽ پاران سمپا ڄامشوري ۾ 17 اپريل 2026ع تي استاد نياز حسين جي حوالي سان پروگرام منعقد ڪرڻ قابل تحسين قدم آهي. اهڙا پروگرام نه رڳو موسيقي پر سنڌي ٻولي جي واڌ ويجهه لاءِ پڻ اهم آهن.

ٻه ڏينهن روم ۾....

عبدالله عثمان مورائي

(حصو ٽيون ۽ آخري)

رات جو روم جي سير: وقت گهٽ هئڻ سبب اسان فيصلو ڪيو ته ساڳي رات روم جا ڪجهه مشهور هنڌ گهمي ڏسون. الايتگين ۽ شافعي جي مهرباني جيڪي اسان سان گڏ گهمڻ لاءِ هليا، هڪ سونهو هجي ٿو ته ڪم صفا سولو ٿي پوي ٿو. اسان جو پهريون اسٽاپ آلٽاري ڊيلا پاتريا هو. جنهن کي آلٽر آف دي فادرلينڊ به چيو ويندو آهي.

هر ڪو تصويرون وٺي رهيو هو اڄڪلهه ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي ته ماڻهو ڪنهن جڳهه کي محسوس ڪرڻ بدران ان کي تصويرن ۾ قيد ڪرڻ ۾ وڌيڪ وقت گذارين ٿا. شايد اسان به اٿين ئي ڪيو پر ڪجهه وقت اسان اتي ويهاسين ضرور ۽ فائونٽين جي مجسمن ۽ وهندڙ پاڻيءَ جي خوبصورتي دل ۾ جذب ۽ اوتڻ جي ڪوشش ڪئيسين ۽ پوءِ ميلو اتي جو اتي متل ڇڏي نڪرڻ جي ڪئيسين. اڳتي وڌندي ٽيمپل آف هيڊرين جي ڪنڊرن وٽان لنگهياسين ۽ پوءِ شاندار پينٿيون تي پهتاسين. اها عمارت اصل ۾ رومن ديوتائن جي ٽيمپل طور تعمير ڪئي وئي هئي. ان جو وڏو گنبذ ۽ وچ ۾ گول ۽ کليل حصو قديم دنيا جي عظيم تعميري ڪارنامن مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو.

پراڻي ڏانهن واپسي: الايتگين ۽ شافعي اسان کي روم جي مشهور آئس ڪريم ڪارائڻ جي صلاح پڻ ڪئي پر اسان واپس هوٽل وڃڻ جو فيصلو ڪيو چاڪاڻ ته رات گهڻي ٿي چڪي هئي. انهن اسان کي پراڻي وڃڻ واري صحيح بس ۾ ويهاريو ۽ اسان هڪ ٻئي کي وري ملڻ جو چئي الوداع ڪيو.

هوٽل پهچي مون ڪمري ۾ رکيل ڪيٽليءَ ۾ پاڻي گرم ڪري هڪ پيالي چانهه ناهي ۽ چانهه جي چسڪين جو مزو وٺڻ ڊگهي ڏينهن کان پوءِ اها چانهه جي چسڪين جي ننڍڙي عياشي وڏي سڪون ڏيندڙ هئي. رات دير تائين ڪچهري ڪندي ڪندي ننڊ اچي وئي.

صبح جو ناشتو ۽ ننڍڙين يادون: ٻئي ڏينهن جو ناشتو سادو پر اطمينان بخش هو. هوٽل جا ويراندن ۾ هڪ دلچسپ ڳالهه هئي، اهي ننڍڙن ويسپا اسڪوٽرن ۽ ننڍڙين ڏيڏرين نما گاڏين جي راندين سان سينگاريل هئا. انهن کي ڏسي مون کي سنڌ ۾ سڏجندڙ ڏيڏري ڪارون ياد آيون. اهڙي قسم جي ڪار ڪنهن دور ۾ ڊي ايس پي قاضي عبدالحق وٽ به هوندي هئي.

روم ۾ سنڌي نياڻين سان ملاقات: روم ڇڏڻ کان اڳ اسان ٻن قابل نوجوان سنڌي نياڻين سان ملڻ جو ارادو ڪيو. انوشي ۽ سندس ڪاروباري دوست ۽ سائي سروشڪا، جن روم شهر ۾ هڪ ريسٽورنٽ کوليو آهي. اهي اصل ۾ سنڌ جي ضلعن ڪنڊڪوٽ ۽ جيڪب آباد سان واسطو رکن ٿيون. انهن علائقن ۾ ثقافتي طور تي شايد ڇوڪرين لاءِ بين الاقوامي موقعا گهٽ هوندا آهن. ان ڪري سندن ڪاميابي وڌيڪ متاثر ڪندڙ آهي. اسان اوٽاويانو ميٽرو اسٽيشن تان ٽرميني ۽ اتان وري بي ميٽرو وٺي سان جيوواني ميٽرو اسٽيشن تي اچي پهتاسين. جتان پوءِ پنڌ ڪي چڪيوسين ۽ اچي سندن ريسٽورنٽ Scholars Hungry تي پهتاسين. انوشي ريسٽورنٽ کولڻ کان اڳ ئي خاص طور تي اسان سان ملڻ لاءِ آئي هئي. سندس دوست سروشڪا به جلدي پهچي وئي. سندن مرڪ ۽ آڌرڀاءَ ان جاءِ کي ريسٽورنٽ کان وڌيڪ سنڌي گهر جهڙو بڻائي ڇڏيو جتي سنڌي هجن. اتي چانهه لازمي هوندي آهي سو اسان جي به ديسي چانهه ۽ بسڪٽن سان مهمان نوازي ڪئي وئي. سندن مهرباني جو انهن مانيءَ جي صلاح به ڪئي پر اسان هوٽل تان اڳ ۾ ئي ڀرپور ناشتو ڪري نڪتا هئاسين.

ڳالهين دوران اسان کي سندن سفر بابت خبر پئي ته انهن جو سفر پهريان IBA سکر مان تعليم سان شروع ٿيو ۽ پوءِ روم ۾ اعليٰ تعليم لاءِ پهتيون ۽ پوءِ اتي انهن پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو. پرڏيهي ملڪن ۾ ڪاروبار شروع ڪرڻ ڪو سولو ڪم ناهي. سندن همت ڪيترن ئي نوجوانن، خاص ڪري سنڌي ڇوڪرين لاءِ هڪ سنيهو آهي. سندن ڪهاڻي هڪ مضبوط پيغام ڏئي ٿي، پنهنجا پر پکيڙيو. دنيا اوهان جي سوچ کان گهڻي وسيع آهي.

ايندڙ سفر ڏانهن روانگي: اسان آخر ۾ ٻنهي نياڻين جي حوصلي کي سلام ڪري ڪافي موڪلايو ۽ اتان بس جي ذريعي روانا ٿياسين. اچي روما ٽيبورٽينا ريلوي اسٽيشن تي پهتاسين. جتان اسان جي FlixBus نيپلز ڏانهن روانگي ٿيڻ واري هئي. رش واري ٽريفڪ جي سبب ڪري بس لڳ ڀڳ 45 منٽ ورتا ۽ اسين وقت تي پهچي وياسين. جلد ئي بس آئي ۽ جڏهن اها روم مان نڪري نيپلز ڏانهن رواني ٿي، تڏهن اسان جو روم جو مختصر پر يادگار سفر پڄاڻيءَ تي پهتو (ختم).

تاريخ، ماڻهن ۽ يادگيرين جو شهر: جڏهن بس هوريان هوريان روم مان ٻاهر نڪري رهي هئي ته مون سوچيو ته روم کي قديم آثارن جي ڪري ابدي ۽ پراڻو شهر چيو ويندو آهي ۽ ٿورو وقت هتي گذارڻ کان پوءِ اهي قديم آثار ڏسي انسان سمجهي وڃي ٿو ته واقعي هي شهر تمام قديم آهي.

پر منهنجي لاءِ هيءُ شهر ۽ سفر قديم آثارن سان گڏوگڏ ماڻهن بابت پڻ هو. دوستن جي محبت ۽ سخاوت ۽ هزارين ڪلوميٽر پري هڪ ننڍڙي سنڌي دنيا سان ملاقاتن پڻ هو. سفر رڳو جاگرافي ناهي هوندو پر اهو انساني لاڳاپن جو پڻ هڪ سفر هوندو آهي.

شهر عمارتن سان متاثر ڪن ٿا پر ماڻهو دل تي نقش ڇڏين ٿا. جڏهن روم جون بتيون هوريان هوريان پٺتي رهجي ويون ته ان وقت مون سوچيو ۽ محسوس ڪيو ته سفر فاصلي سان نه پر مخصوص لمحن ۽ گهڙين سان ماپيا ويندا آهن. اهڙي طرح اسان جو روم جو باب ختم ٿيو اختتام طور نه پر هڪ سفر جي ڊگهي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ خوبصورت يادگار طور.

اڄوڪو ڏينهن - 20 اپريل

سيد نجف علي شاهه ڪمتر نقوي



اڄ سيد نجف علي شاهه ڪمتر نقويءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. سندس ولادت 20 اپريل 1923ع تي ٽنڊي جهانيان حيدرآباد ۾ ٿي. ڪجهه حوالن ۾ سندس جنم جي تاريخ 21 اپريل پڻ ڄاڻايل آهي. اڃا ننڍو ئي هو جو سندس والد سيد حسين علي شاهه وفات ڪئي، ان ڪري مئٽرڪ کان اڳتي نه پڙهي سگهيو. هن کي شاهه جي شاعريءَ سان عشق جي حد تائين محبت هئي ۽ ستر واري ڏهاڪي ۾ هر سال شاهه لطيف جي ميلي ۾ منعقد ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ مقالا پڙهندو هو. هن شاهه جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن جي معنائن تي مشتمل ڪتاب "ٻاروچي ٻولي" لکيو. 16 جلدن تي مشتمل هن ڪتاب کي مڪمل ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي زندگيءَ جا سڄا سارا 35 سال وقف ڪيا. هن "جهانيان خاندان" نالي پڻ ڪتاب لکيو. هن 12 سيپٽمبر 1984ع تي وفات ڪئي.

ڀاڳچند هرداساڻي

اڄ مشهور سياستدان ۽ سماج سڌارڪ شخصيت ڊاڪٽر ڀاڳچند هرداساڻيءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. ڊاڪٽر ڀاڳچند 20 اپريل 1940ع تي سانگهڙ ۾ ڄائو. هن 1964ع ۾ لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ڄامشوري مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪئي. پاڻ سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن سانگهڙ، هلال احمر سانگهڙ ۽ هندو ڪميونٽي سانگهڙ جي صدر طور ڪم ڪيو ۽ ضلعي ڪائونسل سانگهڙ جو پڻ ميمبر رهيو. هو 2002ع کان 2007ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. هن 29 آگسٽ 2012ع تي پرلوڪ پڌاريو.

ببيتا

اڄ باليووڊ جي مشهور سنڌي اداڪاره ببيتا جي جنم جو ڏينهن آهي. هوءَ 20 اپريل 1948ع تي ممبئيءَ ۾ ڄائي. سندس پيءُ هري شوداساڻي به هڪ مشهور اداڪار هو، جيڪو ورهاڱي کان پهرين ڪراچيءَ ۾ رهندو هو. هري شوداساڻي پهرين سنڌي فلم ايڪتا سميت ڪيترين ئي سنڌي ۽ اردو فلمن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. ببيتا 1966ع ۾ فلم دس لاک سان پنهنجي فلمي سفر جي شروعات ڪئي. هن جي مشهور فلمن ۾ راز، حسينه مان جائيگي، اولاد ۽ ڪب ڪيون اور ڪهان شامل آهن. هن ڪل 19 هندي فلمن ۾ هيروئن جو ڪردار ادا ڪيو. 1971ع ۾ هن مشهور اداڪار رنڌير ڪپور سان شادي ڪئي، جنهن مان کيس ٻه ڌيئرون ڪرينه ڪپور ۽ ڪرشما ڪپور ڄايون، جيڪي اڳتي هلي باليووڊ جون مشهور اداڪارائون ٿيون بعد ۾ هن جي پنهنجي گهرواري کان عليحدگي ٿي وئي.

موهن ديپ

اڄ هندستان جي مشهور سنڌي ليکڪ موهن ديپ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو پورو نالو موهن ڪشنچند چنديراماڻي هو ۽ 20 اپريل 1948ع تي آگري ۾ ڄائو. سندس والدين جو واسطو حيدرآباد سنڌ جي هڪ هندو عامل گهراڻي سان هو. هن پنهنجو ننڍپڻ ممبئيءَ ۾ گذاريو. هن اسڪول واري زماني کان ئي ڪهاڻيون ۽ ناول لکڻ شروع ڪيا. هن جون لڳ ڀڳ ٻه سو ڪهاڻيون ۽ ٻه ناول "سرڳ منهنجي ٻانهن ۾" ۽ "خلي هٿ" ڇپجي چڪا آهن. هن جي لکيل سنڌي ڪتابن ۾ "پراڻي عورت" ۽ "منهنجي پاڇي جو هڪ حصو" (شاعري) شامل آهن. هن انگريزيءَ ۾ به ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن جن ۾ The It's My Life, Simply Madhubala, Silhouettes The Intimate: Eurekha, Kumari Meena: Scandalous Four Options, Nehru and Rekha Life Story of Virgins, Color Folish Woman, The Five Tantrik and other Stories Sundri Gul ۽ Me Rich شامل آهن.

سيد خورشيد احمد شاهه

اڄ مشهور سياستدان سيد خورشيد احمد شاهه جي جنم جو ڏينهن آهي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هن مرڪزي اڳواڻ جو جنم 20 اپريل 1952ع تي سکر ۾ ٿيو. هن ايم اي (تاريخ) ۽ ايل ايل بي جون سندون سکر مان ئي حاصل ڪيون. هو 1988ع وارين عام چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ مختلف وزارتن جا قلمدان سندس هٿ هيٺ رهيا، جن ۾ تعليم، آمدورفت، امپورٽ، ناٽو ۽ اطلاعات وارا کاتا شامل آهن. هو 1990ع وارين عام چونڊن ۾ پهريون ڀيرو قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. ان بعد لاڳيتو قومي اسيمبليءَ جو ميمبر رهندو پيو اچي. شاهه صاحب وفاقي ڪابينا جو به حصو رهيو آهي. پاڻ 2008ع کان 2013ع تائين قومي اسيمبليءَ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو پارليامينٽري اڳواڻ رهيو. 2013ع ۾ کيس قومي اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ چونڊيو ويو. 2018ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کيس قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر لاءِ نامزد ڪيو پر هو کٽي نه سگهيو.

مشتاق ڦل

اڄ مشهور ليکڪ مشتاق ڦل جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 20 اپريل 1966ع تي ڳوٺ ٽالپر وڏا تعلقي ڪوٽڏجي ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو. مئٽرڪ تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو ۽ ٻارهون ڪلاس سپيرئر سائنس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين. چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ايم اي (سوشالاجي) جي سند حاصل ڪيائين. هن 1978ع ۾ ادبي ڪيٽر ۾ پير پاتو هو سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي عهديدار رهي چڪو آهي. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "هوءَ مان ۽ ڄامشورو" (شاعري)، "دل نه جوي ٿي" (شاعري)، ڪلنگيءَ جو پار (ترتيب)، "قومي ٻولين جو سوال ۽ سنڌ" (ترتيب)، "شاعر جي اک سان آمريڪا جا عڪس" (سفرناما)، "يورپ ياترا" (سفرنامو) ۽ "تخليقڪارن سان ڪجهه پل" شامل آهن.


مختيار اٽر

شازيہ لانگهاه

شازيہ لانگهاه سنڌ جي مشهور مصوره آهي. هن جو جنم 20 اپريل 1989ع تي غلام رسول لانگاهه جي گهر دولتپور شهر ۾ ٿيو. پهرئين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم پنهنجي جنم واري شهر مان حاصل ڪيائين. جڏهن ته مهراڻ يونيورسٽيءَ جي سينٽر آف ايڪسيلنس ان آرٽس اينڊ ڊزائين (هاڻوڪي شهيد الله بخش يونيورسٽي) ڄامشوري مان فائن آرٽس ۾ گريجوئيشن ڪيائين. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات دولتپور جي "دي ڊان هاءِ اسڪول" ۾ آرٽس جي ٽيچر طور ڪئي. هوءَ انهيءَ اسڪول جي وائيس پرنسپال طور به ڪم ڪري چڪي آهي. هن ڪيترين ئي ڏيهي ۽ پرڏيهي نمائشن ۾ پڻ حصو ورتو آهي، جن ۾ سندس ڪم کي گهڻو ساراهيو ويو آهي.

پرنسپال لعلسنگهه اجواڻي

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ ليکڪ لعلسنگهه اجواڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 17 جون 1999ع تي خيرپور ميرس ۾ هزاريسنگهه اجواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو هو. خيرپور ميرس ۽ سکر جي اسڪولن ۾ پڙهيو. بي اي ۽ ايم اي جي سند بمبئي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. هو 1919ع ۾ گجرات ڪاليج احمدآباد ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. اڳتي هلي ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ انگريزيءَ جي پروفيسر طور ڪم ڪيائين. ورهاڱي کان پوءِ هو ڪي سي ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر ۽ وائيس پرنسپال مقرر ٿيو. ان بعد نيشنل ڪاليج باندرا جي پرنسپال طور ڪم ڪيائين. هن کي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب سان گهڻي دلچسپي رهي. هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ واري تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائين هن "سنڌي ساهت سنگت" جو بنياد رکيو ۽ پاڻ انهيءَ ادبي تنظيم جي صدر طور ڪم ڪيائين. پاڻ ساهتيه اڪيڊميءَ جو ڪنوينر ٿي رهيو. هو هڪ بهترين مضمون نگار هو هن جا مضمون مختلف اخبارن ۽ ادبي رسالن جي زينت ٿيا. سندس لکيل انگريزي مضمونن کي جواهر لال نهروءَ به ساراهيو هو. سندس لکيل ڪتابن ۾ "سنڌي ساهتيه جي تاريخ"، "اڄل" (مضمون)، "ساڌ ٻيلي جي تاريخ" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. هن 20 اپريل 1976ع تي هن جهان مان موڪلايو.

نيڪ محمد پتو



لاڙڪاڻي ضلعي جي هن اعليٰ سرڪاري عملدار جو جنم 2 ڊسمبر 1933ع تي ٿيو هو ذوالفقار علي ڀٽي جي والد سر شاهنواز ڀٽي جو ملازم هو هن 1933ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ لاڙڪاڻي جي روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي. اڳتي هلي اعليٰ ملازمتن لاءِ منعقد ٿيندڙ مقابلي جا امتحان پاس ڪري مختلف اعليٰ عهدن تي رهي ڪم ڪيائين انهن عهدن ۾ مختيارڪار، ايس ڊي ايم خيرپور، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ نوابشاهه ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر ڪراچيءَ جهڙا اهم عهدا شامل آهن هن 20 اپريل 1991ع تي وفات ڪئي

سيد غلام شبير شاهه لطيفي

سيد غلام شبير شاهه لطيفي ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جي درگاهه جو 10هون سجاده نشين هو ۽ سڄا سارا 33 سال انهيءَ مسند تي فائز رهيو. ذاتي زندگيءَ ۾ پاڻ فقير منش ۽ سادگي پسند طبيعت جو مالڪ هو پاڻ هڪ بهترين حڪيم ۽ راڳ جو وڏو پارکو هو. تاريخ، فلسفي ۽ مذهبي ڪتابن سان سندس دلچسپي هئي هن ڪيترائي ڀيرا ايران ۽ عراق جو سفر ڪري مقدس ماڳن جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو. سندس ئي ڪوششن سان ڀٽ شاهه کي يونين ڪائونسل جو درجو مليو ۽ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جو بنياد پيو 1954ع ۾ "لطيف" نالي هڪ رسالو جاري ڪيائين. جيڪو 1960ع ۾ بند ٿي ويو. ڀٽائيءَ جي درگاهه جي ڏکڻ طرف زائرين لاءِ مسافرخانو به سندس نگرانيءَ ۾ جڙي راس ٿيو. هن ڀلاري انسان 19 ۽ 20 اپريل 2003ع جي وچ واري رات لڳ ڀڳ 2 بجي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو. ڪانئس پوءِ سندس فرزند سيد نثار حسين شاهه لطيفي ڀٽائيءَ جي درگاهه جو ٻارهين سجاده نشين طور مسند تي ويٺو.

بقايا 1 | ڊرائيور فوت

ٽيڪ سبب گوٺ وڏي بيٽل جو رهواسي ٽريڪٽر ڊرائيور نادر پٽ امام علي چانڊيو ٽريڪٽر هيٺان اچي سرڪٽنگ ٿي پيو جنهن کي رستي ويندڙ ماڻهن ٽريڪٽر هيٺان ڪڍي اسپتال پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جڏهن ته ڊرائيور اسپتال پهچڻ کان اڳ زخمن جا سور نه سهندي رستي ۾ ئي فوت ٿي ويو نوجوان جي حادثي سبب فوت ٿيڻ جي اطلاع تي سندس گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو آهي ٻي طرف ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي ٿيڻ سبب مزدور ضمير چانڊيو اختيار چانڊيو ۽ ذوالفقار چانڊيو معمولي زخمي ٿي پيا آهن جن کي مقامي اسپتال نيو ويو آهي

بقايا 2 | جوابدار گرفتار

جان محمد ڏالاڻي ڪالوني ۾ ڪاروائي ڪندي هڪ گهر تي اوچتو ڇاپو هڻيو جتان پوليس چوري ۾ ملوث نوجوان احسان لغاري کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان چوري ٿيل لکين روپين جو بارداڻو هٿ ڪري ورتو آهي پوليس گرفتار ڪيل جوابدار کي حد جي ٿاڻي تي لاڪ اپ ڪري ڇڏيو ۽ چوري ٿيل بارداڻو پنهنجي تحويل ۾ وٺي ٿاڻي تي منتقل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 3 | پوليس خاموش

رهواسين وس وارن کان ڏوهي ڪاروائين تي ڪنٽرول ڪري ڪين تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 4 | جوابدار جو پاءِ آزاد

پاران نينگر اسد الله لنڊ سان مسجد جي واش روم اندر مبينا بدفعلي ڪئي هئي،وارثن پاران احتجاج پڻ ڪيو هو نينگر پنهنجي پيءُ حاجي گلاب لنڊ سميت ڏانهن ڪلي ڪلوئي ٿاڻي تي پهتو هوجتان ڪيس ميڊيڪل ليٽر جاري ڪيو ويو هو سجاڳ ڏرين پاران سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو پيو وڃي ۽ نينگر سان مبينا بدفعلي ڪندڙ مولوي گرفتار ڪري انسانيت لڄائيندڙن خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي جڏهن ته نينگر اسد الله لنڊ جي والد گلاب لنڊ جو چوڻ آهي ته اسان جي نينگر سان ظلم ٿيو ۽ اسان جي ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو برادري جي معززن جي مجبور ڪرڻ تي هٿ پيو ڪليان ۽ مولوي به پنهنجي غلطي تسليم ڪئي آهي منهنجي ڪيس داخل ڪرڻ جي سوچ ۾ ڏر نه آهي منهنجي ٻچڙي سان ظلم ٿيو آهي ٻئي طرف رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او سراج دين ساند چيو ته ڏرين جو ڏاهه ٿيو آهي اُن ڪري گرفتار جوابدار جي پاءِ کي آزاد ڪيو ويو ٻئي طرف اهو به معلوم ٿيو آهي نينگر جي ميڊيڪل پڻ ٿي هئي ۽ بعد ۾ لنڊ برادري جي بااثر ماڻهن پاران پورهيت کي مبينا طور تي پريشر ۽ برادري سان نيڪالي جون ڌمڪيون ڏيڻ تي هٿ ڪڍايو ويو آهي

بقايا 5 | ڦري ويا، احتجاج

ڪري فرار گبول برادري جو ڪوڙو خان گبول جي اڳواڻي ۾ جروار ٿاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو ڌرڻو تفصيل موجب ايس ايس پي گهوٽڪي جي نااهلي سبب ميرپور ماٿيلو جروار سميت آس پاس جي علائقن ۾ چورين ڦرون ڌاڙا روز جو معمول بڻجي ويا آهن ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن پڻ ڏينهن ڏٺي جو نامعلوم هٿياربندن ٻي پي اڳواڻ ڪوڙو خان گبول جي گڙهي چاڪر گبول آباد واري دڪان تي چڙهائي ڪري هٿيارن جي زور تي 2 لک روڪ رقم 2 موبائيل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا اهڙي واقعي بعد گبول برادري جي سوين ماڻهن پاران بي پي اڳواڻ ڪوڙو خان گبول جي اڳواڻي ۾ جروار ٿاڻي آڏو پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪوڙو خان گبول جو چوڻ هو پوليس جي نااهلي سبب هاڻ اسان گهرن ۾ به غير محفوظ بڻجي ويا آهن ڦورو سر عام دڪان دان ڦر ڪري ويا آهن ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ اسان جي هڪ ٻي نوجوان دادن گبول کان ٿي لک روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن پر جروار پوليس ۽ چورن جو ڳٺ جوڙ هجڻ ڪري شهري ڦورن هٿان ڦرجن پيا هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 6 | پيادل مارچ

الف ڪي اين شاه اڳواڻ غلام علي سيال، علي گوهر ٻبر ، ميهڙ بار جي وڪيلن داد محمد مڪسي ، وڪيل عابد ڪلهوڙو ، وڪيل رشيد ٻگهيو ، وڪيل روشن گهانگهرو ، سياسي سماجي قومي عوامي تحريڪ جي وڪيل پنهل کوسو شڪيل عطار ، آزاد چنا ، عمران ٿيبڙو ، حافظ محمد نواز سولنگي ، حافظ دلدار چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ اياز ڪالوني سينڊل مهيسر کان گهنٽا گهر چوڪ ۽آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين 5 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪري پر امن ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ سوين شهرين واپارين سياسي سماجي اڳواڻن وڪيلن مذهبي جماعت جي اڳواڻن استادن ۽ وڏي تعداد ۾ ٻارڙا شامل ٿي اجالا پروين سولنگي کي بازياب ڪرايو جا زوردار نعرا هنيا ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته گذريل 6 ڏهاڙن کان اجالا پروين سولنگي گم آهي سندس ڪو پتو ناهي پيو جديد ٽيڪنالاجي هجڻ باوجود ٻارڙي جو پتو ناهي پيو سنڌ ۾ هڪ گروهه ٻارن جي پويان آهي جيڪو ٻارن کي اغوا پيو ڪري پر افسوس جو ميهڙ ، دادو ۽ سنڌ پوليس ان ڏوهاري گروهه خلاف ڪاروائي نه پئي ڪري سگهي سنڌ ۾ ٻار وحشي درندن جي درندگي جا شڪار پيا ٿين پر اهي قانون جي پڪڙ کان پري آهن هنن چيف جسٽس سنڌ سميت اعلي اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته ميهڙ جي اياز ڪالوني مان گم ٿيل ٻارڙي جي بازيابي لاءِ ٽني ۽ جانچ ٽيمون جوڙي ڪيس فوري طور بازياب ڪرايو وڃي

بقايا 7 | قتل جو الزام

صحت مند هو ڪاب تڪليف نه هيس جنهن ڪري هن کي زهر ڏئي قتل ڪيو ويو آهي جڏهن ته مورو پوليس جو چوڻ آهي ته پوسٽ مارٽم جي رپورٽ اچڻ کان پوءِ اصل حقيقت ظاهر ٿيندي فوتي جا وارث قتل جي ڳالهه ڪن ٿا جنهن ڪري اسان ابتدائي رپورٽ داخل ڪري لاش کي ڪٽائي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال آندو آهي پوليس سندس زال ثنا عرف غنوا کي پڇا ڳاڇا لاءِ تحويل ۾ وٺي جانچ ڪئي پئي جڏهن ته مورو شهر جي فروٽ منڊي ۾ مڙس جاني حب کي زهر ڏئي مارڻ جي الزام ۾ مورو پوليس پاران تحويل ۾ ورتل سندس زال ثنا عرف غنوا حب بڌايو ته منهنجي مڙس جي قتل جو الزام بي بنياد ۽ ڪوڙو آهي منهنجو مڙس جاني حب ڪجهه ڏينهن کان بيمار هيو ان کي الٽي ۽ دست ٿي پيا هيا جنهن جو علاج هلندڙ هيو ۽ منهنجا ساهوارا مونتي قتل جا ڪوڙا الزام لڳائي رهيا آهن منهنجي مڙس جو پنهنجي خاندان سان ڪوبه تعلق نه هيو منهنجي مڙس جو پنهنجي مائٽن کان لاتعلقي جي لکت مون وٽ موجود آهي ان وڌيڪ چيو ته مان بيگناهه آهيان مونسان انصاف ڪيو وڃي ٻئي پاسي مورو پوليس پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ تائين عورت ثنا عرف غنوا حب کي آزاد ڪري ڇڏيو هيو جڏهن ته فوتي جي وارثن پاران پوسٽ مارٽم ڪرائڻ کان به انڪار ڪيو هيو ۽ چيو هيو ته اسان جذبات ۾ اچي زهر ڏئي مارڻ جو الزام هنيو آهي.

بقايا 8 | علائقي ۾ ڇڪتاڻ

بعد عملي ۾ ٽرڪلو مچي ويو ذريعن موجب ميڊيا جي پهچڻ کان اڳ عملي جلدبازي ڪندي ڪتي کي تلاءُ مان ڪڍي دفنائي ڇڏيو ته جيئن معاملو لڪي سگهي ٻئي طرف واقعي دوران موجود شخص ڪتي جون تصويرون ڪڍي سوشل ميڊيا تي وائرل ڪري ڇڏيون جنهن بعد معاملو واڪو ٿي ويو ۽ شهرين ۾ ڳڻتي وڌي وئي ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪتو لڳ ڀڳ ٻي ڏينهن پراڻو سڙيل هو ۽ امڪان آهي ته اهو بڌل حالت ۾ پاڻي ۾ ڪري پيو هجي واقعي تي رابطو ڪرڻ تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٽرياڪر سان واسطيدار اڳواڻ ننڊلال مالهي چيو آهي ته پاڻي جهڙي حساس معاملي ۾ لاپرواهي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي هن چيو ته ذميوار عملي خلاف فوري ڪاروائي ڪرائي ويندي، چاڪاڻ ته صاف پاڻي فراهم ڪرڻ سنڌن بنيادي ذميواري آهي علائقي واسين مطالبو ڪيو آهي ته پاڻي جي ٽانڪن جي باقاعده صفائي ۽ نگراني کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙا افسوسناڪ واقعا ٻيهر پيش نه اچن

بقايا 9 | انصاف جو مطالبو

ڪلهوڙي اقرار رند، محمود رڏ ۽ ٻيا ملوث آهن جيڪي واردات کان پوءِ فرار ٿي ويا. متاثر شخص وڌيڪ ٻڌايو ته هن ٻي سيڪشن ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي پر پوليس اڃا تائين ڪا به ڪاروائي نه ڪئي آهي هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي سندس گهرياتين کي بازياب ڪرائي جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا 10 | احتجاجي ريلي

جوگي رضوان ميمڻ کي ڪنهي گم ڪيو ويو آهي اها هڪ انساني حقن جي توهين آهي جيڪڏهن ڪنهن به شهري کوڏوهه ڪيو آهي توهان ان ڏوهه ۾ ڪورٽ ۾ پيش ڪيو انهن کي ڪنهي گم ڪيو پيو وڃي اها انساني حقن جي توهين آهي ڪنهي گم ڪيلن کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جي دائري کي وسيع ڪيو ويندو

بقايا 11 | سامان هٿ

ايس بي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي سخت هدايتن تي راڄوخاڻي ۽ آس پاس جي علائقن کي منشيات کان پاڪ بڻائڻ لاءِ سڀ وسيلا استعمال ڪيا ويندا ۽ ڪاروائين کي وڌيڪ تيز ڪري منشيات چورين سميت ٻين برائين جو خاتمو آندو ويندو.

بقايا 12 | دعويٰ

ارادي سان روڊ تي بيٺل آهن جنهن تي پوليس فورس کي ڪاروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو جنهن تي پوليس فورس بروقت ڪاروائي ڪئي ۽ ڏوهارين سان مقابلو ڪيو فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ لال بخش ڦليوٽو کي ڪنگري ۾ جڏهن ته ظهير ڦليوٽو کي اڳڙا واري علائقي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو هن ٻڌايو ته گرفتار ٿيل ڏوهاري اغوا قتل،پوليس مقابلن سميت سنگين وارداتن جي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل هئا زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل ڏوهارين جي قبضي مان به پستل ۽ لڳ ڀڳ ٻه درڙن گوليون پڻ هٿ ڪيون ويون ۽ هنن کي علاج لاءِ خيرپور جي سول اسپتال ۾ پوليس وارڊ ۾ منتقل ڪيو ويو آهي ايس ايس پي وڌيڪ ٻڌايو ته جوابدارن جا چار ساٿي فرار ٿي ويا انهن جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جاري آهي.

بقايا 13 | مظاهرو ڪيو ويو

هٿن ۾ نعرن واري بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا اها ريلي شهر جي مختلف رستن شاهي بازار صراف بازار ڪلاڪ مارڪيٽ سونارا بازار کان ٿيندي پريس ڪلب پهتي جتي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي مظاهرين چيو ته خالده چانڊيو کي بيگناهه قتل ڪري سندن جو لاش بنا غسل ۽ جنازي نماز جي دفنايو ويو جڏهن ته پوليس سندس قتل ۾ ملوث مک جوابدارن کي بچائڻ ۾ مصروف آهي هنن چيو ته ڪيترن ئي ماڻهن جي سامهون خالده چانڊيو کي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو پر پوليس هن وقت تائين صرف ٿي جوابدار گرفتار ڪري سگهي آهي جنهن مان پوليس جي نااهلي صاف ظاهر ٿئي پئي، هنن انساني حقن جي تنظيمن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي سکر ۽ ٻين اعلي انساني حقن جي تنظيمن ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو ته ناحق قتل ڪيل ناري خالده چانڊيو جي قاتلن کي فوري طور تي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ته جئين ٻيهر اهڙو ڪو واقعو پيش اچي نه سگهي.

بقايا 14 | ۾ جوابدار گرفتار

چانڊيو ۾ ڪارنهن الزام ۾ ٽن جوابدارن هٿان معصوم ناري شمائلا چانڊيو جي امڙ پنهنجي ڌيءُ جي خون سان انصاف ۽ قاتلن کي سزا ڏيارڻ ڏوڙي ڪيس ۾ گهربل وڌيڪ جوابدار شالو چانڊيو جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف پنهنجي برادري جي عورتن سان گڏ شهر جي ٿلهه روڊ تي دانهون ڪندي ميڊيا آڏو بيان ڏيندي چيو ته منهنجي ڌيءُ جي خون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ قتل ۾ ملوث ٽنهي جوابدارن هر هڪ راشد ـ واجد چانڊيو ۽ روپوش بڻيل جوابدار شالو چانڊيو کي فوري طور گرفتار ڪري ڦاسيءَ جي سزا ڏيارڻي وڃي ـ مسمات جيڏل چيو ته سندس ڌيءُ شمائلا کي بيگناهه جوابدارن قتل ڪري مون بيواهه سان ناحق ظلم ڪيو آهي هن چيو ته قاتلن کي ڦاسيءَ جي سزا ڏئي مون بيواهه سان حق ۽ نياڻي جي خون سان انصاف ڪيو وڃي، ٻئي طرف گوٺ نبي بخش چانڊيو ۾ هڪ هفتو اڳ ڪارنهن الزام هيٺ قتل ٿيل 17 سالا ناري شمائلا چانڊيو جي قتل ۾ ملوث ٽن جوابدارن مان ٻن جوابدارن کي هالا پوليس گرفتار ڪري ورتو ـ گرفتار ڪيل ٻنهي جوابدارن هر هڪ راشد چانڊيو ۽ واجد چانڊيو پاران هالا پوليس آڏو پنهنجي بيان ۾ اقرار ڪندي ٻڌايو آهي ته ناري شمائلا چانڊيو جي شادي رڪيل هئي جيڪا شاديءَ جي ڪجهه ڏينهن اڳ پنهنجو گهر ڇڏي برادريءَ جي نوجوان حيدر چانڊيو جي نياڻي راهب ـ سان گهران نڪري وئي هئي جنهن کي برادريءَ جي دباءَ بعد ڪيس حيدر چانڊيو قتل ٿيل ناري شمائلا جي ناهن واپس ڪئي هئي ـ گرفتار ٿيل ٻنهي جوابدارن پاران حيدر چانڊيو معان الزام پڻ هڻيو ويو آهي ته ڪين حيدر چانڊيو ٿي واپس ڪيل ناري شمائلا کي پاڻ وٽ ترسائڻ بعد اسان کي بچي هٿ سان شمائلا کي قتل ڪرايو آهي ۽ پاڻ معاشر ڏر سان گڏجي اسان معان ڪيس داخل ڪرائڻ سميت معاشر ڏر کي يرغمال بڻائي ويٺو آهي ـ هنن چيو ته حيدر چانڊيو کي به هن ڪيس ۾ شامل ڪري اسان سان گڏ لاڪپ ڪيو وڃي خون جي ڪيس جي ايف آءِ آر نالو داخل ڪيو وڃي ٻئي طرف آهي چڙيول هلي رهيا آهن ته جتي شمائلا جنهن گهر ۾ شادي ڪرڻ لاءِ راضي نه هئي اتي غلام حيدر چانڊيو نياڻي هٿ سان هٿن جي حوالي ڪري شمائلا چانڊيو ۾ قتل ڪندڙن سان شامل آهي ٻئي طرف ايس ايڇ او هالا چيو ته اسان هر رخ سان هن قتل ٿيل شمائلا چانڊيو جي ڪيس جي جانچ ڪري رهيا نامزد ٿيل جوابدارن ڏنل بيانن بعد ايس ايڇ او هالا چيو ته جانچ جو دائرو وسيع ڪري قتل ٿيل شمائلا چانڊيو جي خون سان انصاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سخت سزا ڏني ويندي

بقايا 15 | احتجاج

ميهڙ سان 6 ڏينهن اڳ اسڪول واپسي تي معصوم نياڻي اجالا پروين سولنگي رستي ويندي گم ٿي وئي آهي جنهن کي 6 ڏينهن گذري ويا آهن پر انتظاميا نينگري کي بازياب ڪرائڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته تمام جلد معصوم نياڻي اجالا پروين سولنگي کي باحفاظت بازياب ڪرايو وڃي

بقايا 16 | ڊرٽي روڊ بلاڪ

سمون ايس ڪي بي ليڊيز ونگ جي سنڌو پنهور ، صباح پنهور پاڪستان يونين آف جرنلسٽ جي اڳواڻ تنوير آرائين، ضلعي اڳواڻ عطا چانڊيو بدين پريس ڪلب جي صدر شوڪت ميمڻ اشرف عبدالله ميمڻ عمران عباس خواجه ماما مجيد ملاح ساروڻ خاصخيلي فرحان ميمڻ اسحاق شيخ ۽ ٻين چيو ته سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جي ڪُڌي رسم جي نالي ۾ نياڻين جو قتل ڪيو پيو وڃي ، ڪجهه ڏينهن اڳ ميرپور خاص ۾ ميڊيڪل جي شاگردياڻي کي جنسي بگهڙن خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪيو اها خودڪشي ناهي پر سڌو سنئون قتل آهي، ٽنڊو مستي ۾ خالده چانڊيو کي غيرت جي نام نهاد نالي ۾ سرعام گوليون هڻي قتل ڪيو ويو جيڪا صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي ، مظاهرين جو وڌيڪ چوڻ هو ته هر آئي ڏينهن تي ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان نياڻين کي قتل ڪرڻ وارو سلسلو جاري آهي سنڌ کي پوڙان جي حوالي ڪيو ويو آهي پوليس پوڙان جي ونگارو بڻيل آهي ، مظاهرين مطالبو ڪيو ته ميرپور خاص، ٽنڊو مستي ۽ هالا واقعن ۾ ملوث ڪردارن کي گرفتار ڪري ڪين سخت سزا ڏني وڃي

بقايا 17 | ڊرٽي روڊ بلاڪ

ٽريفڪ ٻن ڪلاڪن تائين معطل ٿي وئي ان موقعي تي جمعيت علماءِ اسلام تعلقه ڳڙهي خيرو جي جنرل سيڪريٽري اسدالله حيدري ۽ سماجي اڳواڻ عابد حسين جمالي وفد سان گڏجي پڻ شرڪت ڪئي ۽ متاثرن سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦريل سامان واپس ڪرايو وڃي.

بقايا 18 | قبرستان ۾ دفنايو

ڏينهن ڏڙي ذان هٿ آيل نوجوان جي عمر لڳ ڀڳ 22 کان 24 سال بڌائي پئي وڃي. جڏهن ته نوجوان جي سجاڻپ لاءِ لاش کي هڪ رات تائين تعلقه اسپتال ۾ رکيو ويو پر سجاڻپ نه ٿي سگهي، جنهن بعد قانوني ڪاروائي مڪمل ڪندي لاش کي لاوارث قرار ڏنو ويو خانپورمهر پوليس ٽائون عملي جي مدد سان لاش کي غسل ڏياريو ويو ۽ ڪفن ڏيڻ بعد جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنهن ڪانپو لاش کي خانپورمهر جي امام علي شاهه قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت جاچ جاري آهي ۽ نوجوان جي سجاڻپ لاءِ ڪوششون جاري آهن جڏهن ته علائقي ۾ خوف ۽ هراس پڻ پکڙجي ويو آهي

بقايا 19 | منشيات هٿ

چٽي عمر پٽ هميرو جوگي کي 20 ڪلو سوپاري . 4 من سوپاري جو چورو ۽ 150 مين پڙين سميت گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته پوليس جوابدار کي گرفتار ڪري چنگچي رڪشا کي پڻ تحويل ۾ ورتو آهي پوليس موجب اسان ڪاروائي دوران وڏي مقدار ۾ منشيات ۽ خام مال سميت هڪ چٽي کي گرفتار ڪيو آهي جڏهن ته هڪ چٽو اقبال سري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو اسان ڪيس داخل ڪيو آهي ٻچي ويل جوابدار کي به جلد گرفتار ڪيو ويندو پوليس موجب ايس ايس پي سيد سليم شاهه جون سخت هدايتون آهن ڪنهن به منشيات فروش کي بخش نه ڪنداسين منشيات فروشن کي گهرجي ته پاڻ سڌارو هي ڪُڌو ڪاروبار ڇڏي ڏين ۽ پوليس سان جيترو ٿي سگهي تعاون ڪن

بقايا 20 | احتجاجي مظاهرو

جنهن ۾ صحافين سميت سول سوسائٽي ۽ مختلف تنظيمن جا اڳواڻ شريڪ ٿيا ان موقعي تي اڳواڻ صحافين زين سرڪي محمد هاشم بروهي عبدالنبي مڪسي عبدالغني ڪوسو ايس ڪي پي جي عبدالمجيد سرڪي عام انسان تحريڪ جي سيد علي شاهه ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اندر بدامني جي باهه ٻري رهي آهي سنڌ ۾ ڪارنهن جي ڪُڌي رسم جي نالي تي نياڻين جو قتل عام ٿي رهيو آهي هنن چيو ته خالده چانڊين شمائلا چانڊيو ۽ فهميده لغاري کي به اهڙي طرح بيدردي سان قتل ڪيو ويو پر سنڌ پوليس جي لاپرواهي سبب هن وقت تائين سنڌن قاتل پنهنجي انجام تائين ناهن پهچي سگهيا، مقتول نياڻين جي خون سان هن وقت تائين انصاف ناهي ٿي سگهيو هنن گهر ڪندي چيو ته خالده چانڊين شمائلا چانڊيو ۽ فهميده لغاري جي سڀني قاتلن سهولتڪار کي گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏني وڃي ته جيئن ٻي ڪنهن نياڻي جو قتل نه ٿي سگهي

بقايا 21 | سخت مطالبا

ٽنڊو محمد خان ۾ جي ڊبليو سي طرفان سول سوسائٽي ، صحافين ، سياسي سماجي قومپرست تنظيمن جو سنڌ جي مظلوم نياڻين ٽنڊومستي جي خالدا چانڊيو، هالا جي شمائلا چانڊيو ، ميرپورخاص جي ميڊيڪل جي شاگرديائين فهميدا لغاري جي قتل ٿيڻ وارن واقعن جي خلاف شهر جي ڦليلي روڊ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ، احتجاجي مظاهري ۾ شامل پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان جي صدر غلام نبي ڪيريو ، جنرل سيڪريٽري مظفر رند ، يونين آف جرنلسٽ جي صدر رمضان شورو، جي ڊبليو سي اڳواڻ شعيب ڪيريو ، ذوالفيخان مددگار فائونڊيشن جي اڳواڻ رضيه سهتو ، جسقم جي جاويد هاليپوٽو ـ سليم هاليپوٽو ـ سنڌ عوامي فورم جي منور سومرو ـ امتياز شاهه ـ نيدي آئيز جي زاهد جسڪاڻي ـ اقبال ملاح ـ ڪيمر جونئير ذوالفقار پٽو جي اڳواڻ پير يونس جان سرهندي ـ مزمل لاشاري ، صحافي محمد انصار، محمد صديق چيپر، قاضي شمس ـ ساحل اياز ـ اشفاق گوپانگ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي نياڻين سان ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتين جي انتها ٿي وئي آهي ، سنڌ جي جاگيرداري وڏيرڪي پوتار ڪلچر جي غلط ريتن رسمن ۾ ٽنڊو مستي جي خالدا چانڊيو ۽ هالا جي شمائلا چانڊيو کي بيدردي سان قتل ڪري انسانيت جو ڪنڌ شرم سان جهڪايو ويو ته وري ميرپورخاص جي ميڊيڪل شاگردياڻي فهميده لغاري کي يونيورسٽي جي انتظاميه شاگردن ۽ استادن ايترو حراسمينٽ ڪيو جو تعليم حاصل ڪندڙ نياڻي مجبور ٿي پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائي آپگهات ڪري ڇڏيو جيڪو واقعو سنڌ جي نياڻين کي تعليم کان پري رکڻ جي اهڙي ته حرڪت آهي جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ معاف نه ٿو ڪري سگهجي ، اهو نه صرف فهميده لغاري جو قتل آهي پر سنڌ جي سمورين تعليم حاصل ڪندڙ نياڻين جو شعوري قتل ڪرڻ جو منصوبو آهي اهڙن واقعن خلاف جي ڊبليو سي پاران سنڌ جي هر شهر وسندي ۾ ڀرپور احتجاج ڪرڻ سان گڏ سنڌ اسيمبلي آڏو پڻ احتجاج ڪيو ويندو ته جيئن حڪمران سنڌ جي نياڻين سان ٿيندڙ ظلم زيادتين جو اسيمبلي جي فلور تي اهڙي قانون سازي ڪن جنهن سان سنڌ جي نياڻين کي قانوني طور تحفظ فراهم ٿي سگهي ۽ وري ٻيهر سنڌ جي ڪا به مظلوم نياڻي اهڙي بيدردي سان نه قتل ٿي سگهي نه وري هو مجبور ٿي آپگهات ڪري ، جي ڊبليو سي طرفان سنڌ جي نياڻين جي شعوري جدوجهد کي منظر ڪرڻ لاءِ پڻ جاڳرتا مهم جو سلسلو وڌيڪ متحرڪ ڪيو ويندو.

بقايا 22 | احتجاج جاري

کي سندن جائز حق ميرٽ ۽ روزگار نه ملي سگهيو آهي. جنهن سبب اڄ به اسان خيرپور پريس ڪلب اڳيان احتجاج جاري رکيو ويٺا آهيون احتجاج جي اڳواڻي اياز مڪسي، ضياءِ الرحمان ڦليوٽو ۽ ٻيا اڳواڻ ڪري رهيا هئا. هنن چيو ته ضلعي خيرپور ۾ هلندڙ ڊي آر سي ريويجن عمل کي جلد از جلد شفاف نمونو مڪمل ڪري ميرٽ تي نتيجا ظاهر ڪيا وڃن جيئن حقدار ويٽنگ اميدوارن کي انصاف ملي سگهي. وڌيڪ چيو ويو ته جعلي ڊگريون جعلي ڊس ايبلٽي سرٽيفڪيٽ ۽ جعلي آفر آرڊر کي فوري طور رد ڪري اصل اميدوارن کي حق ڏنو وڃي. هنن چيو ته اسان جا مطالبا هي آهن سمورن سنڌ جي آءِ بي اي 40+ ويٽنگ اميدوارن کي فوري طور ڀرتي ڪيو وڃي ڊي آر سي ريويجن جا نتيجا شفاف نمونو سامهون آندا وڃن مڪمل STR بنيادن تي ٿيئن SNEمنظور ڪئي وڃي. ڀرتي جو ڪائيم پيرڊ وڌايو وڃي سمورين خالي ريڪنسيون ظاهر ڪري ميرٽ تي ڀرتيون ڪيون وڃن ڳوٺن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن جلد انصاف فراهم نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو ۽ ايندڙ ڏينهن ۾ سخت قدم کنيا ويندا جلد از جلد ميگا پروگرسٽ بلاول هائوس ڪراچي جو اعلان ڪيو ويندو.

بقايا 23 | اسپتال منتقل

بيبا،پوليس رابطو ڪرڻ تي بڌايو ته فضل ڪندي جي گوٺ جي اسڪول جي پٺ جون سرون ڪٽڻ دان اڳ ۾ ٻه منهن ماري ٿي هٿي جنهن جو ڦلجي اسٽيشن ٿاڻي تي ڪيس پڻ داخل ٿيل آهي اڄ وري ٻنهي ڏرين جهيڙو ڪيو آهي ٻنهي ڏرين کي ڦلجي اسٽيشن ٿاڻي کان ليٽر ڏئي علاج لاءِ دادو روانو ڪيو ويو آهي

بقايا 24 | عوام پريشان

نيو چور ۽ ڪوڪڙاپار سميت ٻيون اسٽيشنون سڀ ويران بڻيل غريب مسڪين ماروئڙا سستي سفر جي سهولت کان مڪمل طور محروم بڻجي ويا آهن ميرپورخاص کان ڪوڪڙاپار تائين مختلف اسٽيشنن تان روزانو هزارين ماڻهو ماروي مسافر ٽرين ۾ سفر ڪندا هئا جنهن کي هڪ مهيني کان خسارو ڄاڻائي بند ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري غريب عوام بسن ۾ ڊبل ڀاڙا ڀري وڏي تڪليف ۾ سفر ڪرڻ تي مجبور هنن ريلوي جي وزير سميت اعلي اختيارن کان مطالبو ڪيو آهي ته جلد کان جلد ماروي مسافر ٽرين کي بحال ڪري اسان جي پريشاني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 25 | داخل

۾ منڪي پاڪس جي شڪي ۾مبتلا نادر ڀهوڙ ۽ سندس زال بشيران آئسوليٽ ڪيو ويو آهي جڏهن ته سندن 2 ٻارڙا پٽ نصيب الله ۽ ڌيءَ آسما ڀهوڙ کي صحتمند هجڻ باوجود ڪين آئسوليشن وارڊ ۾ گڏ ڇڏيو ويو آهي اهڙي صورتحال ڪري ٻنهي ٻارڙن ۾ منڪي پاڪس جو خطرو آهي

بقايا 26 | راشد محمود سومرو

ڪشمور جي مسئلن تي ڳالهيون ڪيون ويون جي يو آءِ هميشه ڏاڍيلن خلاف آواز اٿاريو سنڌ حڪومت جا ايم ڪيو ايم ايم اين اي جرگو ڪرن ٿا، اسان هميشه آءِ جي سنڌ سان اهڙن مسئلن تي آواز اٿاريو ويو ڪراچي ۾ لکين ماڻهن مارچ ڪري بدامني ۽ جرگن خلاف احتجاج ڪيا، دنيا جي طاقت وارا سمجهن ٿا پوري جنگ ۾ پاڪستان ڀرپور ڪردار ادا ڪيو جي يو آئي پاران جنگ جي موقف ڪي اعلي ايوانن تائين پهچايو ويو ،اسان هميشه امن جي ڳالهه ڪئي آهي فلسطين ۽ لبنان ۾ اوهان پاڻ ڏٺو اسلامي بلاڪ نه ٺهيو ته پوءِ اسرائيل جنگ تيز ڪندو ته اسان هن ست نسلن تائين ياد ڏيارينداسين عراق شام لبنان جنگ روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي پوءِ هنن معان ٻمباري چو ڪئي وڃي ٿي امن قائم ٿيڻ تائين اسان جي تحريڪ جاري رهندي، سنڌ حڪومت ڳوڙهي ٻوڙهي آهي ،هزارين زمين هڙپ ڪئي وئي آهي اها زمين ڪنهن کي ڏني وئي سنڌ ۾ منشيات عروج تي پهچي وئي آهي پاڪستان جو سنيئر سياستدان مولانا فضل الرحمان آهي هن چيو ته منهنجي والد صاحب کي 13 سال گذري ويا آهن پر اڃا تائين انصاف نه مليو سگهيو آهي عدالتن کي ڪيپي ته ڏڪور انصاف ڏنو وڃي ڪراچي کان ڪشمور تائين اسان جي تحريڪ جاري رکي آهي سنڌ ۾ فنڪشنل ليگ ۽ ٻين تنظيمن سان ڳالهيون هلن پيون منظهر عباسي اڳ ۾ اتحادي آهي هاڻي به رهندو اسان جي ملڪ تي آءِ ايم ايف جي چوڻ تي سانگهائي ڪئي ويندي آهي ايران کان تيل خريد ڪيو وڃي ها اڄ پاڪستان ۾ پيٽرول سستو هجي ها

بقايا 27 | نوجوان فوت

ورهين جو ظهور مگسي فوت 35 ورهين جو سڪندر علي مگسي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي نازڪ حالت ۾ لاڙڪاڻي نيو ويو اهڙي اطلاع ملڻ تي ربيع پل ٿاڻي جي پوليس حادثي واري هنڌ پهچي زخمي ۽ فوتي کي رورل هيلٿ سينٽر ڪٿائي آئي جتي پوليس جو چوڻ هو ته ميهڙ کان خضدار ويندڙ ويگن جو ڪوٽ مگسي جي گوٺ شادي هڙ جي رهواسين سان آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان 18 ورهين جو ظهور مگسي موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته زخمي سڪندر مگسي کي نازڪ حالت ۾ علاج لاءِ لاڙڪاڻي نيو ويو ٻي طرف پوليس ويگن پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

بقايا 28 | اسپتال منتقل

ڏٺي حيدرآباد ريفر ڪري روانو ڪيو ويو پوليس موجب ڪار ڊرائيور گرفتار آهي، جڏهن ته ڪار جي ٽائر راڊ ٽٽڻ جي ڪري ڪار ڊرائيور کان ڪنٽرول مان نڪري وئي جنهن بعد سامهون ايندڙ موٽر سائيڪل سان ٽڪرائجي وئي جنهن سبب حادثو پيش آيو آهي.

بقايا 29 | ڇيڙ ڇاڙ احتجاج

ويون آهن متاثر مريض عورتن ۽ سندن وارثن سخت احتجاج ڪندي ذميوارن خلاف فوري ڪاروائي ۽ سيڪيورٽي انتظاميا ۾ ملوث ذميوارن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي اسپتال ۾ موجود مريضن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اسپتال جهڙي حساس اداري ۾ به مريض عورتون محفوظ نه آهن ته پوءِ مريضن جي حفاظت ڪير ڪندو سريس مريضن خراب حالت ۾ گهر ڀيهاريا وڃن انتظاميا جي لاپرواهي نه رڳو قانوني ڏوهه آهي پر انسانيت جي کُلي توهين آهي متاثرن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي ۽ اسپتال ۾ سيڪيورٽي جو مضبوط نظام قائم ڪيو وڃي.

بقايا 30 | خودڪشي

آهي. پوليس موجب ابتدائي جاچ دوران معلوم ٿيو آهي ته واقعي جو ڪارڻ گهرو اڻبڻت ٻڌايو پيو وڃي جنهن سبب نوجوان ناري ڦاهو کائي پنهنجي زندگي جو انت آندو فوتي ناري جي سڃاڻپ پڪائي ڪالوني واسي فرزانا ڌيءُ عبدالرحيم ٻبر طور ڪئي وئي آهي اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي سول اسپتال دادو منتقل ڪيو جتي ضروري ڪاروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته علائقي ۾ به ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانئيل آهي پوليس موجب وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 31 | احتجاج

چانڊيو مير پورخاص خانگي ميڊيڪل ڪاليج ۾ حراسمينٽ کان تنگ ٿي خودڪشي ڪندڙ ڊاڪٽر فهميده لغاري ۽ هالا ۾ قتل ٿيل شمائلا چانڊيو جي قتل ڪيسن ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب کان ريلي ڪڍي شهر جي جناح باغ چوڪ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي، جڏهن ته ريلي ۾ سياسي، سماجي، قومپرست، مذهبي جماعتن جي اڳواڻن سول سوسائٽي جي نمائندن اديبن شاعرن ليکڪن وڪيلن ڊاڪٽرن صحافين سميت مختلف مڪتبه فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن هٿن ۾ بئنر کڻي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن ظفر ابڙو رزاق مسڻ عبدالقادر جاگيراڻي سيد جاويد شاهه اطهر سومرو اشرف ڪلهوڙو ستار هليس ڊاڪٽر مظهر مغل ڊاڪٽر سڪينه گاد نثار مغيري عامر ڏاهاڻي شيبا مغل ۽ ٻين چيو ته سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جي ڪُڌي رسم تحت نياڻين کي قتل ڪيو پيو وڃي جڏهن ته انهن جا لاش بغير غسل ۽ ڪفن جي دفن ڪرڻ وارن واقعن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌ ٿي رهي آهي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي تعليمي ادارن اندر پڙهندڙ نياڻين کي وحشي بگهڙن پاران مسلسل حراسان ڪيو پيو وڃي جنهن کان تنگ اچي ڪيترن ئي نياڻين خودڪشيون ڪري زندگي جو انت آڻي ڇڏيو آهي پر افسوس جو انهن رهزنن خلاف ڪابه اثرائتي ڪاروائي ناهي ڪئي وئي، جنهن عمل سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ڪارو ڪاري جي ڪُڌي رسم تحت قتل ٿيندڙ نياڻين جي ايف آءِ آر رياست جي فرياد تي داخل ڪري ملوث جوابدارن کي سخت کان سخت سزائون ڏيڻ سان گڏ سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ نياڻين کي حراسان ڪندڙن خلاف جوڳا قدم کڻي نياڻين جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا 32 | دعويٰ

پيس پوليس چڙهائين دوران هڪ لانڍي کي ڏاهي پڻ پٽ ڪري ڇڏيوبئي طرف ڊي ايس پي لکي محمدعلي سومري رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته شڪارپور ضلعي جي 8 کان 10 ٿاڻن جي پوليس لکي لڳ ڦاٽڪ تو پرسان لاڙڪاڻي روڊ تي واقع ڊي ايس پي آفيس جي پٺيان ويٺل ٽوٽ جتوئين جي گهرن تي چڙهائيون ڪيون جنهن دوران پوليس مختلف ڪيسن ۾ گهربل ڏوهارين پوليس معان فائرنگ ڪري ڏني جوابي فائرنگ دوران هڪ ڏوهاري ساڪڻ جي وانڊ واسي گل محب عرف مير پٽ رزاق عرف عبدالرزاق ٽوٽ جتوئي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو اٿئون ڊي ايس پي لکي جو چوڻ هو ته پوليس ڪاروائي دوران ڏوهارين جي هڪ لانڊي پڻ ڊاهي پٽ ڪئي وئي اٿئون سندس چوڻ هو ته ڏوهاري جيستائين قانون آڏو پيش نه ٿيندا تيستائين سندن خلاف اهڙا وڌيڪ ڪاروائيون تيز ڪيون وينديون

بقايا 33 | انصاف جو مطالبو

ڏاهه ڪرڻ بعد گهر ۾ پيل 20 هزار رپيا نقد ۽ ٻيو گهر جو قيمتي سامان کڻي فرار ٿي ويا متاثرن ايس ايس پي خيرپور ۽ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 34 | انصاف جو مطالبو

چاهي ٿو ان اڄ پنهنجي پٽن محمد عظيم جمالي ، طارق جمالي ۽ ٻين ماڻهن سان گڏجي اسان معان گهرڻ تي اچي حملو ڪيو آهي جنهن ۾ منهنجي پاءُ سليم جمالي جو مٿو ٽاڪي پيو آهي ۽ رت وهي رهيو آهي جنهن سبب هي ڳالهائي به نٿو سگهي هن چيو ته اسان جي عورتن کي به هنن ڌڪ هڻي زخمي ڪيو آهي هنن چيو ته اسان هتي قديمي ويٺل آهيون ۽ هي سرڪاري پٽ آهي پر انهيءَ مان پڻ اڌ کان وڌيڪ ايراضي تي هنن پنهنجو قبضو ڪري ورتو آهي باقي بچيل پلاٽ جنهن تي اسان ويٺل آهيون ان تان به هو اسان کي زبردستي لڏائي ان پلاٽ تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا، ان پلاٽ تي قبضي خاطر بااثر زميندار ۽ ان جي پٽن هن کان پهرين چار کان پنج دفعا اسان معان حملا ڪيا آهن ۽ اسان کي گذرڻ لاءِ رستو به نٿو ڏنو وڃي رستي تان گذرڻ تان به هنن منع ڪري ڇڏي آهي،ڪافي پيرا هنن گارگند به ڪئي آهي پر اسان خاموش رهي چگن مڙسن کي دانهون ڏنيون پر ڪٿان به انصاف نه مليو ۽ نيٺ اڄ هنن اسان تي جان ليوا حملو ڪيو آهي جنهن جو ڪيس اسان راڄوخانائي پوليس وٽ داخل ڪرايو آهي مگر اڃان تائين ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه آئي آهي هنن مطالبو ڪيو ته بااثر اسلم جمالي ۽ سندس پٽن کي گرفتار ڪري ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي .

بقايا 35 | 7ڄڻا گرفتار

غلام علي پوليس 10 کان مٿي نوجوان کي زبردستي گرفتار ڪري کڻي ويا گرفتاري بعد ڪامريڊ سجاد شاهه چيو ته اسان وٽ روزگار نه هئڻ ڪري ۽ نوڪرين ۾ ويساهه گهاتي خلاف پر امن احتجاج ڪئمپ لڳائي جيڪا پوليس پٽي ٿاڻي تي کڻي وئي ۽ اسان پاران ڪيل احتجاج ۾ اسان کي گرفتار ڪيو آهي هن چيو ته اسان آزاد ٿي پنهنجي حقن لاءِ ٻيهر احتجاج ڪنداسين هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي پوليس ٻڌايو ته مظاهرن ۽ ڌرڻن تي سنڌ حڪومت پابندي آئيد ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب ڪين گرفتار ڪيو آهي. آخري اطلاع تائين ڪو به ڪيس داخل نه ٿيو آهي.

بقايا 36 | دعويٰ

ڏيندي انصاف جي گهر ڪئي آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻو پوليس موجب حيدري ٿاڻي جي حد جمالي لاڙي وٽ پوليس جو ڏوهارين سان مقابلو ٿيو جنهن ۾ ٻه ڏوهاري مارجي ويا. ان حوالي سان ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري ٻڌايو ته مارجي ويل ڏوهارين جي سڃاڻپ قربان سنجراڻي ۽ ياسين مهيسر طور ٿي آهي. مارجي ويل ڏوهاري موبائيل فونون مختلف شهرين کي زخمي ڪرڻ جا وڊيوز پڻ هٿ ڪيا ويا هئا، جن ۾ ٻنهي مارجي ويل ڏوهارين کي وارداتون ڪندي ڏسي سگهجي ٿو مارجي ويل ڏوهاري 100 کان وڌيڪ ڏوهي وارداتن ۾ ملوث هئا، جن معان 30 کان وڌيڪ مختلف ڪيس داخل ٿيل هيا. ٻئي طرف مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل قربان سنجراڻي جي وارثن جو چوڻ آهي ته اسان جو نوجوان موٽرسائيڪل جو مستري هيو جڏهن ته پوليس ڪيس ڪراچي سان گرفتار ڪري حيدري ٿاڻي جي حد ۾ ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي هن کي ماريو آهي هوڏانهن مارجي ويل قربان سنجراڻي جو لاش سندس وارث ايمبولينس ذريعي اباڻي ڳوٺ عمر پيو ڪٽائي ويا، جڏهن ته سندس لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي

بقايا 37 | احتجاج

شاگرد اڳواڻ عميز اسماعيل باريجو ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ اڃا تائين مظلوم نياڻين کي ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪرڻ واري روايت ختم نه ٿي سگهي آهي، جيڪا انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي هنن چيو ته لڳي ٿو صوبي ۾ قانون جي عملداري ڪمزور ٿي چڪي آهي ۽ اهڙي وحشت خلاف سخت ڪاروائي نه ٿيڻ سبب اهڙا واقعا وڌي رهيا آهن. ڳوٺن وڌيڪ چيو ته ميرپورخاص جي ميڊيڪل جي شاگردياڻي فهميدا لغاري کي مبينا طور حراسمنٽ جو نشانو بڻائي خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي ، جنهن ڪري نياڻيون عدم تحفظ جو شڪار آهن ۽ ڪيترين کي انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو اهو به قتل آهي انهن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي هنن مطالبو ڪيو ته ٽنهي واقعن جي شفاف جاچ ڪرائي جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ متاثر خاندانن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي اڳواڻن چيو ته جي ڊبليو سي هميشه مظلومن ۽ بي پهچ ماڻهن جو آواز بڻجي ميدان ۾ موجود رهندي ۽ هر سطح تي جدوجهد جاري رکندي

بقايا 38 | دعويٰ

مان ڦريل ڪار خيرپور لاڙڪاڻو روڊ دعا چوڪ کان لاڙڪاڻي طرف رخ ڪيو ته لاڏيون ٿاڻي طرفان قائم ڪيل چيڪ پوسٽ جيڪا درياءَ پل تي پڻ آهي جيئن ئي ڦورو چيڪ پوسٽ جي ويجهو پهتا ته پوليس کي ڏسي پوئتي موٽي پيا ته پل تي مقرر ٿيل سي آءِ اي پوليس جي انچارج صدرالدين شر ۽ سندس جي ٽيم پيڇو ڪيو جنهن دوران ڦورن گهيرو تنگ ڏسي راضيديرو شهر طرف رخ رکيو ۽ راضيديرو ويگن اسٽان تي بند گهٽيءَ ۾ گاڏي لاڪ ڪري فرار ٿي ويا ۽ ان دوران سي آءِ اي پوليس ڪار کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو واضع رهي ته ڪار جو رجسٽرڊ نمبر بي سي ايڪس 990. انجڻ نمبر 192654. چيچس نمبر 4019767 ماڊل 2015 ٽويوٽا ڪرولا جي ايل آءِ اڇي ڪلر جي آهي انهي سموري عمل جي ڪاروائي سي آءِ اي جي انچارج صدرالدين شر ڪئي جنهن جي مدد ۾ مختلف ٿاڻن جي پوليس هئي آن ۾ لاڏيون پوليس ڳڙا پوليس سميت اسپيشل برانچ جا عملدار سرفهرست هئا اهو به واضع رهي ته ڦريل ڪار کي ٽريڪر جي مدد ڪنٽرول ڪيو ويو ياد رهي ته ڦريل ڪار ڪراچيءَ کان خيرپور تائين اصلي نمبر پليٽ بجاءِ نقلي نمبر پليٽ سان جاءِ واردات تي ملي آهي

بقايا 39 | الهه تلهه سڙي

سبب چوپايو مال جنهن ۾ مينهن ٻڪريون ڳاڏهه گهر جو قيمتي سامان ۽ ٻيون شيون سڙي رک ٿي ويون متاثرن کلي آسمان هيٺان ويٺل متاثرن جو چوڻ آهي ته اسان مزدوري ڪري گذر سفر ڪندا آهيون اسان جي گهر جو قيمتي سامان اناج ۽ ٻور سڙي رک ٿي ويا آهن هنن چيو ته اسان وٽ نه ڪا فائر برگيڊ گاڏي پهتي آهي ڪنهن وس وارن اسان جي سار لڌي آهي اسان پنهنجي مدد پاڻ ۾ واهه وسائي آهي، هنن چيو ته اسان تڪ ڪا به حڪومتي نمائندن ۽ ميئر حيدرآباد ٽوڙي وس وارن کي اپيل ڪريون ته اسان جي سار لهي مدد ڪئي وڃي ته جيئن اسان ٻيهر اڇها ڻاهي زندگي جو ڪاروان هلائي سگهون

بقايا 40 | مارچ ڌرڻو

ولي چانڊيو پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو راجا رفيق پنهور محمد بخش ڪورائي اڪبر پنهور پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ جنرل سيڪريٽري گلڻ پنڊ ايڇ يو جي سرڪري اڳواڻ ولي محمد لنڊ جاويد لغاري راجه ياسين ڪوريجو الهه بخش خشڪ علي گل چنا ۽ ٻين چيو ته پوري سنڌ عورتن لاءِ مقتل گاهه بڻجي وئي آهي قانون جي پاسداري نه ٿيڻ سبب روزانو عورتون قتل ٿي رهيون آهن اسان جون نياڻيون تعليمي ادارن ۾ به محفوظ ناهن هر هنڌ بگهڙ نياڻين کي حراسا ڪن ٿا عورتن جي حقن ۽ تحفظ لاءِ جوڙيل قانون تي عمل نه پيو ٿئي عورتن تحفظ لاءِ جوڙيل سرڪاري ادارا به غير فعال بڻيل آهن هنن چيو ته ميهڙ تعلقي جي ٽئون ڳوٺ ٿاڻي جي حد مٿو ماڇي ۾ ڪارنهن الزام ۾ نياڻي ناهيد سولنگي کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو اصل قاتل قانون کان آجا آهن پوليس با اثرن جي دباءَ ۾ اچي ڪارنهن الزام هيٺ آيل نوجوان علي رضا سولنگي معان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي پوليس اصل قاتلن کي گرفتار نه پئي ڪري، ٽنڊو مستي ۾ خالده چانڊيو کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو هالا جي مظلوم نياڻي شمائلا چانڊيو کي قتل ڪيو ويو ميرپورخاص جي ميڊيڪل جي شاگردياڻي فهميدا لغاري جي بي گناهه خون ڪيو ويو هنن چيو ته ميهڙ پوليس جي مجرماڻي ڪوتاهين سبب 6 سالا معصوم اجالا سولنگي اڃا تائين نه ملي سگهي آهي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته قاتلن کي سخت سزائون ڏنيون وڃن ۽ عورتن لاءِ جوڙيل قانون تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي اجالا سولنگي کي جلد بازياب ڪرايو وڃي

بقايا 41 | احتجاجي مظاهرو

اڳواڻي شوڪت نوناري ، سنڌ بار ڪائونسل جو ميمبر سيد جعفر علي شاهه ، شائسته بلوچ ، سماجي اڳواڻ مظفر حسين عباسي شاهنواز ڪلهوڙو سميت ٻيا اڳواڻ ڪري رهيا آهن ، اڳواڻن احتجاج کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ هر روز نياڻين کي ڪڏهن ڪارو ڪاري جي ڪُڌي رسم تحت ڪيو پيو وڃي جنهن جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا ،هنن چيو ته ٽنڊومستي ۾ ڪارنهن الزام جي ڪُڌي رسم ۾ ناري خالده عرف روبينا چانڊيو کي بيدردي سان وحشي جانور قتل ڪري انسانيت جا سمورا ليڪا لتاڙي ڇڏيا آهن هنن چيو ته ميرپورخاص ۾ فهميداه لغاري ۽ هالا شهر ۾ شمائلا چانڊيو کي به بيدردي سان قتل ڪرڻ ظلم جي انتها آهن سنڌ ۾ نياڻيون غير محفوظ آهن ، هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ ڪجه نام نهاد ڏريون ڪارو ڪاري جي ڪُڌي رسم جي الزام هيٺ هر روز نياڻين کي وحشياڻو تشدد ڪري مارڻ وارا واقعا وڌي ويا آهن سنڌ ۾ ظلم برپا ٿي چڪو آهي هنن وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ، آءِ جي سنڌ ۽ انسانين حقن جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته سمورن واقعن جو نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن کي سخت سزا ڏياري وڃي ، ٻئي صورت ۾ جي ڊبليو سي جي تحريڪ وڌيڪ تيز ڪندي

بقايا 42 | جوابدار گرفتار

سولنگي پنهنجي ٻن ساٿين سان گڏ ڏوهه جي ارادي سان بيٺل هو جن پوليس کي ڏسندي ئي پوليس معان فائرنگ شروع ڪري ڏني ۽ پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ جوابدار ديدار سولنگي ٽنگ ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي ڪري پيو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جنهن بعد پوليس زخمي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو جوابدار معان حد جي صدر ٿاڻي تي اهڙو ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي

آفيس آف دي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج، ڄامشورو

No. Admn/2520 of 2026 Jamshoro, Dated. 15-04-2026

اشتهار

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ، ڄامشورو ۾ هيٺين خالي آسامين کي ڀرڻ لاءِ ضلعي ڄامشورو جو ڊوميسائل رکندڙ اهل اميدوارن کان درخواستون گهرائجن ٿيون.

شمار نمبر	عهدي جو نالو گريڊ سان	آسامين جو تعداد	قابليت ۽ عمر جي حد
01	اسٽينوگرافر (BPS-16)	03	1. ڪنهن به تسليم ٿيل بورڊ مان انٽرميڊيٽ. 2. ٽائپنگ جي رفتار 40 لفظ في منٽ ۽ شارٽ هينڊ جي رفتار 80 لفظ في منٽ. 3. ڪنهن نامياري اداري مان شارٽ هينڊ، ٽائپنگ ۽ ايم ايس آفيس جا سرٽيفڪيٽ هجڻ لازمي آهن. 4. عمر جي حد: 21 کان 25 سال
02	جونيئر ڪلارڪ (BPS-11)	03	1. ڪنهن به تسليم ٿيل بورڊ مان انٽرميڊيٽ. 2. ٽائپنگ جي رفتار 40 لفظ في منٽ. 3. ڪنهن نامياري اداري مان ٽائپنگ ۽ ايم ايس آفيس جا سرٽيفڪيٽ هجڻ لازمي آهن. 4. عمر جي حد: 21 کان 25 سال
03	ڊرائيور (BPS-07)	01	1. ڪنهن به تسليم ٿيل بورڊ مان ميٽرڪ. 2. صحيح ڊرائيونگ لائسنس هجڻ لازمي آهي. 3. لائسنس يافته هيوي ڊرائيور طور گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن جو تجربو. 4. ٽريفڪ جي اشارن کي پڙهڻ ۽ هاءِ وي ڪوڊ کي سمجهڻ جي صلاحيت. 5. عمر جي حد: 20 کان 28 سال.

اپلاءِ ڪرڻ لاءِ هدايتون:

1. معزز هاءِ ڪورٽ آف سنڌ جي هدايتن موجب، سيريل نمبر 01 ۽ 02 جي آسامين لاءِ MCQs تي ٻڌل لکيل ٽيسٽ SIBA Testing Services ذريعي ورتي ويندي. دلچسپي رکندڙ اميدوار پنهنجون درخواستون آن لائن STS پورٽل: http://www.apply.sts.net.pk تي 13-05-2026 يا ان کان اڳ جمع ڪرائين. هٿرادو طور درخواستون قبول نه ڪيون وينديون.
2. اميدوارن کي پنهنجي CNIC (اڳيان ۽ پٺيان)، ڊوميسائل، PRC/Form-D، تازي تصوير، NOC (سرڪاري ملازم جي صورت ۾) ۽ لاڳاپيل بورڊ مان جاري ڪيل سڀئي تعليمي دستاويز اپلوڊ ڪرڻا پوندا. ان کان علاوه، پورٽل تي آن لائن اپلاءِ ڪرڻ وقت ڪي به گهربل سرٽيفڪيٽ پڻ اپلوڊ ڪرڻا پوندا.
3. معذور اميدوارن کي لازمي طور تي NADRA پاران جاري ڪيل CNIC اپلوڊ ڪرڻو پوندو، جنهن تي ويل چيئر جو نشان هجي.
4. آن لائن درخواست مڪمل ڪرڻ کان پوءِ، اميدوار 1,500 روپين جو سسٽم مان تيار ڪيل چالان ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا (صرف پندرهن سئو روپيا). چالان الائيڊ بئنڪ لميٽيڊ (ABL) جي ڪنهن به برانچ ۾ يا MyABL ايپ ذريعي جمع ڪرائي سگهجي ٿو. متبادل طور تي، اميدوار ڪنهن به 1Bill سان منسلڪ بئنڪ جي انٽرنيٽ بئنڪنگ پورٽل ذريعي رقم جمع ڪرائڻ لاءِ 1Bill ريفرنس نمبر استعمال ڪري سگهن ٿا. (هي في ناقابل واپسي آهي).
5. جيڪڏهن اميدوار هڪ کان وڌيڪ آسامين لاءِ اپلاءِ ڪري رهيو آهي ته ڪيس هر پوزيشن لاءِ الڳ الڳ اپلاءِ ڪرڻو پوندو ۽ الڳ چالان ڀرڻو پوندو.
6. سيريل نمبر 01 ۽ 02 جي آسامين لاءِ معذورن جي ڪوٽا کي لاڳو ضابطن موجب عمل ۾ آندو ويندو.
7. سيريل نمبر 01 ۽ 02 جي آسامين لاءِ عورت اميدوارن کي شريڪ ٿيڻ جا برابر موقعا فراهم ڪيا ويندا.
8. اميدوارن کي نصيحت ڪئي وڃي ٿي ته آن لائن درخواست فارم ۾ صرف پنهنجو اصل موبائيل نمبر استعمال ڪن ۽ اهڙو نمبر ڏيڻ کان پاسو ڪن جيڪو ڪنهن ٻئي نيٽ ورڪ تي تبديل (Convert) ٿيل هجي.
9. ٽيسٽ جي تاريخ، وقت ۽ جڳهه بابت بعد ۾ SMS ذريعي آگاهه ڪيو ويندو. وڌيڪ هي ته، ٽيسٽ جي تاريخن، ايڊمٽ سلپس، نتيجن جي اعلان يا ٻي ڪنهن به معلومات بابت اپڊيٽس ۽ نوٽيفڪيشن STS جي ويب سائيٽ/پورٽل تي پڻ اپلوڊ ڪيا ويندا. ان حوالي سان، اميدوار وقت بوقت پورٽل/ويب سائيٽ ڏسندا رهن.
10. اسڪروٽني جي عمل دوران ڪنهن به اعتراض جي صورت ۾، اميدوارن کي SMS ذريعي اطلاع ڏنو ويندو ۽ ڪين نصيحت ڪئي وڃي ٿي ته هو باقاعدگيءَ سان پنهنجا SMS پيغام ۽ پورٽل تي پنهنجا اڪائونٽ چيڪ ڪندا رهن. اعتراض جو جواب ڏيڻ لاءِ ٽن (03) ڏينهن جي مهلت ڏني ويندي. مقرر وقت ۾ عمل نه ڪرڻ جي صورت ۾ درخواست فارم رد ڪيو ويندو.
11. سيريل نمبر 01 ۽ 02 جي آسامين لاءِ MCQs تي ٻڌل لکيل ٽيسٽ لاءِ ايڊمٽ سلپس جاري ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن به سوال/اعتراض تي غور نه ڪيو ويندو.
12. سيريل نمبر 03 تي ذڪر ڪيل ڊرائيور (BPS-07) جي عهدي لاءِ، اميدوارن کي گهرجي ته اهي پنهنجون درخواستون ڊرائيونگ لائسنس، تعليمي دستاويزن، CNIC، ڊوميسائل ۽ PRC جي تصديق ٿيل نقلن ۽ 02 پاسپورٽ سائيز تصويرن سان گڏ ڊاڪ ذريعي يا هٿرادو طور "ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج، ڄامشورو" جي نالي 13-05-2026 تي منجهند 03:00 وڳي تائين يا ان کان اڳ موڪلين.

سمورين آسامين لاءِ عام هدايتون:

13. آخري تاريخ کان پوءِ مليل اڻپوريون درخواستون ۽ دستاويز قبول نه ڪيا ويندا.
14. فرضي، وڌائي چڙهائي پيش ڪيل، يا گمراهه ڪندڙ ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي صورت ۾ درخواست رد ڪئي ويندي ۽ ڪنهن به مرحلي تي ملازمت مان فارغ ڪري سگهجي ٿو.
15. اهي اميدوار جيڪي اڳ ۾ ئي سرڪاري نوڪري ۾ آهن ۽ اهليت جي معيار تي پورو لهن ٿا، اهي پڻ مناسب طريقي ذريعي اپلاءِ ڪري سگهن ٿا.
16. عمر جي حد کان وڌيڪ اميدوارن جي صورت ۾، جيڪڏهن اهي تجربي، قابليت ۽ مهارت جي بنياد تي اهل ۽ مقرريءَ لاءِ چونڊجي وڃن ٿا، ته سندن ڪيس مٿئين عمر جي حد ۾ رعايت ۽ منظوريءَ لاءِ معزز چيف جسٽس، سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ڏي موڪليا ويندا.
17. صرف شارٽ لسٽ ٿيل اميدوارن کي ٽيسٽ/انٽرويوءَ لاءِ گهرايو ويندو.
18. ڀرتي ۽ چونڊ جي عمل ۾ ڪنهن به خارجي اثر يا سفارش جي صورت ۾ اميدوار کي نااهل قرار ڏنو ويندو.
19. اميدوارن کي انٽرويوءَ جي وقت پنهنجا اصل دستاويز آڻڻ لازمي آهن.
20. سليڪشن ڪميٽيءَ جو فيصلو حتمي هوندو.
21. مٿي ذڪر ڪيل آسامين جي تعداد ۾ ڪنهن به اڳواٽ اطلاع ڪانسواءِ واڌ يا گهٽتائي ڪري سگهجي ٿي.
22. ٽيسٽ يا انٽرويوءَ لاءِ ڪو به TA/DA نه ڏنو ويندو.
23. درخواستون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 13 مئي 2026 آهي.

(علي احمد جان)
ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج
ڄامشورو

INF/KRY/1497/2026
WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

آفيس آف دي ٽائون ڪميٽي
سرهاڙي ضلعو سانگهڙ

No. TO/TC/Sarhari/10 of 2026 Dated. 09-03-2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي (SPPRA) جي معياري واڪ دستاويز (SBDs) تحت، سنڌ حڪومت پاران دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن / ڪمپنين / سپلائرز / فرمن کان SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 2013) تحت ڄاڻايل لسٽ ۾ ڏنل ڪمن لاءِ مهربند ٽينڊر گهرايا وڃن ٿا.
خواهشمند شرڪت ڪندڙ ٽينڊر دستاويزن جو سيٽ اي ـ پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم SPPRA (EPADS) جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ۽ جمع ڪرائي سگهن ٿا، جيڪو 30-03-2026 تي منجهند 01:00 وڳي تائين جمع ڪرائڻو پوندو ۽ ساڳئي ڏينهن 01:30 وڳي ٽينڊر اوپننگ/ ايووليوشن/ پروڪيورمينٽ ڪميٽي ۽ موجود ٺيڪيدارن يا سندن بااختيار نمائندن جي آڏو کوليا ويندا.

ڪوشش	واڪ دستاويز جمع ڪرائڻ جي تاريخ	آڇون کلڻ جي تاريخ
پهريون پيرو	30-03-2026 منجهند 01:00 وڳي تائين	30-03-2026 منجهند 01:30 وڳي
ٻيو پيرو	15-04-2026 منجهند 01:00 وڳي تائين	15-04-2026 منجهند 01:30 وڳي

شرط ۽ ضابطا:

1. تعميراتي ڪمپنيون / فرم خالي ٽينڊر (EPADS) جي ويب سائيٽ تان ڊائونلوڊ ڪيا ويندا ۽ ساڳئي ويب سائيٽ تي جمع ڪرايا ويندا.
2. آڇ رقم جي 5% ڪال ڊپازٽ سان گڏ جمع نه ڪرايل شرطيا، خالي ۽ اڻپورا ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
3. بااختيار مجاز اٿارٽيءَ SPPRA Rules 2010 جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به يا سڀني ٽينڊرن کي رد ڪرڻ جو حق حاصل هوندو.
4. هر آڇ کي احتياط سان ڀريو ۽ صحيح طرح دستخط ڪيو وڃي سڀني آئٽمز جا ريٽ صاف ۽ درست نموني حساب ڪيا وڃن. ۽ هر آڇ سان الڳ الڳ ڪال ڊپازٽ / پي آرڊر / بئنڪ گارنٽي ٽائون ڪميٽي سرهاڙي، ضلعي سانگهڙ جي نالي تي جمع ڪرائڻ لازمي هوندو
5. بڊ سيڪيورٽي جي گهربل رقم جي فوٽو ڪاپي ٽيڪنيڪل پروپوزل سان گڏ ۽ اصل بڊ سيڪيورٽي فنانشل پروپوزل سان گڏ جمع ڪرائڻي پوندي.
6. اڻپورا، اوور رائيٽ ڪيل يا شرطيا ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
7. هڪ ٺئون حلف نامو جمع ڪرائڻ لازمي هوندو جنهن ۾ ڄاڻايل هجي ته سڀ دستاويز / سرٽيفڪيٽ / تفصيل / ڄاڻ درست ۽ سچي آهي غلط، جعلي يا تبديل ٿيل ڄاڻ / سرٽيفڪيٽ فراهم ڪرڻ جي صورت ۾ آڇ ڏيندڙ / ڪمپني / فرم کي ڪنهن به مرحلي تي بليڪ لسٽ ڪيو ويندو.
8. گذريل ٽن سالن دوران ساڳئي نوعيت جي ڪم جو تجربو لازمي آهي: گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙو ڪم مڪمل ڪيل هجي جنهن جي قيمت اندازي لاڳت جي 80% کان گهٽ نه هجي.
9. مٿي بيان ڪيل ڪمن سان لاڳاپيل موجود اوزارن / مشينري جي تفصيل فراهم ڪئي وڃي.
10. ٽيڪنيڪل عملي (انجنيئرز) ۽ اهم سائيٽ مينيجمينٽ اسٽاف (جيڪڏهن مزدور شامل هجن) جي قابليت ۽ گذريل 3 سالن جو تجربو پيش ڪيو وڃي.
11. سراسري سالياني مالي ٽرن اوور اسڪيم / پروجيڪٽ جي برابر لاڳت کان گهٽ نه هجڻ گهرجي.
12. آڇ ڏيندڙ لاءِ هدايتون، واڪ ڊيٽا، ٺيڪي جا شرط ۽ ڪانٽريڪٽ ڊيٽا جيڪي SBD ۾ ڏنل آهن، لاڳو ٿينديون.
13. قابل قبول گهٽ آڇ ڏيندڙ SPP Rules 2010 جي رول 39 مطابق باقي 10% رقم پرفارمنس سيڪيورٽي طور جمع ڪرائيندو هن شرط جي پوري ٿيڻ کان سواءِ نه معاهدو ڪيو ويندو ۽ نه ئي ورڪ آرڊر جاري ڪيو ويندو.
14. گذريل 3 سالن جا بئنڪ اسٽيٽمينٽ ۽ بئنڪ سولونسي سرٽيفڪيٽ، PEC پاليسي مطابق، ڪيٽيگري C-6 يا ان کان مٿي خاص ڪري 4.0 ملين کان وڌيڪ ڪم لاءِ لائسنس ضروري هوندو.
15. ٽيڪنيڪل پروپوزل جي جانچ لاءِ ايواليوئيشن ڪرائيٽيريا اسڪور بنياد تي هوندي جيڪڏهن آڇ ڏيندڙ ڪنهن به معيار يا ذيلي معيار ۾ 70% اسڪور حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو، ته اهو نااهل قرار ڏنو ويندو
16. ٻيا ضروري اهليتي / لازمي شرط EPADS جي ويب سائيٽ تي موجود آهن.

نمبر	تفصيل	لاڳت (ملين ۾)	ڪال ڊپازٽ	ٽينڊر في	مڪمل ڪرڻ جو وقت
1	ٽائون ڪميٽي سرهاڙي، تعلقو شهدادپور، ضلعي سانگهڙ جي شهيد محترمه بينظير ڀٽو پبلڪ لائبريري جي تعمير	9.413	5%	5000	12مهينا
2	سرهاڙي شاهپور چاڪر ڦاٽڪ روڊ کان سڪندر چاڪي وارڊ نمبر 06، ٽائون ڪميٽي سرهاڙي تعلقو شهدادپور ضلعي سانگهڙ جي روڊ جي ڀيهر مرمت ميل (0.30 KM) 0/0-0/2+330.	14.716	5%	5000	12مهينا
3	سرهاڙي گيبجاڻي ڦاٽڪ روڊ کان ويٽر هائوس ۽ گوٺ صالح جوڻو تائين روڊ جي تعمير، ٽائون ڪميٽي سرهاڙي، تعلقو شهدادپور، ضلعو سانگهڙ ميل 0/0-0/2+280.	18.186	5%	5000	12مهينا
4	ٽائون ڪميٽي سرهاڙي تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ عيدگاهه چوڪ کان ويٽر هائوس وارڊ نمبر 06، ٽائون سيمينٽ پيور بلاڪ فلورنگ جي تعمير.	6.952	5%	5000	12مهينا

نمبر	پيڪيج		ڪٽيل رقم (ملين ۾)	ڪال ڊپازٽ	ٽينڊر في	مڪمل ڪرڻ جو وقت
5	پارٽ ـ اي: آر سي سي پائپ 24 انچ قطر مهيا ڪرڻ ۽ وڇائڻ، جنهن ۾ وارڊ نمبر 01، ٽائون ڪميٽي سرهاڙي ۾ آر سي سي مين هولز جي تعمير شامل آهي.	20.092	52.874	5%	5000	12مهينا
	پارٽ ـ بي: سڪرند چوڪ کان چاڪر چوڪ تائين وارڊ نمبر 01، ٽائون ڪميٽي سرهاڙي ۾ سيمينٽ پيور بلاڪ فلورنگ جي تعمير.	32.782				

ٽائون آفيسر
ٽائون ڪميٽي سرهاڙي

INF/KRY/1501/2026
WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

فريدآباد ويجهو ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي، ڊرائيور فوت، 3 مزدور زخمي

گرڊ اسٽيشن پرسان ٽريڪٽر ٽرالي روڊ ڪناري تان لهي وڃڻ سبب ڪلٽي ٿي پئي

حادثي جي نتيجي ۾ نادر چانڊيو هيليان اچڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو، اسپتال نيندي فوت

ضمير چانڊيو، اختيار ۽ ذوالفقار معمولي زخمي ٿي پيا، ضروري ڪارروائي مڙهه وارثن حوالي

فريدآباد(ن ع) فريدآباد ويجهو گرڊ اسٽيشن پرسان شاهه گوڏيو جي جابلو علائقي سان ريتي ڪڻي ويندڙ ٽريڪٽر ٽرالي مهابوڙ دوران تباهه ٿيل روڊ جي ڪناري تان لهي وڃڻ سبب ڪلٽي ٿي پيو ٽريڪٽر ڪلٽي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

فريدآباد: حادثي جو شڪار ٿيل گاڏي ٻي طرف فوتي جو لاش پيل آهي

جيڪب آباد مان لکين رپين جو چوري ٿيل بارداڻو هٿ، هڪ جوابدار گرفتار

جيڪب آباد (ڊ ر) ٻه ڏينهن اڳ جيڪب آباد جي سٽي ٿاڻي جي حد ڪوئيٽه روڊ تان هوٽو مل جي دڪان جا تالا ٽوڙي چوري ڪيل لکين روپين جو بارداڻو پوليس هٿ ڪري ورتو جيڪب آباد جي سٽي ٿاڻي جي ايس ايڇ او محمد حسن ملڪ پنهنجي ٽيم سان گڏجي ڳجهي اطلاع تي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: پوليس مقابلي ۾ گرفتار ڪيل زخمي جوابدار ديدار سولنگي

ٽنڊوآدم ۾ بدامني ۾ ٺاپر نه آئي، چوري ۽ ڦرلٽ جون وارداتون، پوليس خاموش

عيد گاهه لڳ 3 هٿياربند موهيت يوسفزئي جي دڪان تان ڪي روڪ رقم ۽ سامان ڦري ويا

طور ڪالوني واسي گلزار هڪڙو جي گهران چور الله تاله ٻهاري ويا، پوليس خاموش تماشائي بڻيل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي عيد گاهه لڳ 3 نامعلوم هٿياربند جنرل اسٽور ۾ داخل ٿي دڪان مالڪ موهيت يوسفزئي کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي 50 هزار روڪ ۽ موبائل فون ڦري فرار ٿي ويا جڏهن ته طور ڪالوني مان نامعلوم چور گلزار هڪڙو جي گهر ۾ داخل ٿي پيتا اسٽيبلائزر ڪمپيوٽر ۽ ٻيو سامان چورائي ويا واضح رهي ته ٽنڊوآدم ۾ ڏرهڻ ڪاروايون روز جو معمول بڻيل آهن جنهن ڪري شهري عدم تحفظ جو شڪار آهن بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو مان هٿياربند دڪان تان لکين رپيا ڦري ويا، احتجاج

ڳبول آباد ۾ هٿياربندن پ پ اڳواڻ ڪوڙو خان ڳبول جي دڪان تان 2 لک روڪ ۽ سامان ڦري فرار ٿي ويا

واقعي بعد ڳبول برادري جي سوين ماڻهن ڪوڙو خان ڳبول جي اڳواڻي ۾ جروار ٿاڻي آڏو ڌرڻو هنيو

ڪيس داخل ڪري فوري طور تي جوابدارن جي گرفتاري ڪري ڦريل سامان واپس ڪرايو وڃي: مظاهرين

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو، پي پي اڳواڻ ڪوڙو خان ڳبول جي ڳوٺ چاڪر واري دڪان تان هٿياربندن پاران هٿيارن جي زور تي ڏينهن ڏٺي جو 2 لک روڪ رقم 2 موبائيل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ نوجوان پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش اسپتال داخل

ٽنڊوآدم ڳوٺ حاجي قائم خاصخيلي ۾ نوجوان ميهر ولد رحيم بخش کهڙو مسئلن سبب زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو

مورو: فوت ٿيل شخص جو لاش سنڌس گهر ۾ پيل آهي

ميهڙ ۾ گم ٿيل ٻارڙي جي بازيابي لاءِ سوين شهرين جو پيادل مارچ

اياز ڪالوني کان آزاد پريس ڪلب تائين 5 ڪلوميٽر ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي

سنڌ ۾ ٻارن جي اغوا ڪندڙ گروهه سرگرم آهي، پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام آهي: اڳواڻ

ميهڙ (ن ع) ميهڙ جي اياز ڪالوني مان 6 ڏينهن اڳ گم ٿيل ٻارڙي جو پتو نه پيو پوليس پاران ٻارڙي جي درست اطلاع تي انعام رکڻ ۽ آءِ جي پاران نوٽيس وٺڻ بعد به گم ٿيل ٻارڙي جو پتو ناهي پئجي سگهيو مبينا اغوا ٿيل ٻارڙي جي بازيابي لاءِ نينگري جي والد جي سڏ تي سول سوسائٽي پاران شهري اتحاد جي چيئرمين نياز علي بروڙو، گم ٿيل ٻارڙي جي والد شمس الدين سولنگي ،چاچو اختر سولنگي، ناميارو صوفي فنڪار خالد پنهور، پ ٽ بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

مورو واسي جو گهر مان لاش هٿ، وارثن جو زال تي قتل ڪرڻ جو الزام

پوليس فروٽ منڊي مان 40 ورهين جي جاني حب جو لاش ڪڍائي اسپتال آندو

وارثن پاران زال ثنا عرف غنوا حب تي زهر ڏئي مارڻ جو الزام، پوليس پاران جاچ شروع

مورو (ن ع) مورو شهر جي فروٽ منڊي ۾ مبينا 40 سالا جاني حب کي زهر ڏئي قتل ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي مورو پوليس واقعي واري هنڌ گهر پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي مورو اسپتال آندو جتي پوسٽ مارٽم ڪيو ويو جنهن کان پوءِ خبر پوندي وارثن جو چوڻ آهي ته هن کي گهر واري زهر ڏئي قتل ڪيو آهي ڪافي عرصي کان هنن جو جهيڙو هلندڙ هو ۽ سنڌس گهر واري پنهنجي مڙس جي خلاف رپورٽ داخل ڪرائي هٿي اسان جو همراهه بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

راجوخاناڻي پوليس ڪارروائي، روپوش جوابدار گرفتار، چوري ٿيل سامان هٿ

راجوخاناڻي (ن ع) راجوخاناڻي پوليس ڏوهه نمبر 12/2026 چوري جي ڪيس ۾ روپوش جوابدار محمد اسحاق ملاح ويٺل ڳوٺ منو ملاح راجوخاناڻي کي گرفتار ڪري ريڪانس چوري ٿيل سامان ۽ 330 عدد هٽراڊو گهٽڪا هٿ ڪري جي دعوي ڪئي آهي ، ايس ايڇ او عبدالستار گنبير پنهنجي اخبار سان ڳالهائيندي چيو ته ايس بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

رانيپور: روبينه چانڊيو ۽ نارين جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

رانيپور ۾ خالده چانڊيو جي خون سان انصاف لاءِ ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

مختلف تنظيمن جي ڪارڪنن نماڻو خان سرڪي، غازي علي امداد لاڙڪ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ناحق قتل ڪيل خالده چانڊيو جي قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

رانيپور(ن ع) ڪنڊو مستي جي ڳوٺ ٻنو چانڊيو ۾ ڪاري جو الزام هڻي ٻي درديءَ سان قتل ڪيل 20 سالن جي نياڻي خالده چانڊيو جي قتل ۾ ملوث سڪ جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ وائيس آف رانيپور سول سوسائٽي شهرين سياسي سماجي تنظيمن پاران روڊيرو نماڻو خان سرڪي، غازي علي امداد لاڙڪ ميڊم شاهدان پيلان ڊاڪٽر نظير ڪوڪي الطاف عباسي ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ڪير بازار کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، مظاهرين جي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران مقابلي دوران ٻن ڌاڙيلن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي ڪچي واري علائقي ڪنگري ۽ اڳوا ۾ خيرپور پوليس مقابلي دوران ٻن ڌاڙيلن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پوليس پارٽي کي اطلاع ملي ته نامعلوم ڌاڙيل واردات جي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

هالا پرسان شمائلا چانڊيو قتل ڪيس، امڙ جو انصاف لاءِ احتجاج، ٻه جوابدار گرفتار

شمائلا جي امڙ جو شهر ۾ احتجاج، قاتلن جي گرفتاري ۽ ڦاسيءَ جي سزا جو مطالبو

پوليس ٻن جوابدارن راشد ۽ واجد چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو، جوابدارن پاران ڏوهه جو اعتراف

حيدر چانڊيو شمائلا کي پاڻ وٽ ترسائڻ بعد قتل ڪرايو آهي، ان کي به ڪيس ۾ شامل ڪيو وڃي: راشد چانڊيو

هالا (ت ر) هالا پرسان ڳوٺ نبي بخش چانڊيو ۾ ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪيل ناري شمائلا جي قاتلن کي سزا ڏيارڻ لاءِ سنڌس امڙ مسمات جيڏل پاران هالا شهر جي روڊن تي دانهون - ڳوٺ نبي بخش بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

بدين: ڪارنهن جي الزام ۾ نارين جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

فريدآباد ۾ اجالا پروين جي بازيابي لاءِ سياسي سماجي تنظيمن جو احتجاج

مظاهرين احتجاجي ريلي ڪڍي چنڊڻ موري تي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي نعريبازي

اجالا پروين رستي ويندي گم ٿي وئي آهي جنهن کي 6 ڏينهن گذري ويا آهن:مظاهرين

فريدآباد(ن ع) فريدآباد، 6 ڏينهن اڳ ميهڙ مان پراسرار طور گم ٿيل ميهڙ واسڻ معصوم نينگري اجالا پروين سولنگي جي بازيابي لاءِ فريدآباد جي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ڪامريڊ انور ملاح صحافي ظفر سولنگي صحافي سينگار چانڊيو ،سعد الله چانڊيو،شاعر جاني غفور چنو انمول رياض سنڌي رئيس نياز علي سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ چنڊڻ موري تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

فريدآباد: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

خانپورمهر ويجهو هٿ آيل نوجوان جي لاش جي سڃاڻپ نه ٿي، انتظاميا جنازي نماز بعد مقامي قبرستان ۾ دفنايو

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر ويجهو ڦر واري ريگستاني علائقي مان هٿ آيل نامعلوم نوجوان جي گولي لڳل لاش واري معاملي ۾ پوليس طرفان وڌيڪ ڪارروائي مڪمل ڪئي وئي آهي پوليس موجب گذريل بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ خالده چانڊيو، شمائلا چانڊيو ۽ فهميده لغاري جي قتل احتجاجي مظاهرو

جي ڊبليو سي پاران پريس ڪلب کان ڊي سي چوڪ تائين ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي

ڪارنهن جي ڪڌي رسم جي نالي تي نياڻين جو قتل عام ٿي رهيو آهي: مظاهرين

جيڪب آباد (ڊ ر) سنڌ جي مختلف علائقن ۾ قتل ٿيل خالده چانڊيو شمائلا چانڊيو ۽ فهميده لغاري جي خون سان انصاف نه ٿيڻ واري عمل خلاف جيڪب آباد ۾ جرنلسٽس رائيٽرس سول سوسائٽي (جي ڊبليو سي) پاران پريس ڪلب جيڪب آباد کان ڊي سي چوڪ تائين احتجاجي جلوس ڪڍيو ويو بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ويجهو پوليس ڪارروائي، هڪ چٺو گرفتار، منشيات هٿ

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو پوليس جي ڪارروائي . هڪ چٺو گرفتار . وڏي تعداد ۾ منشيات هٿ . ڪيس داخل خبر موجب ٽنڊوالهيار ويجهو لنڪ روڊ ٽنڊوالهيار شگر مل وٽ سنجرچانگ پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي هڪ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ نياڻين جي قتل خلاف احتجاجي ريلي، انصاف ۽ تحفظ لاءِ سخت مطالبا

جي ڊبليو سي جي سڏ تي سول سوسائٽي، صحافين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جو پيادل مارچ

خالده، شمائلا چانڊيو ۽ فهميدا لغاري جو قتل انسانيت جو ڪنڌ شرم سان جهڪائي ڇڏيو:مظاهرين

اسيمبلي ۾ اهڙي قانون سازي ڪئي وڃي جنهن سان سنڌ جي نياڻين کي قانوني طور تحفظ فراهم ٿي سگهي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ جي مظلوم نياڻين جي قتل واري واقعن خلاف جي ڊبليو سي پاران سول سوسائٽي ، صحافين جو گڏيل احتجاج ، جلوس ، پيادل مارچ ، مظاهرو، خبر موجب بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

قلجي اسٽيشن: زخمي نوجوان اسپتال ۾ موجود آهن

قلجي ويجهو پنهور برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 3 زخمي، اسپتال منتقل

قلجي اسٽيشن (ن ع) قلجي اسٽيشن ويجهو ڳوٺ فضل ڪندي ۾ پنهور برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ ڏنڊن ۽ سروڪن جو آزادانه استعمال ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 3 ڄڻا ڪاشف عرف ڪاشي پٽ شمس الدين پنهور عامر پٽ محمد سڄڻ پنهور ۽ علي گل پٽ ارباب پنهور سخت زخمي ٿي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس استادن جو 301 هين ڏينهن به احتجاج جاري

اميدوارن اياز مگسي، ضياءُ الرحمان ڦليوٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سمورن سنڌ جي آءِ بي اي جي 40 پلس ويٽنگ اميدوارن کي فوري طور ڀرتي ڪيو وڃي

خيرپور (ڊ ر) آءِ بي اي PST/JEST +40 ويٽنگ استاد اميدوارن (ميل توڙي فيميل) جو پرامن احتجاج اڄ 301هين ڏينهن ۾ داخل ٿي ويو آهي. لڳ ڀڳ ڏهه مهينا گذرڻ باوجود به سنڌ جي نوجوانن ۽ نياڻين بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: پوليس جي ڪاروائين ۾ هٿ آيل ايراني تيل ۽ ٻيو سامان

جيڪب آباد: جي ڊبليو سي پاران نارين جي قتل خلاف ۽ جوابدار جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور پرسان هٿياربندن جي گهر تي فائرنگ، عورت مرٽينگ اسپتال منتقل

نامعلوم جوابدارن ظهير لانگاهه جي گهر تي فائرنگ ڪري فرحانه کي زخمي ڪيو

پراڻي تڪرار تان زخمي عورت اسپتال داخل ڪرائي وڌيڪ جاچ ڪريون پيا: پوليس

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان نامعلوم جوابدارن ظهير لانگاهه جي گهر مٿان فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ مسمات فرحانه زال آڪاش لانگاهه سخت زخمي ٿي پئي جوابدارن گهر مٿان چٽي فائرنگ ڪري اسان جي عورت کي زخمي ڪيو آهي پوليس اطلاع باوجود دير سان پهچڻ ڪري هٿياربند فرار ٿي ويا لانگاهه برادري جي ماڻهن جو چوڻ ۾ پراڻو تڪرار هلندڙ آهي جنهن تان جوابدارن فائرنگ ڪري عورت کي زخمي ڪيو آهي جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو

ڪلوئي ۾ نينگر سان زيادتي معاملو، جرڳو، جوابدار جو پاءُ آزاد

ٽي ڏينهن گذرڻ باوجود جوابدار گرفتار نه ٿيو، 3 لک ڏنڊ تي مبينا جرڳو

ايس ايڇ او ڪلوئي مبينا 50 هزار رشوت وٺي جوابدار جي پاءُ کي آزاد ڪري ڇڏيو

نينگر سان ظلم ٿيو، ڪير پلئه لاءِ تيار نه هو معززن جي مجبور ڪرڻ تي هٿ پيو ڪئان:گلاب لنڊ

ڪلوئي (ن ع) ڪلوئي ۾ ڪي ڏينهن اڳ ڪتابي نينگر سان مبينا بدفعلي ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيو3 لک ڏنڊ عيوض مبينا جرڳي عورتن جو ميڙ منٽ قافلو جو به شرط رکيو ويو جڏهن ته ايس ايڇ او ڪلوئي سراج ساند پاران ڪيس داخل ڪرڻ بجاءِ جوابدار جي گرفتار پاءُ کي مبينا 5,0000 رشوت وٺي آزاد ڪري ڇڏيو ياد رهي ته ڪي ڏينهن اڳ ڳوٺ موڙو لنڊ ۾ گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ڪلوئي جي اردو عربي ٽيچر عبدالعزيز لنڊ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو: دڪان مان ڦر ٿيڻ خلاف ٿاڻي آڏو احتجاج ڪيو پيو وڃي

اسلام ڪوٽ جي پاڻي جي تلاءِ مان مئل ڪتو هٿ، علائقي ۾ ڇڪتاڻ

تلاءِ مان ڪتو نڪرڻ بعد عملي پاران ڳجهي نموني دفن ڪرڻ جي ڪوشش، تصويرون وائرل

پاڻي معاملي ۾ لاپرواهي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي: نندلال مالهي

ننون ڪوٽ (ن ع) ننون ڪوٽ پرسان ٿرپارڪر جي نمن واري شهر اسلام ڪوٽ سميت سوين ڳوٺن کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪندڙ پبلڪ هيلٿ کاتي جي تلاءَ مان مئل ڪتو هٿ اچڻ بعد علائقي ۾ سخت بيچيني پکڙجي وئي آهي تفصيل موجب ٿرپارڪر جي نمر واري شهر اسلام ڪوٽ سميت سوين ڳوٺن کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪندڙ تلاءَ مان پاڻي ڀرڻ لاءِ ويل هڪ شهري تلاءِ ۾ مئل ڪتو ڏسي فوري طور تي عملي کي اطلاع ڪيو جنهن بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور واسي جو گهرواري ۽ ٻارن جي اغوا خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

باٿر جوابدار زال سهڻي ۽ ٻن معصوم ٻارن کي اغوا ڪري ويا آهن: ساجن سولنگي

اين سي داخل ڪرائڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار نٿي ڪري، انصاف ڪيو وڃي

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي ٻي سيڪشن ٿاڻي جي حد ▯ آباد ڪالوني ۾ رهواسي ساجن سولنگي پاران پنهنجي گهرواتين جي مبينا اغوا خلاف احتجاج ڪيو ويو ساجن سولنگي جو چوڻ آهي ته لڳ ڀڳ هڪ مهينو اڳ نامعلوم جوابدار سنڌس گهر ۾ گهڙي زبردستي سنڌس گهرواري سهڻي خاتون سولنگي ۽ ٻن معصوم ٻارن 5 ورهين جي بسما ۽ 4 ورهين جي بلاول سولنگي کي اغوا ڪري کڻي ويا آهن الزام هنيو ته واقعي ۾ عبدالستار عبدالسميع بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ قومي ڪارڪنن جي جبري گمشدگين خلاف احتجاجي ريلي

مظاهرين سارنگ جويو سهڻي جويو، غني امان چانڊيو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اڳواڻن علي محمد جوڳي، رضوان ميمڻ ۽ ٻين ڪنهن گم ڪيلن کي آزاد ڪيو وڃي

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌين نيشنل ڪانگريس جي مرڪزي سڏ تي ڄامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب اڳيان قومي ڪارڪنن جي جبري گمشدگين خلاف سارنگ جويو سهڻي جويو غني امان چانڊيو محب آزاد جي اڳواڻي ۾ شهر ڪان احتجاجي ريلي ڪڍي مختلف علائقن جو گشت ڪرڻ بعد ڪنهي گم ڪيلن جي آزاد لاءِ نعريبازي ڪرڻ بعد احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌين نيشنل ڪانگريس جي مرڪزي اڳواڻن علي محمد بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: گم ٿيلن جي بازيابي لاءِ قومپرست ڌرين پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ۾ نياڻين جي قتل خلاف جي ڊبليو سي جي احتجاجي ريلي

سول سوسائٽي، صحافين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن مارچ ڪري نعريبازي ڪئي

سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جي ڪڌي رسم جي نالي ۾ نياڻين جو قتل ڪيو پيو وڃي:مظاهرين

سنڌ کي پوتارن جي حوالي ڪيو ويو آهي پوليس پوتارن جي ونگارو بڻيل آهي

بدين(ڊ ر) جي ڊبليو سي جي مرڪزي سڏ تي ميرپور خاص ، ٽنڊو مستي ۽ هالا ۾ نياڻين جي قتل خلاف بدين ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ بدين جي سياسي، سماجي تنظيمن جي اڳواڻن توڙي صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، مظاهري کي خطاب ڪندي جي ڊبليو سي بدين جي اڳواڻ عبدالشڪور ميمڻ ايس ٽي پي جي علي حيدر پنهور قومي عوامي تحريڪ جي عبد▯ چانڊيو سورمي سٽ جي عابده بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي خيرو ۾ بدامني خلاف جي يو آءِ جو احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

مظاهرين شهدادڪوٽ-ڳڙهي خيرو روڊ تي احتجاجي ڌرڻو هنيو، ٽريفڪ معطل

هٿياربند عبدالخبير ۽ غلام سرور بروهي کان موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦر ڪري ويا

اختيارين فوري طور تي جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦريل ڪيل سامان واپس ڪرائين

ڳڙهي خيرو(ن ع) ڳڙهي خيرو ٿاڻي جي حد سان شهدادڪوٽ روڊ تي نامعلوم هٿياربندن ميروخان واسين عبدالخبير ۽ غلام سرور بروهي کي يرغمال بڻائي 2019 ماڊل سي ڊي موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا، واقعي خلاف مظاهرين پاران جي يو آءِ سالار حاجي رستم بروهي، حاجي رياض بروهي، حسين بخش بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جاءِ واردات شهدادڪوٽ- ڳڙهي خيرو روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب آيندڙ ويندڙ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي خيرو: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

ماروي مسافر ٽرين بند، پٿورو سميت ڪيترائي اسٽيشن ويران، عوام پريشان

خساري ڄاڻائي ٽرين بند، هزارين مسافر سستي سفر جي سهولت کان محروم

بسن ۾ ڊبل ڀاڙا، غريب عوام لاءِ سفر ڏکيو بڻجي ويو آهي: شهري

پٿورو(ن ع) حيدرآباد کان ڪوکراپار تائين هلندڙ ماروي مسافر ٽرين جنهن کي گذريل هڪ مهيني کان خسارو ڄاڻائي بند ڪيو ويو آهي جنهن جي ڪري پٿورو سميت مختلف اسٽيشنون ڍورنارو شادي پلي چور بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

خيرپور اسپتال منڪي پاڪس شڪ ۾ زال مڙس ٻن ٻارن سميت داخل

آئسوليشن وارڊ ۾ نادر پهوڙ ۽ سنڌس زال بشيران آئسوليٽ ڪيو ويو آهي

ڊاڪٽرن جي نااهلي سبب ٻن ٻارن کي صحتمند هجڻ باوجود وارڊ ۾ رهايو ويو آهي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور سٽي اسپتال خيرپور جي ڊاڪٽرن جي نااهلي سامهون آئي آهي شڪي زال مڙس سنڌن 2 ٻارڙا به گڏ وارڊ ۾ منڪي پاڪس ۾ مبتلا ٿيڻ جو خدشو خيرپور سٽي اسپتال خيرپور جي ڊاڪٽرن جي نااهلي سامهون آئي آهي اسپتال جي قائم ڪيل آئسوليشن وارڊ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سنڌ حڪومت گونگي ٻوڙي آهي، جي يو آءِ هميشه ڌاڙيلن خلاف آواز اٿاريو:راشد محمود سومرو

منهنجي والد کي 13 سال گذري ويا پر اڃا انصاف نه مليو، عدالتن کي گهرجي ته تڪڙو انصاف ڏنو وڃي

سنڌ ۾ فنڪشنل ليگ ۽ ٻن تنظيمن سان ڳالهيون هلي پيون، منظهر عباسي اڳ به اتحادي آهي

آءِ ايم ايف چوڻ تي مانگهائي ڪئي ويندي آهي، ايران کان تيل خريد ڪيو وڃي ها ته اڄ پيٽرول سستو هجي ها

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ الحافظ شادي حال ۾ جي يو آءِ جي صوبائي امير علامه راشد محمود سومرو پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته تعلقه ڪنڌڪوٽ ڪشمور تنگوائي جو اهم اجلاس ٿيو هن چيو ته بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: جي يو آءِ اڳواڻ ڪارڪنن کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٺيڙو سعيد خان ويجهو ويگن ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب هڪ نوجوان فوت ٻيو زخمي

ڪريش پلانٽ ويجهو پيش آيل حادثي ۾ 18 ورهين جي ظهور مگسي ٿڏي تي دم ڏئي ڇڏيو

حادثي ۾ زخمي 35 ورهين جي سڪندر علي مگسي ۽ لاش کي پوليس ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو

زخمي سڪندر مگسي کي نازڪ حالت ۾ علاج لاءِ لاڙڪاڻي نيو ويو، لاش ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

ٺيڙو سعيد خان (رپورٽ فراز نظير ڪوسو) ٺيڙو سعيد خا ن. ربيع پل ٿاڻي جي حد ڪريش پلانٽ ويجهو خضدار طرف ويندڙ ويگن ۽ موٽر سائيڪل ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٽڪر جي نتيجي ۾ 18 بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

چمبڙ: زخمين کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

چمبڙ ويجهو ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، ٻه ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

چمبڙ (ن ع) چمبڙ ويجهو مين ٽنڊوالهيار کان چمبڙ روڊ بلال ڪاليج اڳيان ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو نتيجي ۾ ٻه ڄڻا سڪندر پٽ پهيمون ۽ گلزار پٽ لونگ ڳوٺ عرفان گل مگسي جا رهواسي سخت زخمي ٿي پيا، زخمين کي چمبڙ پوليس کڻي رورل هيلٿ سينٽر چمبڙ آندو جنهن بعد زخمين کي طبي امداد بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو واسي شاگرد مبينا طور ڪنپجي ويو، والد جو احتجاجي مظاهرو

پٽ وسيم کي قومي شاهراه تان سادن ڪپڙن ۾ پهريل هٿياربند کڻي ويا آهن: ظفر

اعلي عملدار نوٽيس وٺي بناجواز ڪنپجي ڪنيل پٽ کي آزاد ڪرائي انصاف فراهم ڪن

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو قومي شاهراه پرسان ڪنڊيارو شهر واسي نوجوان مبينه ڪنپجي ويو ڪنپيل نوجوان جو ڪوبه پتو نه پئجي سگهيو نوجوان جي والد ظفر ڪلهوڙو احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو ته پٽ وسيم ڏهين ڪلاس جو شاگرد آهي جنهن کي قومي شاهراه تان سادن ڪپڙن ۾ پهريل هٿياربند کڻي ويا آهن هن چيو ته پٽ جو ڪوبه ڏس پتو ناهي هن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته پٽ وسيم ڪلهوڙو کي بازياب ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

دادو: فوت ٿيل ناري جو لاش سنڌس گهر ۾ پيل آهي

دادو ۾ گهرو اڻبڻت تان ناري ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

دادو(ڊ-ر) دادو بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي، جتي گهر اندر ڪمري جي ڇت سان هڪ نوجوان ناري جو ڦاهو کاڌل لاش هٿ آيو بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

لمس اسپتال ۾ جوابدار عورتن جي وارڊ ۾ داخل ٿي مريضن سان ڇيڙڇاڙ، احتجاج

جوابدارن وارڊ نمبر 3 ۾ داخل مريض عورتن سان حراس مينٽ ۽ بداخلاقي ڪئي آهي: مظاهرين

واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي

ڄامشورو (ڊ ر) اسپتالن ۾ مريض ٻه غير محفوظ، ڄامشورو جي لمس اسپتال انتظاميا جي ۽ سيڪيورٽي جي نااهلي سبب رات دير سان 2 نامعلوم جوابدار بنا خوف جي عورتن جي وارڊ نمبر 3 ۾ داخل ٿي ويا ۽ علاج هيٺ موجود بيوس مريض عورتن سان مبينا طور حراس مينٽ ۽ بداخلاقي ڪئي وئي هن شرمناڪ واقعو اسپتال اندر سيڪيورٽي انتظامن جي ڪمزوري جو ڪليل ثبوت آهي جنهن سبب مريض عورتون خوف ۽ هراس ۾ مبتلا ٿي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ روبينه چانڊيو، ڊاڪٽر فهميده ۽ شمائلا چانڊيو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

مختلف تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن ظفر ابڙو، رزاق مسڻ، عبدالقادر جاگيراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جي ڪڌي رسم تحت نياڻين کي قتل واقعن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌ ٿي رهي آهي: اڳواڻ

قتل ٿيندڙ نياڻين جي ايف آءِ آر رياست جي فرياد تي داخل ڪري جوابدارن کي سخت کان سخت سزائون ڏنيون وڃن

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ جي ڊبليو سي جرنلسٽس رائيٽرس سول سوسائٽي فار ڪرٽ پيس اينڊ جسٽس مرڪز جي سڏ تي ٽنڊو مستي ۾ ڪارنهن الزام هيٺ قتل ٿيل نياڻي خالده عرف ريٽ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

شڪارپور پوليس پاران ڌوڙاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي

ٽرٽن جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي ته ڌاڙيلن فائرنگ ڪري ڏني: پوليس

جوابي فائرنگ ۾ ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل گل محب جتوئي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

لکي غلام شاهه(ن ع) شڪارپور پوليس ڌوڙارين جي گرفتاري لاءِ سنڌن گهرن تي چڙهايون ڪري ڏنيون مقابلي دوران هڪ مبينا ڌوڙاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي شڪارپور ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس ڌوڙارين جي گرفتاري لاءِ لکي غلام شاهه لڳ ٽرٽن جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري ڏني جنهن دوران ڌوڙارين ۽ پوليس وچ ۾ فائرنگ ٿي مقابلي دوران گوليون لڳڻ سبب مبينا هڪ ڌوڙاري گل محب عرف مير پٽ رزاق ٽرٽ جتوئي زخمي ٿي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه: زخمي شخص اسپتال ۾ داخل آهي

ٽنڊو غلام علي: پوليس پاران پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪندڙن کي گرفتار ڪيو پيو وڃي

خيرپور واسين جو پاران باٿرن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ خانڻ شاهه ڪالوني جي رهواسين رحمان ڪوڪر ۽ مسمات رشيده ڪوڪر پاران باٿرن جي زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ۽ باٿرن جي زيادتين خلاف دانهيندي چيو ته باٿر جوابدار سنڌن گهر تي چڙهائي ڪري پچ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوغلام علي ۾ پرياسي نوڪرين نه ملڻ خلاف احتجاج، 7 ڄڻا گرفتار

نوڪرين ۾ ويساهه گهاتي خلاف ڪئمپ لڳائي جيڪا پوليس پٽي ڪئي وئي:مظاهرين

مظاهرن ۽ ڌرڻن تي سنڌ حڪومت پابندي آئيڊ ڪري ڇڏي آهي: پوليس

ٽنڊوغلام علي(ن ع) ٽنڊوغلام علي ۾ پرياسي جي نوجوانن پاران نوڪرين نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج 7 ڄڻا گرفتار خبر موجب ٽنڊوغلام علي ۾ عوامي ايڪشن جي سڏ تي نوڪرين نه ملڻ خلاف نوجوانن پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو جي اڳواڻن سجاد شاهه اويس خاصخيلي راڄا آريسر عمران ڪنبر ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو ته ميرٽ جي لتاڙ ڪئي وئي آهي ۽ حقيقي نوجوان کي نوڪريون نه ملي رهيون آهن ۽ اسان جي پرامن احتجاج مان ٽنڊو بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

راڄوخاناڻي ۾ ڳوٺاڻي جو باٿر جي ظلم خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جو مطالبو

راڄوخاناڻي (ن ع) پريس ڪلب راجوخاناڻي تي ڳوٺ خدا بخش جمالي جي رهواسين حافظ فياض احمد جمالي ۽ سنڌس زخمي ٿيل پاءُ محمد سليم جمالي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته سنڌس ڳوٺ جو باٿر محمد اسلم جمالي جيڪو اسان کي سرڪاري پنهه تان لڏائڻ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو پوليس پاران مقابلي ۾ ٻن ڌوڙارين کي ماري هٿيار ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪرڻ جي دعوي

جمالي لاڙي وٽ مقابلي دوران ڌوڙاري قربان سنجراڻي ۽ ياسين مهيسر مارجي ويا: ايس ايس پي

مارجي ويل ڌوڙارين وٽان هٿيار ۽ موٽرسائيڪل پڻ هٿ آئي آهي، سنڌن خلاف 30 کان وڌيڪ ڪيس داخل ٿيل آهن

اسان جو نوجوان موٽرسائيڪل جو مستري هيو، ڪيس ڪراچي مان گرفتار ڪري ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي ماريو آهي: وارث

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس جي مبينا مقابلي ۾ ٻن ڌوڙارين کي ساري هٿيار ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪرڻ جي دعوي مارجي ويل ويل مبينا ڌوڙاري قربان سنجراڻي جي وارثن مقابلي کي جڙتو قرار بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ روبينه، شمائلا چانڊيو ۽ ڊاڪٽر فهميده ۽ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

جي ڊبليو سي جي مرڪزي سڏ اسماعيل باريجو علي ڪوسو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

واقعن جي شفاف جاچ ڪرائي جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) جي ڊبليو سي جي مرڪزي سڏ تي، ٽنڊو مستي جي خالده چانڊيو، هالا ۾ قتل ٿيل شمائلا چانڊيو ۽ ميرپورخاص جي ميڊيڪل شاگردياڻي فهميدا لغاري جي خون سان انصاف لاءِ اڄ ڄامشورو ضلعي جي حيدرآباد شهر ڪوٽڙي ۾ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ڄامشورو ايٽ ڪوٽڙي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي جي ڊبليو سي جي اڳواڻن اسماعيل باريجو علي ڪوسو، پرويز دل سميع علي، بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

راضيديرو: ڪراچي مان ڦر ٿيل ڪار جيڪا پوليس قبضي ۾ ورتي

راضيديرو لڳ سي آءِ اي پوليس پاران ڪراچي مان چوري ٿيل ڪار هٿ ڪرڻ جي دعوي

راضيديرو(ن ع) گذريل رات جو ڪراچي جي شهر سچل ڳوٺ مان نامعلوم هٿياربندن جي ڪراچي جي شهري عماد سليم کان ڪار ڦر ڪري فرار ٿي ويا جنهن جو بروقت اطلاع خيرپور جي پوليس کي ڊيارپو ويو ان دوران خيرپور جي پوليس الرٽ ٿي وئي ۽ ناڪابندي ڪري ايندڙ ويندڙ ڪارن جي تلاشي ورتي ان دوران ڪراچي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي : نارين جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ جي ڊبليو سي جو نياڻين جي تحفظ لاءِ احتجاجي مارچ، ڌرڻو

مظاهرين نيو چونڪ کان پريس ڪلب تائين مارچ ڪري نعريبازي ڪئي

سنڌ عورتن لاءِ غير محفوظ آهي، قانون تي عمل نه ٿيڻ سبب قتل وڌي ويا آهن:مظاهرين

دادو(ڊ ر) سنڌ جي نياڻين نماڻين کي بگهڙن کان بچائڻ ۽ قاتلن کي ڪيفري ڪردار تائين پهچائڻ لاءِ جي ڊبليو سي جي سڏ تي نيو چونڪ کان مارچ ڪري پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو احتجاجي مارچ ۾ سياسي، سماجي ادبي ٽريڊ يونين جي اڳواڻن استادن شاگردن وڪيلن ڊاڪٽرن صحافين، ليکڪن سميت مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن جي شرڪت جتي اڳواڻن بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

مسوبرڳڙي لڳ پورهيت جي گهر کي باهه، الهه تلهه سڙي

مسوبرڳڙي (ن ع) مسوبرڳڙي لڳ ڳوٺ جاڙو خان ڪوسو ۾ پورهيت محب علي ڪوسو جي گهر کي اوچتو باهه وڪري وئي الهه تلهه سڙي رک گهر کي باهه لڳڻ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ روبينا چانڊيو، فهميده لغاري ۽ شمائلا چانڊيو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

مظاهرين شوڪت نوناري ، سيد جعفر علي شاهه، شائسته بلوچ ، مظفر حسين عباسي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جي ڪڌي رسم جي الزام هيٺ هر روز نياڻين کي تشدد ڪري مارڻ وارا واقعا وڌي ويا آهن: مظاهرين

سمورن واقعن جو ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي ، ٻئي صورت ۾ تحريڪ هلائينداسين

خيرپور (ڊ ر)ٽنڊو مستي ۾ بيدردي سان قتل ٿيل ، خالده عرف روبينا چانڊيو ، ميرپورخاص جي فهميداء لغاري ۽ هالا ۾ شمائلا چانڊيو جي ٿيل ناحق خون جي انصاف ڏيارڻ لاءِ سوشل ورڪرن پاران مريم ٽوپ تي احتجاجي مظاهرو قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي، مظاهرين جي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد پوليس جي ڪارروائي، زخمي حالت ۾ هڪ جوابدار گرفتار

مملِ ڦاٽڪ وٽ ڏوهه جي ارادي بيٺل جوابدارن پوليس کي ڏسي فائرنگ ڪئي

جوابي فائرنگ ۾ جوابدار ديدار سولنگي زخمي ٿي پيو سنڌس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي پوليس مبينه مقابلي دوران هڪ ڌوڙاري ديدار پٽ عبدالله سولنگي کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي پوليس گرفتار ڪيل زخمي جوابدار کي سول اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران جوابدار کي طبي امداد ڏني وئي پوليس پاران جاري ڪيل بيان ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته صدر ٿاڻي جي حد مملِ ڦاٽڪ پرسان جوابدار ديدار بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: ايس ايس پي ڄامشورو پوليس عملدارن سان ڳالهائي رهيو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.